# سنڌيت جو سفر

## سنڌيت جي هلچل
## ٦٠ سالن جو
## مختصر اِتهاس


کيرت ٻاٻاڻي

هري پنڪج - موهن گيهاڻي



اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا

جئپور - مُمبئي

# "SINDHYAT JO SAFAR"

*(Travails of Sindhi Community)*

(The Struggle History of Migrant Sindhi Communi after independance, 1947)

Writers : **Kirat Babani**
**Hari Pankaj** (Sundrani)
**Mohan Gehani**

DTP : Kamal Jhamtani
Ulhasnagar - 421 003.

Photo Gallery : Jairam Rupani

Printed by : Sudha Offset & Graphics
Prince Market, Ulhasnagar - 421 003.

Cover Design : Ms. Prerna Shrimal

Calligraphy : Dr. Prem Jethmalani

Price : Rs. 300/- November 2007

Published By : **Sunder Agnani - (President)**

*Akhil Bharat Sindhi Boli Ain Sahit Sabha*
A-26, Saket Colony, Adarsh Nagar,
JAIPUR - 302004 & Mumbai - 400 052
Phones : (O) 0141-2612784 (R) 2651747 Fax: 2604161
Email : sunderagnani@hotmail.com
Website : www.sindhisahitsabha.com

Go to the Index Page and Click the chapter you wish to read.

# فهرست

صفحو


سنڌي قومي ترانو

اُوهين سنڌي آهيو؟

پرتگيا پتر

ڪجهه اَسان طرفان

''سنڌيت جو سفر'' ۱۳

سيا جو هڪ ڪامياب ڏهاڪو (۱۹۹۷-۲۰۰۷) ۱۵۱

سيا جو جوڙجڪ ۱۵۹

سنڌين طرفان پڌرنامو ۱۷۱

اَکل ڀارت سنڌي سميلن ۱۷۳

اَکل ڀارت سنڌي ليکڪ سيمينار ۽ ناٽڪ اُتسوءَ ۱۷۴

''سهڻا سنڌي'' اِنعامي جلسا ۱۷۵

اِنعام ۽ همٿائيندڙ ۱۷۶

۲۰۰ Appendix V 1989 Prime Minister (Shri Rajiv Gandhi)

۲۰۹ Appendix IV 1980 Charter of Demands to All Parties

۲۱۷ Appendix III 1972 Education Minister (Dr. S. Nural Hassan)

۲۱۹ Appendix II 1966 Prime Minister (Smt.Indra Gandhi)

۲۲۵ Appendix I 1965 Prime Minister (Shri Lal Bahadur Shastri)

فوٽو گئلري ۲۲۶

# سنڌي قومي ترانو

آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي،
ءَ خاڪ کي سون بنائڻ وارا سنڌي...

(۱) شاهہ، سچل، ساميءَ جي ورثي وارا،
نس نس ۾ جنجي وهي ٿي سنڌو ڌارا،
ٿي رهن ملير ۾ ماروئڙا،
جهر ءَ جهنگل ۾ جهانگيئڙا،
برپٽ ۾ باغ لڳائڻ وارا سنڌي...

(۲) موهن جي دڙي جيان دبجي اوچا رهندا،
طوفان، زلزلا، سوڙ ءَ سختيون سهندا،
هيمونءَ جيان ڦاسي کائيندا،
تہ بہ مرڪي مرڪي ڳائيندا،
هي ڪڏندي ڪنڌ ڪپائڻ وارا سنڌي...

(موتي پرڪاش)

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ءَ ساهت سڀا طرفان مقرر ڪيل

From the Library of
A. J. UTTAM
12-B/2, Jethibhen Society,
Mahim, Mumbai - 400 016. (INDIA)
Tel. : 91-22-24441130 / 24464941
www.sundriuttam.com
Email : jaisindh@vsnl.com

# اَوهين سنڌي آهيو ؟

- اَوهين پنهنجي گهر ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهيو؟
- اَوهين پنهنجن ٻارن کي سنڌيءَ ۾ سکيا ڏيندا آهيو يا گهر ۾ سنڌي سيکاريندا آهيو؟
- اَوهين سنڌي ڪتاب خريد ڪندا ۽ پڙهندا آهيو؟
- اَوهين سنڌي ناٽڪ ۽ فلمون ڏسندا آهيو؟
- اَوهين چيٽي چنڊ جي ميلي ۾ شامل ٿيندا آهيو؟
- اَوهين پنهنجي نئين نسل کي سنڌ جي يادگيري ڏياريندا آهيو؟
- اَوهين پنهنجن ٻارن کي سنڌي پروگرامن ۾ وٺي ويندا آهيو؟
- اَوهين سنڌي سنستائن کي پنهنجي شڪتيءَ آهر مدد ڪندا آهيو؟
- اَوهين سنڌي متن مائٽن کي سنڌيءَ ۾ خط لکندا آهيو؟
- گهر ۾ شادي وغيره جا ڪارڊ سنڌيءَ ۾ ڇپائيندا آهيو؟
- اَگر اِئين نه ڪندا آهيو ته پوءِ سنڌي ڪيئن آهيو؟

# پرتگيا پتر

مان سنڌو ماتريءَ ۽ موهن جي دڙي جي سڀيتا جو وارث آهيان. مون کي پنهنجي جنم ڀومي، پنهنجي سنسڪرتي ۽ پنهنجا ماڻهو ساهه کان به وڌيڪ پيارا آهن.

منهنجو وشواس آهي ته مونکي هڪ شاندار سڀيتا، مائدار ٻولي، نرالي لپي، انوکي ڪلا ۽ اعليٰ ساهت پنهنجن وڏن کان ورثي ۾ مليا آهن، جن کي سلامت رکڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان.

مان پرڻ ٿو ڪريان ته پنهنجن ٻارن کي سنڌي سيکاريندس، انهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندس ۽ جڏهن به ڪنهن سنڌيءَ سان ڳڏبس ته 'جئه سنڌي' چئي سواگت ڪندس.

آکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان مقرر ڪيل

## ڪجهه اَسانجي طرفان....

حقيقت ۾ هيءَ دستاويزي ڪتاب شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو جوڙيل آهي جيڪو شروعات کان وٺي ''ساهت سڀا'' سان وابسط پئي رهيو آهي ۽ ڪيس سڀا جي اَندرين-ٻاهرين ڄاڪوڙن جي پوري پوري ڄاڻ آهي. هن پنهنجي يادگيريءَ جي آڌار تي سنڌونگر سميلن تائين لکي پورو ڪريو پر ڪن اَڻٽر سببن ڪري اِهو سلسلو اڳتي وڌي نہ سگهيو.

اَڄ ۽ ڪالهہ جي ڳالهہ ڪيس ياد رهي يا نہ رهي پر سندس برين ڪامپيوٽر(Brain Computer) ۾ هرڪا گهٽيل گهٽنا، ماڻهو، جڳهون ۽ حالتون چٽي طرح چپيل رکيون آهن. صرف بٽڻ دٻائڻو آهي ۽ سوال پڇڻو آهي. جواب هڪيو تڪيو حاضر ٿي ويندو! اُن کي پشتي ڏيڻ لاءِ ڪيترائي دستاويز لکپڙه جا فائيل، جداجدا اُتسوَن جا سووينير، فوٽا ۽ ٻيا مددي ضرورت وارا ساڌن موجود آهن.

ساهت سڀا جي هن تواريخ لکڻ جو ڪم ''سنڌيت جي هلچل'' جي چئن پيل-پاون، ڪيرت، مالهي،اُتم ۽ پوپٽي مان هڪ ٿي هئو. هرڪو اُپرڪي رهيو هو تہ اِهو ڪم هٿ ۾ ڪٽندو. سنڌي ساهت جو ڪهاڻي ۽ ناول سمرات گوبند مالهي اَڄ جي سنڌي چارڻن، ڀڳونتي ناواڻي، سترام روهڙا ۽ ٻين ڳايڪن جي ٽولي ناهي شهر-شهر ۾ سنگيتمئہ وندر جا پروگرام ڏيندي سنڌيت جو سنديش ڦهلائيندو هو تہ ڪيرت ٻاٻاڻي سڄي هلچل جي، رهنما جي حيثيت ۾ نظرثاني ڪندي اِسٽيج ۽ مائيڪ سنڀاليندو هو ۽ ڪماري پوپٽي هيرانندڻي سيني ۾ اُتساه ڦوڪيندي ڪڏهن ڪڏهن جهانسيءَ جي راڻيءَ جو جوشيلو روپ بہ اَختيار ڪندي هئي.

پر اِها حقيقت آهي تہ ڪابہ جنگہ جنرل ڪونہ کٽندا يا هارائيندا آهن. اُهي سولجر ئي کٽ يا هار جا باني ٿيندا آهن. سنڌيت جي هن جنگہ ۾ آسن جي. اُتم هڪ جبرو سولجر هو جيڪو هر چئلينج کي مڙس ٿي منهن ڏيندو هو ۽ اِنتظامي ڪڙائيءَ سان

ساڻين کان ڪم وٺندو هو. پر جي ڪڏهن ڪو گسندو هو ته، تتي-ٿڌي، ڏک-سک هڪ ڪري هو پاڻ ٻانهون ڪنجي ٻيهندو هو. هن اِتهاس لکڻ جو ذمون ٻه آخر ۾ هن صاحب ڪنيو هو.

گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي ۽ آخر ۾ اُتم، قدرت جي اڳيان مجبور ۽ لاچار ٿي، پنهنجيون جوابداريون ڪيرت کي سونپيندا، آهستي آهستي اَگم-ديش طرف ويندا رهيا ۽ ڪيرت هلچل جي تصوير سنڀاليندي پنهنجو حوصلو قائم رکيو پر ڪيس ٻه ڪن ٻانهن ٻيلين جي ضرورت محسوس ٿي. سنڌيت جو ٻج ته چٽيل هئو ۽ ڪيترائي سلا اُڀري آيا هئا.

اُتم صاحب جو ناني، آشا چاند جو گهوٽ، شري چاند پنجابي اڳيان وڌي آيو ۽ ساهت سڀا جي هاڻوڪي صدر شري سندر اَگناڻي کي هٿ وٺائيندي هن اَڌ ۾ ڇڏيل ڪم کي پورو ڪرڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

سنڌيت جي هلچل جي هن اِتهاس کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ ڪيرت کي ٻه ٻيون ٻه ٻانهون ملي ويون.

هيءُ ڪتاب ڪا من-گهڙت ڪهاڻي يا ناول (Fiction) ڪونه آهي پر سنڌي جاتيءَ جي اُڪرڻ ۽ وري خود-داري ۽ سواينتا سان پنهنجو ڳاٽ اونچو ڪرڻ جو حقيقي اِتهاس آهي.

هري پنڪج ۽ موهن گيهاڻي

## اَرپڻ پتر

هيءُ اِتهاسڪ ڪتاب سيني اُنهن سنڌيت جي شيداين کي اَرپت ڪيو ٿو وڃي جن ٿوري ۾ ٿوري کان گهٽي ۾ گهٽو يوگدان سنڌيت جي هن هلچل کي ڏنو آهي پر سندن ذڪر هن ڪتاب ۾ ڪونه آيل آهي.

اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا

## آلائي ڪهڙي گهڙيءَ

اُن وطن مان نڪتاسون،
جو ڌرتي نہ ڇا،
سرحد بہ نصيب نہ ٿي.

(نارايڻ شيام)

سنڌي جاتيءَ، تواريخ جي لنبي سفر ۾ اَنيڪ ڀيرا هارايو آهي، وقت ۽ حالتن جو ڦِڦڙون کاڌيون آهن، زمين دوز ٿي، ٿورو وقت دٻجي بہ، ڪڏهن ملي نہ آهي ۽ اُپرکو ڏيئي وري اُٿي کڙي ٿي آهي ۽ ڪرنگهو سڌو ڪري وري اَڳتي وڌي آهي. سنڌ بار بار ڏٻي ضرور آهي، پر ختم ڪانہ ٿي آهي ۽ وري وري سجاڳ ٿي اَڳتي وڌي آهي. اَنيڪ ڀيران سنڌي جاتيءَ مٿان/اَڳيان آيا آهن پر سنڌي جاتيءَ پنهنجو حوصلو رکيو آهي ۽ هوش سنڀالي تواريخ ۾ پنهنجي هستيءَ کي برقرار رکيو آهي.

پر تازو گذريل ويهين صديءَ (١٩٤٧) وارو ڀيران ڪجهہ اهڙو قاتلاڻو ڪاپاري ڏڪ هڻو جو جاتي ٻن حصن ۽ ٻن ملڪن ۾ ورهائجي ويئي. ڪجهہ فرد ساڳي سر زمين تي رهيا ۽ ڪجهہ/چڱو حصو پنهنجي وطن کان اُکڙجي، پنهنجي زمين تان ڌڪجي، نہ صرف هند ۽ سڄي اُپکنڊ ۾، بلڪ ساري گلوب ۾ پکڙجي ويو ۽ سالن تائين دربدر رهيو. جنهن کي جتي وجهہ مليو، حالتن جو سات مليو، اُتي پنهنجا پير ڄمائي، نيون پاڙون لڳائي، نيون اُميدون پالي، نئين سر جيون کي سنوارڻ لڳو. دنيا جي اَنڪل روءِ اَڍائي سوَ ملڪن مان گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ سوَ ملڪن ۾، ڪٿي ڪٿي ٿي ويل سنڌين وڃي پنهنجا آکيرا ناهيا آهن ۽ جدا جدا ماڳن تي پاڻ کي ٺهڪائي وينا آهن. دنيا جي ملڪن ۾ پنهنجو نالو ۽ ناڻو ڪمايو اٿن، اَڳرا ٿيا آهن، جدا جدا ڪوهن جو پاڻي پي، نين ريتن- رسمن- وهنوارن- ڀهراون ۾ ٺهڪائي پاڻ کي نہ صرف اَڳيان آندو اٿن، بلڪ هر هنڌ مڪاني

نوڪري بمبئي کان ٻاهر پالگھڙ ۾ لڳي هئي تڏهن بہ آچر ڏينهن ٿيندڙ ادبي ڪلاسن جو صفر طئہ ڪري هو بانيم هر هفتي اَدبي ڪلاس ۾ پهچي ويندو هئو.

هنن گڏجاڻين جي لهر وڌندي ويئي ۽ سنڌونگر جي اَدبي دوستن آرتوار ڏهاڙي صبح جي وقت ڪئمپ نمبر ٣ ۾ هڪ وڏيڪ اَدبي ڪلاس، نامور ڪوي پرسرام ضيا جي زير صدارت هلائڻ شروع ڪيو جنهن ۾ بمبئيءَ جا سنڌي اَديب شامل ٿيندا هئا. ڪافي وقت تائين پنهين هنڌن تي اَديبن جون محفلون مچنديون رهيون ۽ اُتساهہ وڌندو رهيو. بمبئيءَ ۾ ''سنڌي ساهت منڊل'' ۽ سنڌونگر ۾ ''سنڌي ساهت سڀا'' سنڌي ساهتڪارن جي اَدبي سرگرمين جا مرڪز هوندا هئا. وڏي ۽ مزي جي ڳالهہ اِها هئي تہ ههڙين ۽ هيترين محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ساهتڪارن جو صرف اَدبي جنون ئي کين ڇڪي آڻيندو هو. ڪابہ آهڙي لب- لالچ ڏيڻ لاءِ يا سنهي- ٿلهي خرچ ۾ هٿ وٺائڻ لاءِ ڪوبہ پئسي وارو ڪونہ هو. هر محفل ۾ شرڪت ڪندڙن کي پنهنجي کيسي مان اُن وقت جو هڪ آنو چانهہ لاءِ ڪڍڻو پوندو هو ۽ وقتي ڇپي ڇوري لاءِ بہ آنا پنهنجي حصي جا ڏيڻا پوندا هئا.

بدقسمتيءَ سان اُن وقت ڪن سنڌي سڄڻن، سنڌي جاتيءَ کي هڪ غلط ۽ بيهودي صلاح پئي ڏني تہ ''جيئن تہ سنڌ اَسان کان کسجي ويئي آهي تنهنڪري سنڌ کي وساري، پنهنجي ورثي، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ کي اَلوداع ڪري، مڪاني ماڻهن سان ملي هڪ ٿي وڃو ۽ اُنهن ۾ جذب ٿي وڃو!''

سنڌي نوجوانن آهڙي گمراهہ ڪندڙ صلاح ڏيندڙن کي زوردار نموني اِنڪاريو. پنهنجي شاندار ماضيءَ ۽ روشن آئيندي ۾ يقين رکي، جاتيءَ جي فردن ۾ سجاڳہ رهڻ لاءِ جاڳرتي پيدا ڪئي ۽ آئيندي جي پُرُ-زور روشن راهہ تي قدم وڌائڻ جي کين صلاح ڏني. جوانن جي ويچارن ۾ پُرُ-زور صداقت سمايل هئي، جنهن ڪري

هنن جون اِهي صلاحون عام ماڻهن ۾ مقبول ٿيون ايتري قدر جو اُنهن گمراه ڪندڙ شخصن جي بيهودي صلاح پاڻ اُلٽو اَثر ڏيکارڻ لڳي. اِن نموني سجاڳيءَ جي اُتساهه واري لهر پيدا ٿي ويئي ۽ سنڌي ساهت منڊل اهڙي هلچل جو پيش- رُو ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. نتيجو اِهو نڪتو جو ڪنهن به شهر مان ڪوبه اَديب- ساهتڪار بمبئيءَ يا سنڌونگر ۾ گهمڻ ۽ واءُ سواءُ لهڻ ايندو هو ته آزخود سنڌي ساهت منڊل يا سنڌي ساهت سڀا ڏانهن مقناطيسي ڪشش ڪري ڇڪجي اَچي شرڪت ڪندو هو ۽ اُتان مليل اُتساهه ڪان متاثر ٿي، پنهنجي شهر ۾ اُن ئي ڍانچي ۽ طرز تي ساهت سڀا جو وجود وجهي پيدا ڪندو هو ۽ اِن طرح دهلي، ناگپور، ڀوپال جئپور، اَحمدآباد، بڙودا، اَجمير، ۽ ڪيترن ٻين شهرن ۾ اِهي سڀائون، هن هلچل ۾ بيحد سرگرم ٿي ويون ۽ اِن هلچل کي اَڳتي هلي بامقصد ”سنڌيت“ جو نالو ڏنو ويو.

دهليءَ ۾ گوپي آڏواڻي، جيون گرسهاڻي، شنيو جئسنگهاڻي، هيم ناگواڻي، سترام ماماتاڻي، موهن واسواڻي ۽ ٻيا ڪاليجي سطح تي پاڻ ۾ ميڙ - ميلنگون - مشاعره ڪندا هئا ۽ خاص طور ناٽڪ - ڪيتر ۾ اڳرا ٿي آيا ۽ سنڌيت جي سرگرمين ۾ چست رهيا.

ناگپور ۾ ديوناٿاڻي ايسر ڪلياڻي گوپ هيراڻي ۽ ٻين ساٿين، جئپور جي اَديب ترمورتيءَ، سندر اَگناڻي، لڇمڻ ڀمياڻي، واسديو ڀارتي ۽ ٻين سڀائون پيدا ڪيون. اِن طرح پيدا ٿيل ساهت منڊل، سڀائون ۽ سنسٿائون مڪاني سطح تي ميڙ ڪوٺائڻ، مشاعرا ڪرائڻ، ورسيون ۽ جنم - ڏن ملهائڻ، ميلنگون ڪوٺائڻ ۽ سنڌين سان واسطو رکندڙ نندين - وڏين سرگرمين ۾ چست ٿي سِرُ اونچو ۽ پاڙون مظبوط ڪرڻ لڳيون.

ساڳئي وقت سنڌي ڪتاب، مخزنون، رسالا، اَخبارون وغيره پڻ زور شور سان ظاهر ٿيندا ويا ۽ سڄي ڀارت ۾ گويا ڇهل پهل شروع ٿي ويئي. اُن ئي دوران ڀارت سرڪار سڄي ديش جي ٻولين ۽ ٻوليوار پرانتن جي سوال تي ”کير ڪميشن“ مقرر ڪئي ۽ ديش جي عام

واهپي ۾ ايندڙ ۱۴ ٻولين کي وڌان جي آئين شيڊول ۾ داخل ڪري تسليم ڪيو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي جاءِ ڪونه ڏني ويئي هئي. اُن وقت پروفيسر بي. ايڇ. ناگراڻي سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ صحيون گڏ ڪرڻ جي مهم هلائي رهيو هو. هو پهريون ودوان هئو جنهن آسانجو ڌيان اِن مسئلي ڏانهن ڇڪايو. بمبئي، جيڪا هر لحاظ کان سرگرم ۽ اڳري پئي رهي آهي، تنهن ”سنڌي ساهتيه منڊل“ جي سهاري هيٺ سال ۱۹۵۱ ۾ مڪاني سطح تي اَديبن جو سيمينار سڏايو جنهن ۾ خاص طور سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان جي آئين شيڊول ۾ داخل نه ڪرڻ خلاف آواز اُٿاريو ويو ۽ جماعتي طور ٺهراءُ پاس ڪري ڀارت سرڪار کان زوردار گهر ڪئي ويئي ته سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان ۾ ٻين ٻولين سنئين جڳهه ڏني وڃي. بزرگ اَديب لعلچند اَمرڏنومل اُن ميڙ جي صدارت ڪئي.

”سنڌي ٻولي سنگت“ پرنسيپال لالسنگهه. ايڇ. اَجواڻيءَ جي پرڌانپڻي هيٺ ڪاليجي سطح تي لڳ ڀڳ ساڳئي وقت ناهي ويئي جنهنجي شروعاتي دور ۾ پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي ۽ گوبند مالهي سيڪريٽري طور سرگرم هئا. ”سنڌي ٻولي سنگت“ وڏو ڪم اِهو به ڪيو هئو جو ”کير ڪميشن“ جنهن کي ڀارت جي ٻوليوار پرانتن جي سوال تي وهاريو ويو هو؛ تنهن اَڳيان پروفيسر اَجواڻيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي جوڙجڪ ۾ تسليم ڪرڻ لاءِ عريضو ڏنو ويو.

هڪڙي طرف سنڌي ٻوليءَ کي ڀارتي وڌان ۾ مانيتا کان محروم رکيو ويو ته ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ سان هٿ چراند ڪئي ويئي ۽ عربي لپيءَ کي قيرائي ديوناگري لپيءَ جو حڪم جاري ڪيو ويو!

نه عام کان رايو ورتو ويو ۽ نه ئي پڙهيل طبقي جي رضامندي ورتي ويئي. بس، سرڪاري فرمان جاري ڪيو ويو!! ڪهڙي قائدي يا قانون هيٺ، خدا ڄاڻي؟

حڪم جاري ڪيو ويو تہ ''سنڌي ٻوليءَ جي لپي، جا عربي رسم الخط جي آڌار تي ناهي ويئي هئي اُن کي بدلائي ديوناگريءَ ۾ ڪيو ته وڃي ڄاڻڻ تہ آهڙي رڳو خود سنڌي عالم طبقي مان آئي آهي.''

ڪهڙو عالم طبقو؟ اُنهن مان گهڻن اِهو رايو ڏنو؟ اِهو رايو ڪڏهين ۽ گهڻن کان ۽ ڪهڙي نموني ورتو ويو، تنهن ڳالهہ جو ڪو پتو-پاند ڪونہ هئو!!

ڇيو وڃي ٿو تہ ١٩٤٨ ڌاري بمبئيءَ ۾ هڪ ڪنوينشن ٿي هئي جنهنجو حوالو ڏيئي، اُن ڪنوينشن جي پاس ڪيل هڪ ٺهراءَ تي فيصلو ٻڌاريو ويو هئو. اُها ڪنوينشن ١٩٤٨ ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي ڪنوينشن هال ۾ ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي پرڌانپڻي هيٺ ڪوٺائي ويئي هئي جنهن ميڙ ۾ جملي ٢٨ ڄڻا حاضر هئا. ڪانگريس ورڪرس ۽ اُنهن جي طرفدارن کي گهرايو ويو هو جن ورهاڱي جو وجهہ وٺي سنڌي ٻوليءَ تي حملو ڪيو هئو ۽ هيءَ حرڪت ڪئي هئي. بنا ڪنهن اِطلاع جي پنهنجا هٿ ٺوڪيا گهرائي لپي بدلائڻ جي اِن ٺهراءُ کي پاس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سنڌي لپيءَ جي طرفدارن ڏرمداس ڪشتريا ۽ گوبندرام ڪيسواڻيءَ آهڙي رڳو جي مخالفت ڪئي تہ ميڙ ٿي برخواست ڪري، ٻئي هنڌ، ٻئي وقت بنا ڪنهن عام اِطلاع جي، پنهنجن هٿ ٺوڪين کي ڪوٺائي اِهو ٺهراءُ پاس ڪري ٿي ورتائون. گويا ٻڪرين جي ڌڻ کان ههڙي اهم ۽ عملي سوال تي نقصانڪار فيصلو ڪرايو ٿي ويو جنهن سنڌي ڀاشا کي زبردست ڇاڄي رسائي.

ٻن سؤ سالن کان هلندڙ (عربي) سنڌي لپي، جنهن ۾ سچو ادبي خزانو موجود هئو، جنهن ۾ هزارين ڪتاب اَڳوات لکيا ۽ ڇپيا ويا هئا، هڪ ئي ڌڪ سان اُنهيءَ خزاني کي رد ٺهرايو ويو سو بہ بنا ڪنهن ٻئي اُپاءَ Alternative يا رستي ٻڌائڻ جي تہ اِهي ڪتاب سنڌي خزاني مان ڪيئن نيڪال ڪيا ويندا ۽ اُنهن جي جڳهہ تي ٻيا ڪتاب

ڪٿان ۽ ڪڏهن اَچي اُها جاءِ پريندا؟

هنن جي مراد صرف هڪ هئي تہ جيڪو آهي، تنهنکي ختم ڪريو. بس، خالي جڳهہ پاڻهي پيئي پربي. اَهڙو اَنڌا- گرديءَ جو مثال هن ڪان اَڳہ ڪڏهن ۽ ڪٿي بہ ڪونہ ٿيو آهي. ڪمال پاشا بہ جڏهن ترڪيءَ ۾ نوٽل اِنقلاب آڻي ترڪيءَ جي پاشا ڪي بدلائڻ جو حڪم ڏنو هئو تہ بہ سامهون پهرين اَنگريزي (رومن) لپيءَ ۾ ساڳئي وقت گهربل ڪتاب ڇپائڻ جو ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو هئائين ۽ ساڳئي وقت ٻنهي طرفن کان ڪارروائي (Process) هلندي رهي. هو گهڻو ڪامياب ڪونہ ويو پر جيڪا بہ تبديل ڪرائڻ پئي چاهيائين سا رٿا موجب ۽ Logical Process مان هلندي رهي. پوءِ تہ ترڪيءَ ۾ وري اُلٽو اِنقلاب آيو ۽ ڪمال پاشا جي سيني تجويزن ۽ ڦيرين ڦارين مٿان پاڻي ئي ڦري ويو.

تاريخ ۾ ٻولي ۽ لپي ڦيرائڻ جو هيءُ هڪ مثال آهي پر اُن ڪي بہ سوپ ڪانہ ملي.

سنڌي جاتيءَ جي ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ لاءِ، ڪن هٿ نوڪيل محدود ماڻهن جي پاس ڪيل ٺهراءَ ڪي عملي جامو پهرائڻ لاءِ دٻڙ- دوس کان ڪم وٺندي پارت سرڪار ديش جي تعليمي کاتي تي ٩ مارچ ١٩٥٠ تي هڪ حڪم- نامو ڪڍي موڪليو تہ:

”پراديشڪ سرڪارين سان صلاح مصلحت ڪري آسين اِنهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون تہ سنڌي ٻوليءَ جي لپي، عربيءَ مان ڦيرائي ديوناگري ڪئي وڃي ۽ آسين پراديشڪ سرڪارين کي هدايتون ڏيون تہ هو هن ڏس ۾ ضروري قدم کڻن ۽ سنڌي اِسڪولن ۾ اِها تبديل آڻن...“

سرڪار جي اِنهيءَ حڪم نامي ڪانپوءِ بمبئي جي ميونسپل اَختياريءَ وارن لپي بدلائڻ جو قدم کنيو ۽ ٻين ميونسپل اِسڪولن ۾ بہ اِهو قدم کنيائون، جنهن بابت سنڌي ٻارن- مائٽن يا تعليمدانن

کان ڪابہ راۓ ڪين ورتائون. هڪ-طرفي هن نادرشاهي حڪم نامي کي جڏهن پڌو ويو تہ خاص ڪري سنڌي آديبن ۽ سنڌي اِسڪولن جي باني‌ڪارن کي بيحد ڏڪ آچي ويو. سنڌ ماڊل هاءِ اِسڪول گرانٽ روڊ ۽ سنڌ ماڊل گرلس اِسڪول (دادر) جي مالڪ ڏرمداس ڪشتريا سان گڏو گڏ سنڌي سيڪنڊري اِسڪولن جي آئسوسيئيشن طرفان سخت اعتراض ورتو ويو ۽ پارت جي تعليمي- وزير مولانا عبدل ڪلام آزاد کي اعتراض- نامو موڪليو تہ اِهو حڪم نہ صرف بي قاعدي آهي جو نڪو تعليمدانن کان صلاح مصلحت ڪئي ويئي آهي ۽ نہ ئي ڪا عام راۓ ورتي ويئي آهي ۽ ٻئي طرف سنڌي ٻارن جي تعليم لاۓ نقصانڪار آهي جو اِها اوچتي تبديلي ٻارن کي منجهائي ڇڏيندي ڇو جو، نہ کي ڪتاب ميسر ڪيا ويا آهن ۽ نہ ئي ڪو نئين لپيۓ ۾ اَلف-بي (آيوٽا) (Alphabet) موجود آهي.

آهڙي قسم جو نوٽيس شري ڏرمداس ڪشتريا، نامور وڪيل شري رام ڇينملاڻيۓ کان تعليمي وزير کي موڪليو ويو ۽ قاعدي جي هجت آتاري ۹ مارچ ۱۹۵۰ واري حڪم کي رد ڪرڻ لاۓ طلب ڪئي. تعليم کاتي جا ڏيڍر ڏرا ٿي ويا. هنن حڪم واپس تہ ڪونہ ورتو پر قاعدي جي هجت جي نزاڪت ۽ وزن کي ميڄيندي هڪ نئون حڪم- نامو ڪڍيو جنهن ۾ اڳئين حڪم کي ڦيرائي هڪ نئون حڪم جاري ڪيو جنهن ۾ تعليم کاتي جي سيڪريٽريۓ مسٽر سعبودين ۱۰ جنوري ۱۹۵۱ واري خط مطابق پراديشڪ سرڪارين کي آگاهہ ڪيو تہ ”سنڌي ٻوليۓ جي لپيۓ بابت جيڪو آرڊر ۹ مارچ ۱۹۵۰ تي ڪڍيو ويو آهي تنهن کي ڪن سنڌي عالمن ۽ سنڌي اِسڪولن جي ڪارپردازن جي عريضيۓ جي مد نظر سوچيو ويو آهي ۽ اِن حقيقت جو بہ ڌيان رکيو ويو آهي تہ ڀارت جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن بہ ٻوليۓ کي جوڙجڪ ۾ ڏنل حق ڌيان ۾ رکي ۽ سوال جي ڀوڪندي حالتن کي خيال ۾ رکي سرڪار اِن نتيجي تي پهتي آهي تہ سنڌي ٻوليۓ جي لپيۓ کي شاگردن جي پسنديۓ تي ڇڏيو وڃي تہ ڀاڻ لپيۓ جي

آٿرائتا قدم کڻي سگھيا. اِئين ’’سنڌي ٻولي ۽ لپي سڀا‘‘ جو بنياد پيو جنھنجي صدارت جي پڳ پروفيسر ليکراج عزيز تي رکي ويئي جيکو اُن وقت ڪي. سي ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو ھو. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ۽ پروفيسر چيتن ماڙيوالا سڀا جا وائيس پريزيڊنٽ چونڊيا ويا، شري ڏرمداس ڪشتريا کي خزانچي بڻايو ويو ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي سيڪريٽري چونڊيو ويو. اُن ڪانسواءِ ٻيا ٻرک تعليمدان، پرنسيپال ۽ ٻرک ليک ڪاروباري ڪاميٽيءَ تي چونڊيا ويا. وڏي اُتساھ جو وايومنڊل برپا ٿي ويو ھو.

پليٽفارم ٺھيو تہ پروگرام بہ تيار ٿي ويو. ھن سنستا جو مکيہ اُديش ھئو تہ لپيءَ جي سوال تي تحرڪ، جنھن لاءِ ضروري ساھت لکجي، ڇپائجي، عام پبلڪ ۾ ورھائجي ۽ سرڪاري سطح تي نہ صرف اعتراضي نھراءِ پيش ڪجن بلڪ عريضا ڏاھي وزيرن سان ملاقاتون وٺي کين لپيءَ جي سوال تي ذھن نشين ڪرائجي تہ لپيءَ جي ڦيرقار تي جلدبازيءَ کان ڪم نہ وٺي ھڪ Sober نيتي وٺجي.

پر تڪڙ ۾ ۽ ھوڏ تي آچي، بمبئي ميونسپل ڪارپوريشن قدم کڻي پنھنجي سنڌي پرائمري اِسڪولن ۾ سنڌي لپيءَ کي بدلائي ديوناگريءَ ۾ پڙھائڻ جو آرڊر ڪڍي ڇڏيو. ڇوڏاري واڻويلا مچي ويئي ۽ سنڌي لپيءَ وارا اَسين خبردار ٿي وياسون.

رام ڄيٺملاڻي، سپريم ڪورٽ جو ماھر Constitutional وڪيل، آسان سان منڍ کان وٺي ئي ڪافي ھمدرد ھئو. ھمدرد ڇا پر آسانجو سؤ ٽڪا حمايتي ھئو. ھو صاحب آسانجو ڪيس لڙڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ھڪڙو ڀار ڪپندو ھئو جيکو لپيءَ جي تبديل جي باري ۾ ھاءِ ڪورٽ ۾ رِٽ درخواست وجھي. ملند سنڌي ڪالونيءَ ۾ رھندڙ لڪشمي داديءَ ھڪ ڀار کي مائٽن سميت رِٽ وجھڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ ڇوڪري جي پيءُ شري ڪيولرام جھمٽمل ڳوالاڻيءَ جي طرفان شري رام ڄيٺملاڻيءَ درخواست وڌي ۽ خوب لڙيو. ايتري حد تائين جو بزرگ ڪانگريس نيتا جيرامداس دولترام کي پڻ سمن موڪلائي ڪورٽ ۾

حاضري ڀرايائين. ڪانگريس نيتائن جي هڪ ٻه ڪانه هلي ۽ سندن وڪيل هوتچند آڏواڻي ٻه هٿ مهٽيندو رهجي ويو جڏهن فاضل جج ڊيسائيءَ اهم تاريخي لئنڊ مارڪ فتوا ڏيندي، ميونسپل جي قدم کي غلط ٺهرايو ۽ هنن کي حڪم ڏنائين ته... ”ٻارن جي مائٽن کان سندن مادري ڀاشا جي لپيءَ بابت راءِ ورتي وڃي.“

آسانجا دوست ميونسپل اسڪولن ۾ ڪاهي پيا ۽ ٻارن جي مائٽن کان سنڌي لپيءَ جي رضامنديءَ جا سوين فارم ڀرائي اسڪول اختياريءَ وارن کي ڏنائون جنهن ۾ عربي سنڌيءَ جي کُهر کيل هئي. هيڪڙ ٻيڪڙ اسڪولن کي ڇڏي، باقي بمبئيءَ جي مڙني سنڌي پرائمري اسڪولن ۾ وري عربي سنڌيءَ جو دؤر شروع ٿي ويو. ”سنڌي ٻولي ۽ لپي سڀا“ جي سوڀ ٿي ۽ ڪم ڪندڙن جو حوصلو وڌي ويو. رام چينملاڻيءَ وڏو اتهاسڪ رول ادا ڪري ڏيکاريو. آسانجو اُتساه ته ڇا پر هن فتوا جي ڪري ساري ڀارت ۾ آسانجي جوانن کي همت اچي ويئي ۽ چوڌاري واڌليون وري ويون.

سنڌي ڪانگريس نيتا، خاص ڪري چڪاگو ريديو وارو نانڪ موٽواڻي ۽ ڀارتواسي هفتيوار جو سمپادڪ ٻلديو گاجرا صفا وهلور وڃڻ لڳا. اخبار ۾ گهٽ وڌ لکيائون. ”ڀارتواسي“ هفتيوار ۾ اُن وقت سنڌي ترقي پسند اديبن ۽ خاص ڪري پوپٽي هيراننداڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي وغيره کي بدنام ڪرڻ لاءِ بيهوديون ڪهاڻيون گهڙيون ويون. ماڻهن پاڻ هيڪاري ٻلديو تي ڦٽ لعنت وڌي جڏهن هنن آسان مٿان اُگري ۽ غيرواجب هلان ڪئي ته هيءُ سنڌي نه پر پاڪستاني آهن. غدار آهن، خاص ڪري پروفيسر ارجن شاد جي غزل کي ڪٽي:

”سرحد جي هُن پار منهنجين اکڙين کي اُڏرڻ ته ڏيو
پنهنجي وطن جي زمين کي ڏسڻ ته ڏيو“

ٻلديوگاجرا صاحب غداريءَ جا الزام لڳائيندي لکڻ لڳو ته ”پوءِ هي مٿي ڦريل اديب پاڪستان ڇونٿا هليا وڃن وغيره.“

اديبن اهڙي واهيات ۽ ڪريل لاجڪ کي خيال ۾ به نه آندو ۽

بهترين مذاقي فلم اَداڪار پُڏي آڏواڻي ۽ چينانند ناگراڻي صاحب جي پرسد گامٽو سيريز مان ”گامٽو ڊاڪٽر“ جو ناٽڪ پيش ڪيو ويو جنهن ۾ خود پڏي آڏواڻيءَ پاڻ اَداڪاري بہ ڪئي ۽ پيش ڪش بہ پاڻ ڪيائين جنهن ۾ اَجهل ٺهڪڙن جو جڻ هنگامو هئو. خلق ڪرسين تي اصل ٽپا ٽي ڏنا ۽ وٽ ڏيڻ جا نہ هئا.

مهورتي اِجلاس تي مکيہ مهمان، سنڌين جو بزرگ نيتا ۽ پارليامينٽ جو ميمبر شري جيرامداس دولترام هئو جنهن سنڌين جي شاندار اِتهاس کي دهرائي ياڻپيءَ جو سنديش ڏنو ۽ اُميد ڪيائين تہ جلدي پنهين ملڪن جي وچ ۾ ناتا خوشگوار ٿيندا ۽ عام ماڻهو سولائيءَ سان آرپار ايندا-ويندا. حشو ڪيولراماڻي، جيڪو آجيان ڪاميٽيءَ جو سرڪردو هئو تنهن پڻ سنڌين جي آپسي ياڻپچاري تي زور ڏنو ۽ اُميد ڪئي تہ هھڙا ميلا پنهين ملڪن ۾ لڳندا رهندا ۽ سد ياونا وڌائيندا رهندا. چوڏاري پريم ياڻپيءَ جو وايو منڊل هال ۾ ترندو محسوس ٿيو. شام جو ٻولي ڪنوينشن تي آيل اَديبن ۽ تعليمدانن جا اَلڳ اَلڳ ميڙ ٿيا جن ۾ سنڌي ساهت ۽ ٻوليءَ تي پاڻ ۾ خيالن جي ڏيوٽ ٿي ۽ ڪلئي اِجلاس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي يارتي وڌان اَندر تسليميءَ تي زور ڏنو ويو ۽ هڪ زوردار ٺهراءُ پاس ڪري تقاضا ڪئي ويئي تہ اِن ڏس ۾ يارت سرڪار جلدي ۽ ضروري قدم کڻي سنڌين کي پنهنجو حق ڏئي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ٻين يارتي ٻولين سمان سنمانت ڪري.

دهليءَ ۾ سميلن جي آخرين بيٺڪ ۾ ڪن ڊيليگيٽن وٽان رٿا آئي تہ هن سنستا کي آل اِنڊيا سطح جي شڪل ڏني وڃي ۽ اُنجو جوڙجڪ پڻ تيار ڪيو وڃي. رٿ سڀني کي پسند آئي ۽ پرنسيپال لاسنگهہ اَجواڻيءَ کي چيو ويو تہ اِن ڪم لاءِ هڪ عارضي (Provisional) ڪاميٽي ٺاهي جيڪا نيم ۽ جوڙجڪ تيار ڪري. پرنسيپال آجواڻيءَ ذمون سنڀاليو ۽ اُتيئي عارضي ڪاميٽيءَ لاءِ حاضر ڊيليگيٽن مان نالا تجويز ڪيا ويا. جيڪي وڌندي وڌندي ٢٧ جي اَنگ تائين وڃي پهتا.

اِن ڪاميٽيءَ جو چيئرمن آجواڻي صاحب کي مقرر ڪيو ويو ۽ سيڪريٽري ڦيو ڪيئو سئناڻي، سنڌو سماج جو جنرل سيڪريٽري.

ڪاميٽيءَ تي ڪم رکيو ويو تہ ايندڙ سميلن ۾ نيم ۽ قاعدا تيار ڪري اچي پيش ڪن جيڪي جنرل باڊي بحال ڪري تہ جئن سنسٿا کي اڪل ڀارت روپ ڏيئي سگهجي. اُنهن ٢٧ نالن ۾ سيني شهرن جا مکيہ ۽ سرگرم ڪاريہ‌ڪرتا اچي ڦي ويا جيئن تہ پرنسيپال لالسنگهہ آجواڻي، منگهارام ملڪاڻي، نارائڻداس ملڪاڻي، پوچراج ناگراڻي، هرومل سدارنگاڻي، حشو ڪيولراماڻي سترام ماميتاڻي ڪيئارام سئناڻي، تيرٿ بسنت، پروفيسر گهنشيام شوداساڻي، گوبند مالهي، اي.جي. اُتم، ڪيرت ٻاٻاڻي، چيتانند لعلواڻي، لڇمڻ خوبچنداڻي، رام ڪشن آڏواڻي، ارجن شاد ۽ ڪي ٻيا.

★ ★ ★

سياويڪ دهليءَ ڪانپواءِ بمبئيءَ جو وارو آيو ۽ ايندڙ سميلن جا خواب لهندا بمبئي جا ڊيليگيٽ واپس پهتا ۽ تيارين ۾ لڳي ويا. بمبئيءَ جي سيني دوستن جو رايو هئو تہ ايندڙ سميلن وڏي پئماني تي ٿيڻ گهرجي جنهن ۾ سنڌي جاتيءَ جون سڀ ڌريون شامل هجن. اِن لاءِ هڪ ڪشادي ڪاميٽي کڙي ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. سنڌي ڪاليجن کي داخل ڪجي، سنڌي اِسڪولن، ماسترن ۽ تعليمدانن کي آڻجي، سنڌي آديبن ۽ ڪلاڪارن کي سميلن لاءِ اُتساهت ڪجي ۽ سنڌيءَ جي سيني عناصرن کي ڇڪي آڻجي. اُن ڳالهہ کي نظر ۾ رکي هڪ وڏي آجيان ڪاميٽي کڙي ڪرڻ لاءِ هڪ ڪشادو ميڙ سڏايو ويو جيئن ڪاليجن ۽ اِسڪولن جا پرنسيپال، ليکڪ، ڪلاڪار ۽ ٻيا گڏجي ڀاڻ تي ڪم همواز ڪن. بزرگ خواہ نوجوان آديبن جي سهڪار سان ٣٥ ڄڻن جي Steering Committee بئريسٽر هوتچند آڏواڻيءَ جي چيئرمئنشپ هيٺ ناهي ويئي جنهن ۾ سڀ مکيہ ڌريون شامل ڪيون ويون. تنهن ڪانسواءِ ٻيون ڪاميٽيون بہ ڪم ڪرڻ لاءِ ناهيون ويون. هر ڪاميٽيءَ جو چيئرمئن هڪ برک ودوان ۽ سيڪريٽري هڪ نوجوان

اديب مقرر ڪيو ويو. ڪاميٽيون هن ريت هيون :- ڏوڪڙ هٿ ڪرڻ (Finance) ڪاميٽي : چيئرمئن هوتچند آڏواڻي ۽ جهمٽمل ڀاوناڻي، ساهتڪ ڪاميٽي چيئرمئن پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻي، سيڪريٽري ڪيرت ٻاٻاڻي، مشاعرا ڪاميٽي، چيئرمئن پروفيسر ليکراج عزيز، سيڪريٽري پروفيسر اَرجن شاد، نماءُ ڪاميٽي چيئرپرسن ناڪري جڳتياڻي، سيڪريٽري پوپٽي هيراننداڻي، سنڌونگر ڪاميٽي، چيئرمئن شاعر پرسرام ضيا ۽ سيڪريٽري ڪرشن راهي.

بمبئي سميلن جون ٻه ٽي ڳالهيون تہ اِتهاسڪ ٿي ويون.

سميلن ۾ نماءُ جو اِسم اَصل بي بها ڀُلو هئو. خاص نماءُ ڪاميٽي گهڙي ويئي هئي جنهن تي ٻہ اِستريون- ناڪري جڳتياڻي وشني ملڪاڻي ۽ سنڌ ماڊل هاءِ اِسڪول جو ڊرائنگ ٽيچر- چترڪار چندرسين واسواڻي هئو. هنن ٽنهين ايتري تہ محنت ۽ جفاڪشي ڪئي جو يونيورسٽيءَ جي ڪنوينشن هال ۾ چڻ هڪ Miniature سنڌ سجائي ڏيکاريائون. بمبئي جي شهر مان يا بمبئيءَ کان ٻاهر ڪنهن بہ سنڌي گهر ۾ ڪين ڪابہ نماءَ ۾ رکڻ جهڙي شيءِ ٿي ملي تہ اُن کي هٿ ڪري نماءَ ۾ ٿي آندائون؛ مطلب سنڌي جنڊ کان سنڌي پينگهي کان، اِتي ذڪر تائين شيون هٿ ڪيائون. سنڌي ويس- وڳا، سنڌي زيور- مٽيان، سنڌي ڪتاب- رسالا، سنڌي پترڪارن جا فوٽا، سنڌ جون تصويرون، سنڌ جا جوتا ۽ جتيون، سنڌ جا کيس - غاليچا، موهن جي دڙي ۽ ٻين قديمي جڳهين تان مليل آٿليپ ۽ ورلي ملندڙ شيون، زيور، ڀرت ڀريل ڪپڙا، سندرتا جو سامان، ٿانوَ، چڱسالي، اَجرڪون، ٽوپيون، شالون ”مطلب جنهن بہ گهر مان جا بہ شيءِ مِليَن سا پنهنجي شخصي ۽ زباني ظمانت تي هٿ ڪري سڄي نماءَ واري هال کي حيرتُ اَنگيز سندرتا سان آهڙو سجائي ڇڏيائون جو هال ۾ پير پائڻ سان اِئين پئي لڳو چڻ ڪنهن آٿليپ عجائب کاني ۾ پير رکيو آهي. هر هڪ چيز آهڙي دلفريب نموني رکيل هئي جو دل ڦرائي اَڇجي.

ٻي اَچرج جي ڳالھہ هئي سنڌي ۽ ٻهو-ڀاشائي مشاعرو جيڪو پروفيسر ليکراج عزيز جي صدارت هيٺ ٿيو ۽ جنهنجو سيڪريٽري هو پروفيسر اَرجن شاد. اِن مشاعري ۾ ساحر لڌيانوي، ڪيفي اَعظمي ۽ ٻين سان گڏ سنڌي شاعرن دلگير، شاد، راهي، آنچل، موتي ۽ ٻيا بہ شامل ٿيا ۽ واجڻ وڄائي چڙيائون. ڪي. سي. ڪاليج جي کليل ميدان ۾ اِن مشاعري اَهڙو رنگ لڳايو جو اَڄ تائين بہ وسرڻ جو نہ آهي.

هن سميلن جي موقعي تي ٽيون اَهم- ترين واقعو هئو ''سنڌونگر ۾ هڪ ڏينهن''، جنهن جو چيئرمئن هو نامور شاعر پرسرام ضيا ۽ سيڪريٽري ڪرشن راهي. بمبئيءَ ۾ سميلن ٿئي ۽ سنڌونگر، سنڌين جي وڏي ۾ وڏي بستي اِئين رهجي وڃي سا ڳالھہ تہ بلڪل ئي عبث پئي لڳي. اِنڪري ويچار ٻيٺو تہ هڪ شام اُتي هلي ملهائجي. دوستن کي اِها رٿ بيحد وڻي ۽ هڪ سڄي ڏينهن جو پروگرام ٺهي ويو. سنڌونگر جي مڪاني سنڌي مدبرن هڪ ڪاميٽي ٺاهي، هڪ سڄي ڏينهن جو پروگرام طئہ ڪري بمبئيءَ جي آجيان ڪاميٽيءَ کي تجويز ڪيو جنهن تجويز موجب اُن ڏينهن کي ''سنڌي ڏينهن'' ڪري اَعلان ڪيو ويو هو ۽ ساڻ ساڻ قومي ڪوي هوندراج دکايل کي پيڪيدار مان ڏيڻ جو بہ اِسم شامل ڪيو ويو هو. بمبئيءَ جي آجيان ڪاميٽيءَ جي رٿ کي يڪراءِ منظوري ڏيڻ لاءِ سنڌونگر جي مڪاني سنڌين پنهنجي آجيان ڪاميٽي ٺاهي ورتي جنهن ۾ سيني ڏرين جي مانيور شخصن کي جوڙي چڙيائون اِن ۾ راءِ صاحب سيتلداس، راءِ صاحب منگهرمل، سنمکہ ايسراڻي، سدارنگاڻي، سلامتراءِ پرسواڻي، دنيچند ڪالاڻي ۽ ڪيترين ٻين وڏيون هستيون شامل هيون. سنڌونگر ۾ ڪامياب پروگرام ڪرڻ لاءِ مرڪزي ڪاميٽيءَ طرفان پڻ هڪ سب ڪاميٽي ٺاهي ويئي جنهن

بام، منگهو واسواڻي، پروفيسر بي. ايڇ. ناگراڻي، ، جهمٽمل ڀاوناڻي هئا.

۽ ڏنوسون تہ اِهي مذڪور اُڳوان ڊيليگيٽن جي هڪ جُهنڊَ ۾ ويهي ڪجھ اَهڙيون حرڪتي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ڪيرت واڪو نڪري ڪين چيو تہ ''توهان هتي، هن وقت ڇو آيا آهيو ۽ ڊيليگيٽن کي ڇو برغلائي رهيا آهيو؟ توهانجي ڀلائي اِنهيءَ ۾ آهي تہ توهان اَهڙين حرڪتي ڳالهين کان باز اَچو ۽ فورن ٻاهر نڪري وڃو، ٻي حالت ۾ آسانجا والنٽيئر دوست توهان کي بيعزتو ڪري ٻاهر ڪڍڻ ۾ ويرم ڪانہ ڪندا.''

عاقلن لاءِ اِشارو ڪافي هئو ۽ جلدي هو ڪئمپ مان نڪري ويا. وري ساڳئي شرارت ٻئي ڏينهن صبح جو ڪي. سي. ڪاليج جي هال ۾ رکيل اِجلاس ۾ بہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون ۽ اِجلاس جي صدارت ڪندڙ جيرامداس سان بہ سس پس ڪرڻ لڳا، تہ ڪنهن هال مان ويٺي پريان ئي رڙ ڪري چيو تہ، ''اَگر اَوهين لپيءَ جو سوال ڪڍندا تہ اَسين گوڙ ڪنداسون ۽ ميڙ ۾ ڦيٽارو پئجي ويندو ۽ ميٽنگ هلڻ ڪونہ ڏينداسون.''

ڪنڌ جي هڪ قطار مان نئون، پريل جسم وارو شخص سرڳواسي ديارام غريبداس اُتي بيٺو ۽ جيرامداس کي اِطلاح ڏيندي چيائين تہ، ''اَگر توهان ڪرسيءَ کي سلامت رکڻ ٿا چاهيو تہ لپيءَ جي ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪجو نہ تہ تہ توهانجي ڪرسي سلامت ڪانہ رهندي.''

شري جيرامداس دولترام دنيا- ديد ۽ سياڻو سياستدان هئو ۽ موقعي جي نزاڪت کي سمجهي، صدارتي ڪرسيءَ کي بچائڻ لاءِ اَعلان ڪيائين تہ، ''لپيءَ جي سوال تي هو ڪنهن بہ قسم جو واد وواد نٿو چاهي ۽ هن اِجلاس ۾ اِهو سوال اٿڻ نہ ڏيندو.''

سڄي هال ۾ گرم وايو منڊل تي گويا بارش جا وسڪارا ٿي ويا ۽ چڙهندڙ پاري جي گرمي هيٺ لهي آئي ۽ چوڌاري 'سنڌي ٻولي اَمر رهي' جي گونج ٻڌڻ ۾ آئي.

لڇمڻ بجاج ۽ سندن پاڻهن- پيلي هٽا جن کي ڪيرت چڱي طرح سڃاڻندو هو. اِنهن مان ڪيترا تہ سندس شهر نوابشاهہ جا جهونا چست ۽ پروسي جوڳا ڪم ڪندڙ هئا؛ تنهن ڪري ڪين پڳہ پهرائي ويئي ۽ چيو ويو تہ وڃڻ سان وڃي آجيان ڪاميٽي ناهيو ۽ تاريخون پڪيون ڪري عارضي ڪاميٽيءَ کي اِطلاح ڏياري موڪليو.

اِئين ئي ٿيو. ناگپور جي بزرگہ ۽ جهوني شيواداري ڪاڪي تلوڪچند راگهواڻيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ سميلن جي لاءِ آجيان ڪاميٽي ٺاهي ويئي. جنهن ۾ بزرگن ۽ جوانن کي جوڙي ڇڏيائون، اُن ۾ سنڌي اِسڪولن جي عيوضين، واپاري طبقي ۽ ڪن برکہ شخصيتن، اَديبن، ڪلاڪارن، ودوانن ۽ ڪيترن ٻين جي جوڙ سان آجيان ڪاميٽي ٺاهي ورتائون جنهن ۾ مکيہ طور هئا ڪاڪو تلوڪچند راگهواڻي، تيجن واسواڻي، لڇمڻ بجاج، روچيرام ٽانواڻي، ديو ناٿاڻي، ايسر ڪلياڻي گوپ هيراڻيءَ کي ٻيا برکہ اَديب ۽ نگرواسي. اَلڳہ اَلڳہ ڪاميٽيون ٺاهي ڪم کي جنبي وِيا.

اُهي ڊسمبر جا ڏينهن هئا. ڊيليگيٽن جي رهايش ۽ کاڌي جو بندوبست مهاتما گانڌي هاءِ اِسڪول ۾ ڪيائون جيڪو اَڃا اَڌجي پورو بہ ڪونہ ٿيو هو. اَڌاوت هيٺ ۽ اَڌوگابري نهيل اِسڪول ۾ ٻيون گهٽيون ئي سهوليتون موجود هيون جيتوڻيڪ در- دريون نہ هئڻ ڪري ڊسمبر مهني جو سيءُ ڏڪائي رهيو هو پر آسانجي جوانن جي خون ۾ گرم جوشيءَ ڪري ڪوبہ فرق ڪونہ پيو. سنان ۽ پائخاني جون ڪوٺيون بہ تيار ڪونہ هيون. اِسڪول جي وڏي شاهي حاطي ۾ مٽان تالپريون ۽ پاسن کان تڏيون لڳائي عارضي ڪم ٽپائو بندوبست ڪيل هو. ڪابہ هچڪ حجاب يا اَٽڪ محسوس ڪونہ ٿي ڇو جو هرڪو تن ۽ من سان موج مستيءَ ۾ هو.

ڊيليگيٽن جو چڱو آنداز آيل هئو. مهاتما ڳڻواندين کي سميلن جي مهورت لاءِ گهرايو ويو هئو ۽ صدارت جي ڪرسي جهوني ڪانگريسي اَڳوان نارائڻداس رتنمل ملڪاڻيءَ کي ڏني ويئي. مهورتي

لاءِ پڳوان آبيچنداڻي ڏاڍو اڳرو هو ۽ خوب اُتساهه ڏيکاريائين ته آديپور پهچي، هو ڪم ڪندڙن سان پيهي، آجيان ڪاميٽي ٺاهي، بانيم دعوت موڪليندا.

---

گانڌيڌام (چوٿون) سميلن نهايت زبردست نموني تي ٿيو جنهنجو ڪارڻ هڪڙو خاص هئو جو گانڌيڌام سنڌين جي نئين يومي-·Home Land ڏسڻ جو چاهه هزارين سنڌين کي آديپور- گانڌيڌام ڏانهن ڇڪي وٺي آيو. ڀائي پرتاپ ڪڇ جي راءُ کان مليل تمام شاهي وڏي زمين حاصل ڪري هڪ نئين شهر جي يوجنا لاءِ وديشي اِنجنيئرس کان نقشا تيار ڪرائي، نئين شهر جو بنياد وڌو هو. هڪ عاليشان ۽ نئين ماڊرن شهر جو وجود اَچي ويو هئو. سوين ننڍا وڏا گهر ۽ بنگلا نهي تيار ٿيا پيا هئا جن ۾ ڪيترا ئي اَجا خالي پيا هئا. اِنڪري رهڻ جي ته ڪا به دقت ئي ڪانه هئي. جنهن کي جيڪو بنگلو يا گهر وڻي سو وڃي والاري. ڪيترائي سنڌي پنهنجن پريوارن سوڌو آيا هئا.

ڊيليگيٽن جي گهڻي اَنداز ۾ اَچڻ جو هڪ ٻيو به ڪارڻ هئو ته هيل تائين ڀارت سرڪار کي عرضيون ڪري نيٺ ريلوي ٽڪيٽ جي رعايت ورتي ويئي هئي جنهنڪري هڪ پاسي جي ڀاڙي ۾ اوٽ موٽ جي ٽڪيٽ ٿي ملي! اِها تمام وڏي سهوليت هئي جيڪا ڪافي سالن تائين هلندي رهي. سميلن لاءِ ڀرپور اَنداز ۾ سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن داخلا ورتي ۽ ڪل ١٨٠٠ ڊيليگيٽ اَچي پهتا. رهايش جي ڪا به تڪليف ڪانه هئي جو نوان گهر اَجان به ڪيترا ئي خالي پيا هئا جن ۾ ڊيليگيٽن کي رهايو پيئي ويو. چوڌاري سنڌي ئي سنڌي پيئي ڏسڻ ۾ آيا. گويا ڪو سنڌ جو شهر هو.

سميلن جو پرڌان پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي هئو ۽ مکيه مهمان گانڌيوادي اَڳوان ڪاڪا صاحب ڪاليلڪر هئو جنهن اَچڻ سان اَچي لپيءَ جو رينگٽ شروع ڪيو، شايد هوندراج دکايل ڪيس چرچ ڏني

هئي جو هو ديوناگري لپيءَ جو حمايتي هئو. اسان کي معلوم ٿيو تہ خبردار ٿي وياسون ۽ صاف صاف کيس چيوسون تہ لپيءَ جي واد وواد بلڪل بند آهي. اِن سوال کي کير بہ نہ ڇيڙيندو. اگر ڪنهن اهڙي غلطي ڪئي تہ اسين سميلن جو بهشڪار ڪنداسون. جي چاهيو تہ سک شانتيءَ سان سميلن ٿي گذري تہ ڪا بہ ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪجو.

اسان ڪاڪا صاحب ڪاليلڪر کان وڏيڪ پڇيو تہ ”توهان گجراتي ڀاشا جي لپي ديوناگريءَ سان مٽائيندا؟ گجراتي لپي گهڻو ڪري ديوناگريءَ وانگر آهي جنهن ۾ مٿان صرف ليڪ ڏيڻي آهي. اها ليڪ ڏيئي پنهنجي لپيءَ کي ديوناگريءَ جو روپ ڏيئي پوءِ اسان سان ڳالهايو.“

هو صاحب بيحد ڏمرجي ويو ۽ چيائين، ”اسين پنهنجي لپيءَ جو نقطو بہ ڪونہ ڦيرائينداسون.“

اسان دليل ڏنوسونس تہ، ”اوهين گجراتي لپيءَ جو هڪ نقطو بہ ڪين ڦيرائيندا ۽ اسان کي ٿا چئو تہ سڄي جي سڄي لپي بدلائي ڇڏيو !! اِها ڪهڙي توهانجي ديش ڀڳتي آهي!؟ پهرين پاڻ کي سمجهايو ۽ پوءِ ٻين کي عمل جي راهہ ڏسيو. نہ تہ تہ اوهان کي ڪو بہ حق ڪونہ آهي. اِنڪري ماٺ ڪري ويهو.“

هو سياڻو سياستدان هو ۽ وقت جي نزاڪت کي سمجهي ويو ۽ وري جو ٻين بہ کيس سمجهايو تہ ڪڪر ۾ ڪلو نہ هڻجو. ڏينهُن اصل ورائي ويندو تہ سمجهہ کان ڪم وٺي لپيءَ جي سوال کي پنهنجي مهورتي تقرير مان ڪڍي ڇڏيائين. سک سان رهجي آئي ۽ لپيءَ جي سوال سان ڪنهن بہ قسم جي ڇيڙ ڇاڙ ڪانہ ٿي. ديوناگريءَ وارا اصل چپ ٿي ويا ۽ وري ڪڏهن بہ اِهو لپيءَ جو لفظ سميلن جي ڏوران نہ آندائون.

گانڌيڌام (آديپور) جي سميلن وقت ڪجهہ اهم ڳالهيون ٿيون جن مان هڪ هئي اکل ڀارت سطح تي سنستا کڙي ڪرڻ لاءِ جوڙجڪ. اڳئين سال مقرر ڪيل عارضي جوڙجڪ ڪاميٽي ڪجهہ

هئا، تن بہ پاڻ خوب ملهايو. جن ۾ خاص طور نڙ، تنبورو، آلغوزا، پوٽينبدا جا ماهر سازيندڙ بہ شامل هئا. واه جا واڄٽ وڄايائون. اِفکو جو سچو ماحول سُر - سنگيت سان معطر ٿي ويو هئو. ماڻهون وڃڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. لاچار سازيندڙ ۽ ڳائيندڙن جي بہ ٽڪ جو ويچار ڪري ۽ ايندڙ ڏينهن جي پروگرام کي ڌيان ۾ رکي، رات جو ٢ بجي متل ميلي کي ڇڏيندي خلق کي عرض ڪيو ويو تہ اَڄ وڃي آرامي ٿين. سياڻي جا ياڳ سياڻي سان.

ٽئين ڏينهن جي صبح واري ساهتڪ بينڪ آديبن جي نالي هئي جنهن جو محورت پروفيسر ڪماري پوپٽيهيراننداڻي ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ اَهڙو تہ تيار ڪري آئي هئي جڻ بُليٽ ٽرين. ڏاڍي اَثرائتي تقرير ڪيائين ۽ سڀني ساهتڪارن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين. هر لحاظ کان سندس پاڻ ساراه جوڳو هئو . اَهڙو اَثرائتو ۽ تزپاڻ ورلي پڌو ويو هو. چوڌاري واه واه ٿي ويئي.

تعليمي وشيہ تيءُ پڻ بينڪ رٿي ويئي هئي. جنهنجي صدارت جهمتمل ٽلواڻي ڪئي، جو خود بہ هڪڙو ماستر صاحب هئو ۽ اِسڪول بہ شروع ڪيو هئائين. تنهن ۽ ٻين اُستادن اِسڪولي تعليم ۾ ايندڙ ڏکيائن، مسئلن ۽ تڪليفن بابت سوالن تي ويچارن جي ڏيوٽ ڪئي ۽ کي آزمائشي طلبون پڻ هڪ ٺهراءُ جي روپ ۾، اُن بينڪ ۾ پاس ڪري ورتيون جيڪي مرڪزي سرڪار توڙي گجرات سرڪار لاءِ هيون.

آل اِنڊيا باڊيءَ جو نالو ”اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا“ رکيو ويو جنهنجي مکيہ عهديدارن جي چونڊ ڪليل اِجلاس ۾ ڊيليگيٽن طرفان هٿ مٿي ڪٽي ڪرائي ويئي. ٽي مکيہ عهديدار هئا (١) پرڌان (٢) جنرل سيڪريٽري ۽ (٣) خزانچي. هنن ٽن عهديدارن جي چونڊ يڪراءِ ٿي. پرڌان پروفيسر منگهارام يو. ملڪاڻي، جنرل سيڪريٽري اي. جي. اُتم ۽ خزانچي ڌرمداس ڪشتريا. باقي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ١٨ ميمبرن لاءِ پرڌان کي اَختياري ڏني

ڪرڻ ڏني وڃي ۽ پوءِ ڪارروائي اڳيان وڌائجي. آجواڻي صاحب موقعي جي نزاڪت کي محسوس ڪيو ۽ حشوءَ کي تقرير ڪرڻ لاءِ سڏ ڪيائين. ٻئي طرف ههڙي گوڙ جي ڪري حشو به تڏهن تي ويو هئو ۽ مختصر ۾ تمام هلڪي نموني تقرير ڪري پوري ڪيائين ۽ سميلن جي ڪارروائيءَ کي اڳتي وڌڻ ڏنائين.

پر اِن کان وڌيڪ جهڳڙي ۽ متڀيد وارو مدو اُتيو ته هن سميلن ۾ ايندڙ سال لاءِ سڀا جو سيڪريٽري کير ڻئي. اي.جي. اُتم ٽي سال (۵۹-۶۰-۱۹۶۱) جنرل سيڪريٽريءَ جو عهدو ماڻي چڪو هئو. اديبن جو هڪڙو طبقو اُتم جي کهري ۽ رُکي وهنوار ڪري ناراض هئو، جن چاهيو ٿي ته جنرل سيڪريٽري ٻيو ڪو ٿئي جيڪو سڀني کي قبول هجي. ٻئي طرف هڪڙو طبقو اهڙو به هئو جنهن اُتم کي ڪميونسٽ ڌارا جو حمايتي هئڻ ڪري ناپسند ٿي ڪيو جن ۾ آر.ايس.ايس. وارا جزا به هئا. اُنهن چاهيو ٿي ته لوڪناٿ جيٽلي کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو وڃي. جن سڀا کي گهٽي ۾ گهٽي اوچ تي آڻڻ ۾ شڪتي ڏني هئي، سي هڪ آر.ايس.ايس. جي سرگرم ڪم ڪندڙ کي سڀا جو جنرل سيڪريٽري جو عهدو ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار ڪونه هئا ۽ ويهن ننهن جو زور لڳائي به اِهو عهدو هڪ سال وڌيڪ اُتم کي ڏيڻ ٿي چاهيو جو آزمودگار ۽ برجستو ڪم ڪندڙ هو.

موهن ڪلپنا جيڪو آسانجو دوست ۽ نرپکش طبقي جو اڳوان هئو سو پڻ اُتم جي فاعدي ۾ نه هئو ۽ تاهه جي ڪوشش ڪري رهيو هئو سو ڪنهن وقت کيرت وٽ آيو ۽ اچي چيائينس ته ”آسين ترقيپسندن جي خلاف ڪونه آهيون. پر آسين اُتم جي خلاف آهيون جو هن پنهنجي رُخ ۽ روش سان کيترن اديبن کي رنجايو آهي.“ هن کيرت اڳيان رٽ رکي ته ”تون (کيرت) اگر جنرل سيڪريٽري ٿيڻ لاءِ تيار هجين ته اسين لوڪناٿ جيٽلي کي پاسيرو ڪري ويندا سون ۽ توکي يڪراءِ چونڊائيندا سون اِهو منهنجو وچن آهي.“

کيرت بلڪل سچي دل سان چيو ته، ”پنهنجي مترُ اُتم جي

بنا ڪارڻ مان گهٽتائي نٿو ڪري چاهيان. سيا ڪي چڙي، جي ڏسبو ته هو هڪ سچو، ايماندار ۽ هڏ ڏوکي ڪم ڪندڙ آهي. مان ڪيس ئي سپورٽ ڪندس ۽ ڪنائيندس.''

ٻئي ڏينهن شام تائين، جڏهن چونڊون ٿيڻيون هيون، ڪوبه سمجهوتو ڪونه ٿيو ۽ ڪليل ووٽ رستي پهرين صدر ۽ پوءِ جنرل سيڪريٽريءَ جي چونڊ ڊيليگيٽن جي سامهون آئي.

ڪلپنا ۽ هڪ آڌ ٻئي اُتم جي اُميدواريءَ خلاف ڳالهايو ۽ لوڪناٿ جو نالو پيش ڪيو ۽ ڪيرت اُتم جي ڳڻن جو ورنن ڪري سندس نالو تجويز ڪيو ۽ ڪيس چونڊڻ لاءِ زور ڀريو. چونڊون ٿيون. پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻي يڪراءِ پرڏان چونڊيو ويو ۽ جنرل سيڪريٽريءَ جي چونڊن ۾ ڪليل ووٽن ۾ اُتم کي هڪ هزار ڊيليگيٽن مان ۷۵ سيڪڙو ووٽ مليا ۽ جيتلي ۲۵ سيڪڙو مس ڪٽي سگهيو.

اوچتو اَچي خوب برسات پيئي ۽ آندرين توڙي ٻاهرين گرمائش اُڏامي ويئي. زوردار بارش ڪري ڪارروائي مهمل ڪئي ويئي. ڪلاڪ ڪانپوءِ رسوئي وغيره جو اونو لاهي ڪلاڪارن ڏکڙن تي اَتو لڳايو. جڏهن سميلن جي ڪلچرل پروگرام ۾ ويناسون ته اَندر ۽ ٻاهر شانتيءَ جي فضا تاري هئي ۽ ڪلاڪارن اُهي واڄٽ وڄايا جو ڇا چئجي.

جدا جدا شهرن مان ڪيترائي ناٽڪ-ڪار، نرتيڪار، سنگيتڪار ۽ ٻيا ڪلاڪار آيل هئا جن سيني پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاري خلق کي خوب وندرايو پر هن پروگرام ۾ گوبند مالهيءَ جي ڪلاڪار منڊل اَصل واڄٽ وڄائي ڇڏيا. خاص طور ڀڳونتي ناواڻي ته خلق تي اَصل ڇانئجي ويئي. ڪرشن راهيءَ پنهنجا بيت، ''سنڌ ۽ سنڌي'' اَهڙي ته سريلي ۽ درد ڀريئي انداز ۾ پيش ڪيا جو جڏهن Climaxe تي پهچي آخرين بند تي ڳاتائين ته رات جي سناٽي ۾ آخرين بند جا لفظ آزاد فضا ۾ لرزڻ لڳا:

”جيڪي هتي ڄميا، سي بہ سنڌي سڀئي
ڏارين وانگر جڏهن سنڌ ويندا
تہ ماڻهو چوندا- سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ...“

تہ ماڻهن جا چهرا ئي ڇڄي پيا... اکين مان آبشار ٽئي نڪتا ۽ سڏڪا ڦٽي نڪتا- ڇوڏاري ماڻهون، زالين-مڙدين لڙڪ لاڙيندا رهيا.

★ ★ ★

١٩٦٢ ڀارت لاءِ سنڪٽ جو سال هئو جو چين ڀارت تي تبيت جي سوال تي دغابازيءَ سان حملو ڪري ڇڏيو هئو ۽ ماڪوڙين وانگر ڀارت تي ڏوڪيندا پئي آيا.

سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ طرفان هن سال ١٩٦٢ جي سميلن جو هنڌ جئپور مقرر ڪيو ويو هئو جتي نوجوانن جي ٽولي ڏاڍي تيز-فهم، چست ۽ هڏڏوڪي هئي جن ۾ خاص طور تي همراهہ ’سندر اگناڻي، لڇمڻ ڀمڀاڻي ۽ واسديو سنڌو - ڀارتي‘ جي تياري مشهور هئي جيڪي اڳتي هلي جئپور جي ٽمورتيءَ جي نالي سان مشهور ٿيا ۽ ڪم جي ڪافي ذميواري پاڻ تي هموار ڪيائون. اِها ٽمورتيءَ سڀا سان خوب هٿ ونائي بيني هئي ۽ جئپور مان اڳتي هلي هڪ ڇترن سان هفتيوار رسالو ”سحٽي“ شروع ڪيائون.

ڪيرت ٻاٻاڻي جئپور سميلن جي بندوبست جي جاچ پرتال ڪرڻ لاءِ جئپور پهچي ويو هو تہ اُتان جي ڪم ڪندڙن مخول ڪئي ۽ ڪلي ٻڌاياڻونس تہ هنن اڳئين رات آل اِنڊيا ريڊيو تان سڀا جي پرڌان لالسنگهہ اَجواڻيءَ جي پڌرائي ٻڌي آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ ”ڀارت لاءِ سنڪٽ ڪال آهي جنهن ڪري سڀا جو سميلن محمل ڪيو ويو آهي. جيئن ئي حالتون سڌريون (Normal) ٿينديون تہ نيون تاريخون مقرر ڪيون وينديون.“

پهرين تہ ڪيرت کي وشواس ئي نہ آيو تہ ڪيئن سميلن محمل ڪيو ويو آهي ۽ ڇو محمل ڪيو ويو آهي. ڪيس ٻاهہ ولي وئي تہ هيڪاري هيءَ ئي وقت هئو جو ساري ڀارت جا سنڌي عيوضي هڪ

هند ڳڌجي حملاور ڌارئين سرڪار تي سخت جلد ڪري سگهيا ٿئي.
پر ڪوپڙي ڪوپڙي مت نياري. اهڙي حالت ۾ خاموش رهڻ بهتر هئو
سو ٽپڙ ٻڌي واپس موٽي آچٽو پيس. اِن وچ ۾ ڌارين حملاور سرڪار
خلاف سچو يارت اُتي ڪڙو ٿيو هو جنهن ۾ اسانجو اعتراض، درياه ۾
هڪڙي لهر هئي! لٽيرن جي حملي جو سنڪٽ، ڪنهن نه ٻولي ۽
جي سميلن کان ڪنهن نه حالت ۾ اڳرو ۽ مٿي هئو. پر ٽڪڙ ڪرڻ
جي بجاءِ، هڪڙو ٽڪڙو ميڙ ڪوٺائي، صلاح مصلحت ڪري سميلن
کي مڪمل ڪرڻ وڏيڪ لوڪشاهي هئو.

خوشقسمتي هئي جو هند- چائنا جي جنگ جو سمو جلدي پورو
ٿي ويو ۽ صلح شانتيءَ جو وايو منڊل موٽي آيو. اسان سميلن ۾ دير
وجهڻ نٿي چاهي. ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ٽڪڙو ميڙ گهرائي اُن ۾
نيون تاريخون طئہ ڪيوسون ۽ ٢٦-٢٧-٢٨ آڪٽوبر ١٩٦٣ تي ڇهون
سميلن گهرائڻ جو فيصلو ڪيوسين. ٻنهين ڌرين جي سهوليت ۽
رضامندي سان تاريخون پڌريون ٿيون ۽ ڇوڏاري ڪم جون سرگرميون
شروع ٿي ويئون.

آجيان ڪاميٽيءَ جو چيئرمن جسٽس اِندرسين ايسراڻي مقرر
ٿيو. اجمير ۽ راجستان جي ٻين مکيہ شخصيتن جو هڪ صلاحڪار
بورڊ ٺاهيو ويو جنهن ۾ مدبرن کي شامل ڪيو ويو جن ۾ مکيہ سڄڻ
هئا سيرومل وشنداس (سنڌ جو اڳيون ڪانگريسي ۽ ايم. ايل. اي)
ڦانورداس پنجابي، ڪوڏومل شامداس، چوهڙمل ٻالچند، تولارام
ايسرداس، هري رام چيلارام، واڌوا ٽي. ڪيسواڻي، رامچند سياڻي
(هندو اخبار اجمير جو سمپادڪ)، ڊاڪٽر پوهومل (تازو چونڊيل ايم.
ايل. اي) اجمير، ڊاڪٽر ترلوڪ آسناڻي (ڪوٽا) موهنلعل واسواڻي
(اُڏيپور) لونگمل پيرومل (جوڌپور) هرومل تولاڻي (اَلوَر). آجيان ڪاميٽي
۽ صلاحڪار بورڊ کي وشال روپ ڏنو ويو ۽ الڳہ الڳہ ڌرين ۽ ويچارن
جي شخصن کي ڪنيو ويو. آجيان ڪاميٽيءَ پاڻ، ڪم جي ورڇ جي
حساب سان هر ننڍي وڏي ڪم لاءِ، مشاعري کان ويندي پنڊال جي

بندوبست تائين ڪل ١٥ سب ڪاميٽيون ناهي، هر ڪنهن کي الڳ ڪنوينير مقرر ڪري ڏنو ويو.

آجيان ڪاميٽيءَ هڪ ساراهه جوڳو ڪم ڪيو جو راجستان پرديش جي ٢٦ ضلعن جي تعليمي کاتي جي اِنسپيڪٽرن کي هڪ خط لکي عرض ڪيو هئو ته راجستان ۾ سنڌي پرائمري ۽ مڊل اِسڪولن جي تعليم جي حالت ڪهڙي آهي تنهن بابت انگ اکر ڏنا وڃن. ٢٦ اِسڪولي اختياريءَ وارن مان فقط ڏهن اِسڪولن وٽان انگ اکر آيا. باقي ٻين وٽان ڪوبه احوال ڪونه آيو. هڪ شهر ڀيلواڙا کي ڇڏي، باقي ٻين (٩) اِسڪولن ۾ سنڌي عربي لپي پڙهائي ويندي هئي. شاگردن جو جملي تعداد پنج هزار هئو جنهن مان جئپور ۾ گهٽي ۾ گهٽ تعداد ١٣٥٠ ۽ بونديءَ ۾ توري ۾ تورو ٥٤ هئو. جئپور ۾ ٨٢ ماستر هئا ۽ بونديءَ ۾ صرف ٢ ماستر هئا. ڪوٽا ۾ ساڍا نوَ سوَ شاگرد ۽ ٣٠ ماستر هئا. چارٽ ناهي اِهي انگ اکر سميلن جي موقعي تي ڇپيل، سووينير ۾ ڏنا ويا، جنهن ۾ اِئين به چيو ويو آهي ته ڪن هنڌن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جي طلب ڪانه تي آهي ته ڪن هنڌن تي اِسڪولي ڪتابن جي اڻاٺ ڪارڻ سنڌيءَ ۾ تعليم ڪانه ڏني تي وڃي ته ڪٿي وري ماسترن جي بندوبست جي ڪوتاهيءَ ڪارڻ اِسڪول هلائي نٿا سگهجن.

سميلن ٿيڻ کان اڳ بدقسمتيءَ سان ڪيرت کي اوچتو اچي ملو نڪتو. ٻچي سڄي پيس ۽ ڳالهائڻ ۾ فرق پئجي ويس. سندس گهرو ڊاڪٽر هاسارام راوتاڻي چوي ته هڙي حال ۾ ڪيرت جو ٻاهر وڃڻ خطري کان خالي ڪونهي. هو سُن ۾ پئجي ويو. ڊاڪٽر کي اِلتجا ڪيائين ته ڪو ترت علاج ڪري. ڊاڪٽر چيو ته، ”هن مرض جو ڪوئي ترت علاج ڪونهي. پنهنجي وقت تي ايندو ۽ پنهنجي وقت تي موٽ کائيندو.“ ڪيرت لاچار تي ويو. ڊاڪٽر چوي، ”ڪو زمين آسمان هيٺ مٿي ڪونه تي پوندو. ٻاهر نڪرڻ جو خيال اصل لاهي ڇڏ. اِها بيماري قاتل آهي. سميلن توکانسواءِ به ٿي ويندو.“

ڪيرت من ۾ چيو تہ ’جي ڊاڪٽر راوتاڻي جيئن ڳالھ تو ڪري مونکي هوش ڪان ڪم ورتڻ گھرجي ۽ جذباتي ٿيڻ نہ گھرجي ۽ ڊاڪٽر جي صلاح کي مڃڻ گھرجي.‘ لاچار ٿي هن جئپور وڃڻ جو فيصلو ڦيرائي ڇڏيو ۽ دل تي پٿر رکي ڇڏيائين. دل پيئي چويس تہ ضرور ڪو ڌماڪو ٿيندو. ڪو بمگولو ڦاٽندو. ٽي ڏينھن ڪيرت ساه روڪي ويٺو تہ دوست موٽي اَچن تہ سميلن جون خبرون ڏين-وٺن. چوٿين ڏينھن شام جو هو بستري تي سمھيو پيو هو تہ ٻہ چار دوست، جيڪي جئپور سميلن تان موٽيا هئا، سي سندس گھر اَچي پھتا جن ۾ پروفيسر رام پنجواڻي موهن ڪلپنا ۽ هڪ اڌ ٻيو بہ هو.

پروفيسر رام پنجواڻي ڏاڍو ششدر ۽ مونجھاري ۾ هئو. سندس پرڏانپٽي هيٺ سنڌي عربي لپيءَ جي فاعدي ۾ سندس بيخبري ۽ اَڻڄاڻائي ڪان (سندس چوڻ موجب) ڪليل اِجلاس ۾ ٺھراءُ پاس ٿي ويو هئو جنھن تي هو پاڻ بہ پريشان هئو ۽ ديوناگريءَ واري ڌر بہ پريشان، دکي ۽ غصي ۾ هئي. اُن ڌُر ۾ سندس تمام ويجھا متر هئا ۽ ڪانگريسي اَڳوان پڻ (خاص طور جيرامداس دولترام ۽ بلديو گاجرا) جنھن لاءِ هو معافي طلب هئو ۽ خاص مون وٽ آيو هئو تہ اِنھيءَ ٺھراءُ تي عربي سنڌي لپيءَ وارا زور نہ ڏين ڇاڪاڻ تہ تحرڪ ٽٽي ويندي. هنجو چٽو اِرادو هو تہ ڪيرت پنھنجن دوستن کي باز آڻي ۽ هن گنڀير حالت کي سڃاڻي وٺي. ڪيرت چيو، ”مان سوچيندس.“

هن جڏهن شانتيڪي نموني ههڙي حالات (Situation) تي سوچيو تہ ڪيس لڳو تہ آسانجي دوستن، جئپور سميلن ۾ سنڌي عربيءَ جي حمايتن جي گھڻائي جو فائدو ورتي ۽ پروفيسر پنجواڻيءَ جي الغرضائي سبب ٺھراءُ پاس ڪرائي ورتو آهي. ٺھراءَ جي ٻولي بہ ڪجھہ اَهڙي هئي جو پنجواڻي اُن جي اوٽ ۾ جان بچائڻ ٿي چاهي. Operative جملو هو تہ، ”سميلن اِن راءِ جو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لپي سنڌي عربي ئي ٿيڻ گھرجي.“ رام پنجواڻي چوي

ويو هو سا اُڪل پارٽ سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سان شامل ٿيل سنستا هئي ۽ ڪافي وقت کان سرڪار سان سنڌي جاتيءَ جي سوالن تي لکپڙهہ پئي ڪندي رهي هئي.

———★———★———★———

اُتر پرديش ۾ هلچل منڍ کان وٺي ايڏو زور ڪونہ ورتو هئو. مکيہ ڪارڻ اِهو هئو جو اُتي سنڌي ٻوليءَ جي تعليم جو ڪوبہ بندوبست ڪونہ هئو. جيئن سنڌ مان آيل ماسترن ٻين وڏن شهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اِسڪول کوليا، سنڌي ٻوليءَ جو ڪجهہ واهپو شروع ٿيو ۽ ڪجهہ ساهتڪ سرگرميون بہ شروع ٿي ويون، اِها ڳالهہ اُتر پرديش ۾ ڪانہ ٿي. ڪافي وڏا شهر اُتر پرديش ۾ پڻ هئا جتي سنڌي جاتيءَ جا فرد بہ ڪافي اَنداز ۾ اَچي وسيا هئا. پر اُهي گهڻو ڪري واپاري طبقي مان هئا جن پنهنجي ڀلائي قومي ڀاشا هنديءَ ۾ سمجهي ۽ پنهنجي آئيندي کي هندي ڀاشا سان جوڙي رکيو.

اُتر پرديش ۾ ڪجهہ وڏا شهر- ڪانپور، لکنئو، آگرو، اِلهاباد، بنارس وغيره هئا ۽ اُنهن ۾ ڪن سنڌي-پرست عالمن شروعات ۾ سنڌي اِسڪول برپا ڪيا پر لپي ديوناگري ڪري سنڌي ٻوليءَ جو پاڙون شروعات ۾ ئي ڪاٽي ڇڏيون. اُهي اِسڪول ٿورا سال هليا پر گهڻو وقت قائم ڪونہ رهي سگهيا. هن وقت اُهي اِسڪول اُنهن شهرن ۾ آهن آلائي نہ، سندن هستين جو ڪو مضبوط اُهڃاڻ تہ ڪونہ ٿو ملي. سنستائي سطح تي پڻ ڪا سنستا ايترو اُڀري ڪانہ سگهي جو ايڏو اَثر ڏيکاري سگهي. ”سنڌو سماج لکنئو“ ئي هڪ اَهڙي سنستا آهي جنهن پنهنجي مستيءَ جو شعاع ڏيکاريو ۽ اَڄ تائين زنده هئڻ جو ثبوت ڏيئي رهي آهي.

سنڌو سماج طرفان ”سنڌي گلشن“ هڪ ٽماهي ساهتڪ رسالو شروع ڪيو ويو جو سنڌي عربي توڙي ديوناگريءَ ۾ مواد ڇپيندو آهي ۽ اَڄ ڏينهن تائين بانيہ هلندو ٿو اَچي، جنهن ۾ نہ صرف اُتر پرديش جي ليکڪن، عالمن ۽ ٻين جا ليکہ ڇپجن ٿا پر ساري

هندوستان جي ساهتڪ شخصن لاءِ ”سنڌي گلشن“ جا صفحا اڄ تائين کليل رهيا آهن. گذريل سالن ۾ جن سنڌي سماج لکنئو ۽ ”سنڌي گلشن“ سان پريم ۽ وفائيءَ جو رشتو ٻڌو ۽ قائم رکيو آهي تن ۾ سرو شري نيوند ڪيولراماڻي، راڌا ڪشن عالمچنداڻي، گيان موهناڻي، نارائڻ سامتاڻي (بنارس يونيورسٽي) پروفيسر ٺارواڻي، چوئٿرام آڏواڻي، ايشورلعل گرناڻي، جشن عالمچنداڻي ۽ ڪيترا ٻيا اڳرا رهيا آهن. بزرگن ۾ سدانند تولاڻي جيڪو سرن جي ٻڻن جو وڏو واپاري هئو ۽ ڪانپور ۾ آئيس فئڪٽري جو مالڪ مسٽر جوتواڻي پڻ اڳرا ۽ وڏي دل وارا هئا.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا اُتر پرديش جي مٿين بزرگن ۽ وڏين هستين سان هٿ هٿ ۾ ملائي ساهت سميلن لاءِ سواگت ڪاميٽي ٺاهي ويئي جنھنجو چيئرمن شري جوتواڻي چونڊيو ويو ۽ سرن جي ٻڻن جي مالڪ شري سدانند تولاڻيءَ کي وائيس چيئرمن ۽ پروفيسر نارائڻ سامتاڻي کي ڪاروباري ڪاميٽيءَ تي کنيو ويو. سنڌي چترڪار شري پرمانند پنجواڻيءَ سميلن وقت پيش ٿيندڙ نماءَ جي ذميواري هم-وار ڪئي.

مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي صلاح سان گوبند مالهيءَ تي بار رکيو ويو تہ سر زمين تي وڃي حالتن جو اُپياس ۽ سروي ڪري، معتبر ماڻھن سان ملي سميلن جي آجيان ڪاميٽيءَ کي نظر مان ڪڍي جيئن سٺين سميلن جي پڌرائي ڪري سگھجي. شري جوتواڻي (چيئرمئن) جي ساٿ سان مالهي سيني ڏرين، معتبر شخصن توڙي نوجوان ڪم ڪندڙن سان ملي، ڪين ڪنو ڪري، سميلن لاءِ ماحول تيار ڪري آيو ۽ سندس بمبئي پهچڻ ڪانپوءِ پريس پڌرائي ڪئي ويئي.

لپيءَ جي سوال تي پروفيسر رام پنجواڻي جي ٻچتائي ۽ شڪي ونھوار ڪارڻ آسان جا گھڻا ئي ڪم ڪندڙ ڪانئس ناراض هئا ۽ ٻيو دفعو سڀا جي سميلن جي صدارت هن ڪان ڪرائڻ لاءِ تيار ڪونہ

ويو. سندن دستوري آجيان جو نہ ٿي، تہ ڪين لڳو تہ اُنهن کي نظر-انداز ڪيو ويو هو، جو سندن ئي سامهون پوپٽي هيراننداڻي ۽ پڳونتي ناواڻي، والنٽيئرن سان گڏ آٽو رڪشا ۾ چڙهنديون ڏٺيون ويئون هيون. آسان جڏهن رهڻ جي جاءِ تي پهتاسين تہ آسان کي هن ڳالھہ جي ڄاڻ پيئي. پاڻ سواري ڪري رهائش جي جڳھہ تي هو پهچي تہ ويا هئا، پر تمام غصي ۾ بي عزتيءَ جي احساس هيٺ سميلن کي باءِڪاٽ ڪري واپس اَجمير وڃڻ جو فيصلو ڪري چُڪا هئا.

ڪيرت ۽ مالهي گنڀير حالت جو اَندازو لڳائي وٺي پهتا. سندن روسامو واجب هو جو اَڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڪين نظرانداز ڪيو ويو هو. ڪلاڪارن جي رنجش ڪري گورڌن پاڻ اسان سان ڳالهائڻ کان پڻ انڪار ڪيو. اجمير جي ٽوليءَ جو مهندار شري آسنداس بجلاڻي هڪ معتبر ۽ ديرينو شخص هو. ورهاڱي کان اَڳہ نوابشاھہ ۾ ڪيرت جو اُستاد رهي چُڪو هو ۽ ڪيرت سندس پيارو شاگرد هو : ڪيرت ۽ گوبند مالهي وٽس ويا ۽ هٿ ٻڌي معافي ورتائون ۽ بيخبريءَ ۾ ٿي ويل خطا لاءِ ڏک جو اِظهار ڪري در گذر ڪرڻ جي وينتي ڪيائون-شروع ۾ تہ هو ڪين ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نہ هو. ڪيس وري ذهن نشين ڪرايو ويو تہ سندن بائڪاٽ جي فيصلي ڪري سيا، سميلن ۽ سندن جي پڻ بدنامي ٿيندي، جنهن مان ڪنهن کي ڪو فائدو ٿيڻو ڪونہ هو- ۽ آسان بنا ڪنهن دليل جي ڪابہ سزا قبول ڪرڻ لاءِ تيار هئاسون تہ صرف ايترو قبوليائين تہ آسان جو سنديش ڪلاڪارن کي پهچائيندو. آخر اسان جي ڏک جي اِظهار جو اَثر ڪلاڪارن تي پيو ۽ سميلن کي بائڪاٽ ڪرڻ جي فيصلي کي واپس ورتائون ۽ اِئين وري سٺائو ماحول پيدا ٿيو. هر ڪنهن هنڌ سرهائي ٿي وئي.

هاڻي سيني کي ٻئي صبوح جي سواڳتي پروگرام جو اِنتظار هو ۽ من ۾ اُتساھہ هو. آئيندھہ جا خواب ڪٽي رات هرڪو اَچي بستري داخل ٿيو.

سميلن جي محورت لاءِ وڏي کُليل ميدان ۾ هڪ شاندار،

اظهار ته ڪيائين پر اهو انجام پڻ ڪيائين ته آهڙي غلط قدم کي ترت ڏڌاريو ويندو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي مانائتي جاءِ ڏني ويندي. سنڌين کي آٿت ڏنائين ته سنڌس دروازا سنڌين جي فرياد ٻڌڻ لاءِ سدائين کليل رهندا ۽ ڪين پورو انصاف پلئه پوندو. سچيتا ڪرپالاڻي زنده‌آباد جا نعرا بلند ٿي ويا. هر ڪنهن ٺهلرام آزاد کي سندس باأثر تقرير تي واڌايون ڏنيون. پروفيسر بي. ايچ. ناگراڻيءَ پنهنجي تقرير ۾ البت سنڌين سان ٿيندي ورتاءُ جي ڳالهه ڪئي پر اُن جو نبيرو ته شريمتي سچيتا ڪرپالاڻي اڳواٽ ئي ڪري چُڪي هئي. پوءِ روائتي ڪارروائي هلي. سنڌين ۽ غير سنڌين وٽان آيل سنديش پڙهيا ويا ۽ مکيه مهمان جي مهرباني مڃي ويئي.

رات جو ڪلچرل پروگرام ۾ گوردن محبوباڻيءَ جي سنگيت ٽوليءَ خوب موج مچائي. تمام سُريلا گائڪ ۽ سازيندڙ هئا. سندن گيتن، غزلن، دوگانن جي بهترين چونڊ هئي. گوبند مالهيءَ سان آيل پگهونتي ناواڻي ۽ سندس ساٿين ماحول کي وڌيڪ دلڪش بڻايو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو سڀا جي ڪم جي چنڊڇاڻ ۽ ٺهراءَ بحال ڪرڻ لاءِ وقت مقرر هو، جيڪا در اصل اهم بيٺڪ ٿيندي هئي، پر اُن ۾ ڪي ڳاڻ ڳڻيا ڊيليگيٽ ئي دلچسپي وٺندا هئا.

هڪ ڳالهه هتي چٽي ڪري ڇڏڻ گهرجي. سڀا جي واڌاري ڪري ڪي غلط عناصر پڻ تحريڪ ۾ شامل ٿي ويا. ڪين سڀا جي هاڪ ۽ ناموس ته پوري طرح پاڻ ۾ پئي پيئي پر اِن ڳالهه جو افسوس هين ته سڀا تي ترقي - پسند اديب حاوي هئا. اِئين سڀا اندر ئي هڪ ناراض ٽولو (Disgrunted) اُڀري آيو جو اِها حقيقت ڪين ڏڪوئي رهي هئي. اِها پڻ حقيقت هئي ته سڀا جو موجوده سرڪردان (خاص ڪري سيڪريٽري) ترقي پسند هئڻ ڪري مارڪسوادي هو، ۽ 'اِئين سيني سرگرم سرڪردن تي 'ڪميونسٽ' ليبل لڳائڻ سولو هو ۽ سندن دماغ ۾ اخباري ۽ سنگهي پرچار موجب 'ڪميونسٽ معنيٰ ديش دروهي!' اِئين سنگهي ويچار ڌارا ۽ ڪانگريس ويچار ڌارا وارا ۽ ڪيترا

مدراس، حيدرآباد، سڪندرآباد. اُنهيءَ طرف سنڌي ٻوليءَ لاءِ هلچل نہ جي برابر هئي. سبب هو اُتي ڪنهن ساهتڪ سنسٿا يا ڪلچرل ٽوليءَ جي غير موجودگي. ڪا چٽنگہ هجي تہ هوا سان پنيٽ ٻري سگهي ٿو، پر اُتي هلچل جي لحاظ کان رکہ جا ڍير هئا. اُتي سنڌي سون ۽ چاندي ميڙڻ ۾ مشغول هئا. مکيہ طور اُتي شڪارپور جا ڪيترا سيلبون ورهاڱي کان اڳہ ئي وياج وٺي جي موروثي ڪرت ۾ هئا. بس پئسا ڪمائڻ کان سواءِ وٽن ٻيو ڪو هوش ئي نہ هو.

اسان جي من ۾ خيال آيو تہ ڪجهہ بہ هجي، جاتيءَ جو ايڏو وڏو حصو اسان کان ڪٽجي ويو آهي، جنهن کي نظرانداز ڪري. چڏي ڏيڻ، نہ صلاح پريو ٿيندو نہ سياڻپ پريو! ڪين واپس پاڻ ڏانهن آڻڻ جي، پنهنجي سماج ۽ تحريڪ جو حصو بڻائڻ جي ڪوشش ضرور ڪرڻ کپي. خيال بيٺو تہ هڪ دفعو ڏکڻ پارت وڃي حالتن جو جائزو وٺجي تہ اُتي ڪهڙي هنڌ سميلن ٿيڻ مُمڪن آهي؟

پروفيسر بي. ايچ ناگراڻيءَ جو پُراڻو واقفڪار شڪارپوري دوست، چاهڪ ۽ نياز مند، شري پرشوتم بجاج، بئنگلور ۾ وڏي هستيءَ وارو واپاري هو. پروفيسر ناگراڻيءَ ٽيليفون تي ساڻس ڳالهايو ۽ اِئين ڳالهين ڪندي هُن دلدار شخص بئنگلور اچي حالتن جو جائزو وٺڻ لاءِ نيند پڻ ڏيئي چڏي ۽ واعدو پڻ ڪيائين آوهان کي پورو ساٿ ملندو.

اُن وقت سڀا جو جنرل سيڪريٽري گوبند مالهي هو، پر ڪن سببن ڪري هُنَ لاءِ بمبئي ڇڏڻ مُمڪن نہ هو. ڪيرت، پروفيسر ناگراڻيءَ کي ڪافي ويجهو هو ۽ خيالن ۾ پڻ هڪ جهڙائي هئن. ٽڪيٽون وٺي گاڏيءَ ۾ چڙهي پيا ۽ شري بجاج کي اِطلاع ڏئي ڇڏيائون. هو مريادا جو صاحب هو، گاڏيءَ تان پاڻ کين وٺڻ آيو. سڄ لٿي بعد سندس گهر پهتا. خوب مهمانوازي ٿين. رات جي مانيءَ بعد رهاڻ ڪرڻ ويٺا تہ بجاج ٻڌائين تہ هن بئنگلور ۾ سميلن ڪرڻ جي تياري ۽ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. ٽيليفون ڪري ڪيترن ئي

مُکيہ واپارين کي سحڪار لاءِ راضي ڪري ڇڏيو آٿائين. مدراس ۽ حيدرآباد جي پنچائتن جي مُکين جي ڪن تي پڻ ڳالھ وڌي اٿائين. ڪوبہ ھن ڪان پري ڪونہ ويندو- جيتري رقم جي ضرورت پوندي سا ڪيس گھر ويني ئي ملي ويندي. ڪيرت ۽ ناگراڻي جا سڀ وسوسا، غم، گونڊر ڪافور ٿي ويا. ھنن پنھنجن ڪن پائرن سان روبرو ملڻ ۽ حالي احوالي ٿيڻ پڻ چاھيو. ھُن ٻئي ڏينھن تي شام جو ميڙ رکيو، جنھن ۾ بئنگلور جا مُکيہ سينيون موجود ھُئا. جتي ڪيرت ۽ ناگراڻيءَ ٻن ڏينھن جي سميلن جي روپ ريکا رکي ۽ مختصر ۾ سڄي ھندستان مان سنڌي سيٽڪ ٽولين جي شامل ٿيڻ جا تفصيل ڏنا.

ڏکڻ ڀارت جي باغ باغيچن واري سھڻي شھر بئنگلور جو خيال ڪري آسان ٽن ھزار ڊيليگيٽن جون رسيدون ڇپايون، ڊيليگيٽ في صرف پنج روپيا ھُئي. پر اھڙي سُندر شھر ڏسڻ جي ھر ڪنھن کي دل ھُئي. ھر ھنڌان ڊيليگيٽن جي رسيدن جي وڏيڪ گُھر ٿيڻ لڳي. آسين حيران تہ ڪٿي گھوٽالو نہ ٿي پوي، تنھنڪري ڊيليگيٽ رسيدون موڪلڻ ۾ پڻ ڪُجھ قدر ڪنجوسائي ڪئي ويئي. آخر ٽي ھزار رسيدون ورھائي ھٿ بند ڪري ڇڏيوسون. ھرھڪ ڊيليگيٽ کان ويھ روپيہ ڪاڌي لاءِ ورتڻ جو بہ اعلان ڪيوسين ڇاڪاڻ جو بئنگلور جي بانيڪارن جي اھڙي چاھنا ھُئي تہ خرچ ۾ ڪُجھ قدر آسان پڻ ڀاڱي ڀائيوار ٿيون. اِئين بئنگلور ۾ اٽڪل ٢٢٠٠ ڊيليگيٽ اَچي پھتا. ھي عدد اَڳين سيني سميلن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ئي ھو، ائين سنڌيت جي ھلچل ۾ ھيءَ ھڪ اِتھاسڪ سميلن ھو. ڀارت جي وڏان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي آئين شيڊول ۾ داخلا بعد ھي پھريون سميلن ھو. ڇڻ ھڪ ڪاميابيءَ جو جشن ھو.

ھڪ ٻئي خيال کان ھتي سميلن جو غلط اِتھاس پڻ ٺھيو، جنھن ڪري سميلن جي بي نظير ڪاميابيءَ تي گرھڻ جي ڇايا پئجي ويئي. پروفيسر بي. ايڇ. ناگراڻي ڪلئي اِجلاس ۾ چوندن جي

پڌرائي ڪئي. اسان طرفان جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو نالو تجويز ڪيو ويو. مخالفتي هن ٻيري ترقي پسندن کان سيا جون واڳون کسڻ لاءِ بلڪل تياري ڪري آيا هئا. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ خلاف آر. ايس. ايس جي ڪٽر هندو پرست اجيت ڪشور (پونا مان) ڪانگريس جي اخبار 'پارتواسيءَ' جي ايڊيٽر ٻلديو ڳاجرا جو نالو اڳيان آندو، ڇاڪاڻ جو آر. ايس. ايس وارن وٽ پنهنجو ڪو برجستو اُميدوار ڪونہ هو تنهنڪري عملي طور آر.ايس.ايس ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ نهراءُ ڪيائون. ٻلديو ڳاجرا خود چونڊ لاءِ تيار نہ هو پر مخالفت ڌر جا ٻہ شخص سندس پير پڪڙي ويهي رهيا ۽ کيس ڇُرڻ پُرڻ کان روڪيندا رهيا. آخر نوبت ووٽن تي اچي پهتي ۽ ووٽن جي ڳڻپ ۾ ٻلديو ڳاجرا کي ڏيڍ سو ووٽ وڌيڪ مليا. اسان جي دوستن هاءِ گهوڙا مچائي. پوپٽي هيرانندائي اِسٽيج تي اچي کُلي نموني اعلان ڪيو تہ ”ٻلديو ڳاجرا کيس درو پٽي ڪونيو آهي“ (هڪ ليکہ ڏانهن اِشارو هئو) ۽ اعلان.ڪيائين تہ ”هوءَ سيا سان سڀ ناتا ٽوڙڻ لاءِ مجبور ٿيندي.“

اِن وچ ۾ ڄاڻ پيئي تہ ڪيترا غير ڊيليگيٽ جيڪي شاميانے ۾ پروگرام ڏسڻ آيا هئا اُنهن پڻ ووٽ ڏنو هو تنهنڪري ووٽ وٺڻ جو طريقو غلط هو. ووٽ ڏيڻ جو حق صرف ڊيليگيٽن کي هئو ۽ نہ ڪ درشڪن کي. پروفيسر ناگرائيءَ پڻ اعلان ڪيو تہ هو ٻلديو ڳاجرا سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ پرڏانپٽي تان اِستعفا ڏيڻ جي ڳالهہ ڪيائين ۽ منچ تان هيٺ لهي آيو. اسان جا ليڪ دوست پڻ منچ تي چڙهي آيا ۽ جوش ۾ نعرا لڳائڻ شروع ڪيائون ۽ اعلان ڪيائون تہ هو سڀ سميلن ڇڏي ويندا.

ديپڪ ڪوڏوائي (اندور) منچ تي چڙهي آيو ۽ ڪيرت کي ٻانهن کان پڪڙي چيائين، ”سميلن ٽوڙيو ٿا. اوهان تي پاپ پوندو.“

ڪيرت کيس پڪڙي چيو، ”اهو ڪڪرم اوهان ڪيو آهي. پاپ جا ڀاڳي تہ اوهان ٿيندا. اها اوهان جي سازش آهي. هونئن ڪُجا

بلديو ڳاجرا ۽ ڪُڇا اوهان جي ويچار ڌارا؟؟؟

اِئين سڀ ليڪ پنڌال مان ٻاهر نڪري آيا. ۽ چونڊون وچ ۾ ئي رهجي ويون. اِهو سچو واقعو دکدائڪ هو. رات جو شري پرشوتم بجاج جي بنگلي تي وينا هئاسين ته ڪي اَلڳ اَلڳ ڌُرين جا ۽ ڪي معزز شخص بي. ايچ. ناگراڻي، رام چينملاڻي، ناري ڱُرسهاڻي، لڇمڻداس ماٽڪاڻي، نانڪرام ايسراڻي، ديپڪ ڪوڏواڻي ۽ بلديو ڳاجرا، آچي سندس بنگلي تي پهتا. بلديو ڳاجرا پيريندي ئي جنرل سيڪريٽري پد تان هٿ ڪنيو. ڳالهيون ڪندي اُن رت تي پهتاسين ته سڀا جو پرڌان، جنرل سيڪريٽري ۽ خزانچي ساڳيا رهندا، پروفيسر ناگراڻي، گوبند مالهي، ڌرمداس ڪشتريا، ۽ وائيس صدر شري پرشوتم بجاج، باقي ڪاميٽيءَ تي مخالفت وارن مان ڪن کي کنيو وڃي ۽ اِئين سڀا جي ايڪتا قائم رهي ۽ ٽٽڻ کان بچي وڃي. آسان سڀني جون دليون نراس هيون ۽ گهري اُداسائي ڇانيل رهي پر سمجهوتو، سمجهوتو ٿيندو آهي. ڪاميابي ته چيز ئي اَلڳ ٿيندي آهي. اِهو سوچي ته پل هڪ سال هن سمجهوتي جي حالت ۾ گذري ۽ سنڌيت جو ڪاروان هلندو رهي. اُن اُميد سان اِهو سڀ قبول ڪيو ويو. اِهو پڻ ڏٺو ويو هو ته وقت بادشاهه پاڻ ئي چنبڇاڻ ڪندو آهي.

سنڌي هلچل ۾، گهڻائي سنڌي ترقي پسند آديبن جي هئي، جنهن ۾ هڪ ترمورتي اُڀري آئي هئي ... گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ اي. جي اُتم. رواجي طرح سنڌيت جي هلچل ۾ ٽمورتي مشهور هئي پر حقيقت اِها آهي ته اُن ٽمورتيءَ ڪانسواءِ هڪ چوٿين مورت به هئي جا هئي ڪماري پوپٽي هيراننداڻي. تن، من ۽ ڌن سان سنڌس قربانيءَ پريو رول هر لحاظ کان گهڻو اَڳرو ٿي اُتساهت ڪندڙ هو ۽ هڪ اِستري جي حيثيت ۾ مٿي ڄاڻايل مڙدن جي ٽمورتيءَ کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪونه هو. دراَصل تواريخ نويس کي اِنصاف ڪندي چار مورتون ئي سامهون رکڻ گهرجن.

هر ڪائي جمع ڪرڻ جي ڪوشش هئي ۽ اِئين وري سنڌ جي سماج ۾ مونجهارو ۽ ڦيٽارو وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. اُتي جئرامداس دولترام ديوناگريءَ جو نيتا ۽ پارليامينٽ جو ميمبر پنهنجي سڄي طاقت ۽ تاب سان موجود هو.

سنڌي سماج کي گمراهه ڪري وري ڦيٽارو وجهڻ جي چال کي ناڪام بڻائڻ لاءِ، ۽ سنڌي ليکڪن، ۽ سنڌيت جي چاهڪن پاران اِعتراضي قدم ضروري هو. اِنڪري دهلي سميلن جي تاريخ کان هڪ ڏينهن اَڳواٽ دهلي پهچڻ جو پروگرام رٿيوسين. ... ڪلپنا، سندر اگناڻي، ڪرشن راهي، گوپيچند آڏواڻي ۽ ڪيرت تي جوابداري رکي ويئي ته پاڻ سان گڏ پين همراهن کي پڻ وٺي اَچن ۽ اِئين دهلي ليکڪ سميلن ڏينهن ديوناگري سميلن خلاف سميلن جي جاءِ ٻاهران مظاهرا ڪيا ويا، نعري بازي ڪئي ويئي، ديوناگري سميلن ۾ ويندڙن کي شرمايو ويو، ٺوڪ بازي ڪئي ويئي ۽ جئرامداس مڙده باد ۽ سنڌي ديوناگري خلاف نعري بازي جاري رهي. آسان جا ڪي دوست هال اَندر گهري نعرا هڻڻ لڳا. موهن ڪلپنا ۽ سندر اَگناڻي ديوناگريءَ جي والنٽيئرن سان اٽڪي پيا. پوءِ هو سڀ بس ۾ چڙهي الور ڏانهن روانا ٿيا ۽ جڏهن شام جو اَلور پهتا ته دهلن شهناين سان سندن خوب آجيان ڪئي ويئي.

سميلن جي مهورت لاءِ اَلوَر ۾ ڀارت سرڪار جي وزير رگهوناٿ ريڊيءَ کي ڪوٺايو ويو هو، جنهن کي وٺي آسان جا دوست شام جو ڪجهه وقت بعد اَچي پهتا ۽ دهل، شهنايون، بئنڊ باجا جوش ۾ اَچي ويا. ڪيترا ڊيليگيٽ پڻ جوش ۾ اَچي ڇيڇ وجهڻ لڳا. اَهڙي خوشيءَ جي ماحول ۾ سميلن جي شروعات ٿي.

شري رگهوناٿ ريڊي، سنڌين جي همٿ ۽ محنت کي داد ڏيئي خوب سارهايو ۽ ڀارت سرڪار پاران خاطري ڏني ته سرڪار سنڌين جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ سڀ گهربل سهوليتون ميسر ڪندي. هن ماحول ۾ 'سنڌي ٻولي اَمر رهي'، 'سنڌي لپي اَمر رهي' جا نعرا

آهوجا (بڙودا) ۽ گرمکداس (سنڌونگر).

هن سميلن جو مهورت اَنوکي نموني ٿيو. شروع ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ۽ چئن ٻين سنستائن پاران سنڌي ڪنوينشن ڪئي ويئي، جنهن ۾ سنڌ پئنچائت فيڊريشن ۽ سنڌس ليڊر ناري گرسهاڻي شامل هو. هن ميڙ ۾ ڪانڊيڊام مان خاص سوامي ليلاشاهہ پڻ آيو ۽ ميڙ کي مخاطب ٿي سنڌي لپيءَ لاءِ اَنتها اُتساهہ ڦوڪيائين ۽ هيءَ جلسو ختم ٿيڻ بعد ٻاهران آيل ڊيليگيٽن ۽ مڪاني ڊيليگيٽن هڪ شاهي جلوس ڪڍيو ۽ نعرا هڻندا هندستان اَخبار جي ٻاهران پهتا. ڪن جنوني ڪم ڪندڙن هندستان اَخبار جي دفتر ۾ وڃي ڪين غلط پرچار ڪرڻ کان باز اَچڻ لاءِ زوردار لفظن ۾ هدايت پڻ ڏني. سڀا جي بانيڪارن هن جوش گهٽ ٿيڻ تي ڪين شانت ڪرايو.

هيءُ سال ڪيترين ئي ڪاميابين کان مشهور آهي، خاص طور دهليءَ ۾/لپيءَ جي سوال تي ۵۲ ڇڻن جي بک هڙتال، هلچل ۾ هڪ ”حد نشان“ ليکيو ويندو. هن هڙتال ۾ سڀا جي اَپيل تي مُلڪ جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان ليڪ اَچي پهتا. ٻار ميڙ مان سنڌي ڳالهائيندڙ ٻہ مسلمان دوست پڻ شامل ٿيا، دهليءَ مان جيون گُرسهاڻي، هيم ناگواڻي ۽ سترام مامتاڻي پنهنجي گهر وارن سميت بکہ هڙتال ۾ شامل ٿيا. اِئين سنڌي لپيءَ ۾ ۵۲ اَکرن جي عيوض سنڌيءَ جي ۵۲ سپوتن هندستان جي پارليامينٽ اَڳيان بکہ هڙتال ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ئي لپي، (عربي- سنڌي لپيءَ) جو سوال خلق جي اَڳيان آندو ۽ سنڌين کي ٻہ لپيون ڏيئي سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش کان آگاهہ ڪيو.

بمبئي سميلن ۾ هنن ۵۲ سنڌي سورمن کي ميرٽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي وري صدر چونڊيو ويو ۽ اَڳئين سال وانگر ڪاميٽي چونڊڻ جو حق صدر کي ڏيئي صدر ۾ وشواس جو اِظهار ڪيو ويو.

۱۹۷۳، نومبر ۱۷ تي گجرات جي ننڍي شهر نڙياد ۾

ڳجرات جي تعليمي ڪانفرنس ڳرائي ويئي، جنهن ۾ ڪيترن ئي اِسڪولن جا هيڊماسٽر حاضر هئا جن ۾ مکيه هئا هرگنداس ڏنواڻي، آرجن ڪنواڻي ۽ ٻيا. هن ڪانفرنس جو مهورت اُن وقت جي ڳجرات سرڪار جي سنڌي وزير شري موتياڻي ڪيو ۽ ڳجرات سرڪار جو ٻيو وزير شري پارک پڻ حاضر رهيو. بمبئي مان ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي، موهن گيهاڻي ۽ ٻيا حاضر رهيا. رات جو ڪلچرل پروگرام ۾ ڀڳونتي ناواڻيءَ ۽ ڀڳت گهنشي ايتري تہ موج مچائي جو پروگرام صبوح جو ٢ بجي تائين هليو. هن ڪانفرنس ۾ جيڪو اهم ٺهراو بحال ڪيو ويو اُهو سنڌين جي ڇڙوڇڙ ٿي وڃڻ ڪري سنڌي تعليم ۾ هڪ جهڙائي ۽ يڪساهائي آڻڻ لاءِ سنڌي تعليم جو مرڪزي بورڊ قائم ڪرڻ جي گهر. سڄو پروگرام جواهر وديا مندر، جواهرنگر ۾ ٿيو ۽ اُن پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ پريم ٿهلياڻي ۽ ڊاڪٽر تولاڻيءَ ڪافي پاڻ پتوڙيو.

★ ★ ★

٢١ فيبرويءَ ١٩٧٤ تي ديوناگري سميلن جو بمبئيءَ جي نئشنل ڪاليج باندرا ۾ ٿي رهيو هو. سيا طرفان اُن جي خلاف ڪلاڪارن ۽ ساهتڪارن سميلن جي جاءِ (نئشنل ڪاليج) ٻاهران ٻهشڪار ڪندي بکہ هڙتال ڪئي ۽ مظاهرا ڪيا. سيا پاران بئنر ۽ پوسٽر لڳايا ويا جنهن ۾ لکيل هو 'ٻوليءَ جي هڪ ئي لپي' 'سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي لپي' آئين ديوناگري سميلن پوليس پهري هيٺ ٿيو ۽ جيڪي بہ ليڪ ويا پئي اُهي شرمندگيءَ جو احساس ڪٿي سميلن اندر پئي ويا.

هن سال سيا طرفان چيٽي چنڊ جو ميلو بمبئيءَ جي مشهور رنگہ ڀون ۾ ملهايو ويو، جنهن ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪارن ڀاڱہ ورتو. رام پنجواڻي، راڌي مونواڻي، روپ گيهاڻي، لوڪ سُر جي ڪلاڪارن ششي آهوجا، ڀڳوان چاولا، نانڪ چاولا گيتن ۽ ڪلامن جي ڌوم مچائي. بيبي رينوڪا ملڪاڻي پنهنجي نرتيہ سان موهي ڇڏيو. سنڌونگر جي

ڪلاڪار شيام آھوجا پنھنجو ننڍو مذاقي ناٽڪ ’نٽو چريو‘ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو. ھن موقعي تي ننڍو مشاعرو پڻ ڪيو ويو جنھن ۾ پريو وفا، آرجن شاد، موتي پرڪاش، واسديو نرمل ۽ ٻين شاعرن حصو ورتو. اِئين ھيءُ جلسو ھڪ ڪامياب جلسو ثابت ٿيو.

۱۹۷۴ سال سنڌيت جي ھلچل پريو سال آھي. جنھن ۾ ڪيترين نيون سرگرميون ۽ مشغوليون ٿيون. اَھم ترين ڳالھ اِھا ٿي تہ صدر ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ جنرل سيڪريٽري پوپٽي هيراننداڻي جدا جدا مرڪزن جي دوري تي نڪتا.

پھرين منزل گانڌيڌام ھئي. ڪنوررام ڌرمشالا ۾ ڪافي ساٿين سان مڪاميلو ٿيو ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. اِئين وايو منڊل ۾ ڪم ڪرڻ جو نئون اُتساھ پيدا ٿيو. ٻئي ڏينھن ’سنڌي ڪلا ۽ اَدبي سڀا‘ پاران شري ھري دلگير جي صدارت ھيٺ دوست ھوتو بدلاڻيءَ جي اَڱڻ ۾ آديبن ۾ جو ميڙ رکيو ويو جتي سنڌيت جي ھلچل جي واڌاري لاءِ ڳالھيون ٿيون ۽ دلگير صاحب خاطري ڏني تہ ايندڙ سال کان تولاڻي ڪاليج ۾ سنڌي ٻولي پاڙھڻ جي شروعات ڪئي ويندي ۽ اُھي ڪلاس ھو خود پاڻ وٺندو. آديپور جي نويوڪ گروپ سان پڻ سندن ملاقات ٿي ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. گانڌيڌام مان شري منيرام سئناڻي پڻ ڪيرت-پوپٽي سان گڏ گشت تي نڪري پيو.

ٻيو شھر جتي ھو پھتا اُھو ھو راجڪوٽ. اُتي سنڌي نوجوان طبقي ۾ ڪافي سجاڳي ڏسڻ ۾ آئي. ھڪ اِسڪول جو نوجوان پرنسيپال شري وڪرم ٽوپڻداساڻي ھڪ لائق تعليم-دان ھو. پرائيمري اسڪول ۾ ئي ھڪ ھزار سنڌي ٻار تعليم وٺي رھيا ھئا.

راجڪوٽ بعد ھو جھوناڳڙھ پھتا. اُتي سوامي ليلاشاھ جو شش ھيمنت ڪُمار تولاڻي سندن ميزبان ٿيو. ھو ”سوامي ليلاشاھ ودياليہ“ (ھاءِ اسڪول) جو پرنسيپال ھو. ھو محنتي، سُجاڳ ۽ اُتساھي شخص ھو ۽ سنڌيت جي جوت جي روشني ڦھلائي رھيو ھو. سڀا جي صدر ۽ سيڪريٽري اِسڪول جي ٻارن سان پڻ سندن ڪلاس ۾ وڃي ڳالھ

نيند ڏني ۽ ١١-١٢ آگسٽ ١٩٧٤ احمدآباد ۾ سڀا پاران پهريون آکل ڀارت ليکڪ سيمينار ڳُهرايو ويو ۽ هڪ نئين روايت جي شروعات ٿي. اِئين سنڌيت جي هلچل جون پانهون ويڪريون ٿينديون ويون.

جدا جدا شهرن مان اٽڪل ٥٠ ليکڪ آيا. سيمينار ٢ ڏينهن هليو. پهرين ڏينهن وشيہ هو، 'رچناتمڪ ليکڪ جي آزاديءَ جو سوال'' پهرين ڏينهن جي بيٺڪ جو صدر هو آسان جو پنهنجو ئي ليکڪ شري ڪرشن کٽواڻي ۽ اُدگهاٽن نوجوان اَديب هريش واسواڻيءَ ڪيو. ٻن ڏينهن ۾ اٽڪل هڪ ڊزن مقالا پڙهيا ويا ۽ کليل بحث ٿيو. ليکڪن کي هن قسم جي بيٺڪ وٽي ۽ بحث ڪندڙن ڀڻ دماغي پيچ لڙائڻ جو خوب لُطف ماڻيو. سيمينار جي پڇاڙيءَ ۾ مشاعرو رکيو ويو جتي ڪافي شاعرن ڀاڱہ ورتو ۽ صدارت شري موتي پرڪاش ڪئي. هن سيمينار جي ڪاميابيءَ کان متاثر ٿي شري ڪرشن کٽواڻي اِندور پرسان هڪ سُندر آستان مانڊوءَ ۾ ٻيون ليکڪ سيمنار ڪرڻ جي نيند ڏني جيڪا خوشيءَ سان قبولي ويئي.

سنڌيت جي هلچل کي ڪُشادو ڪرڻ لاءِ ليکڪ سيمينار سان گڏ ناٽڪ فيسٽيول جي ڀڻ شروعات ڪئي ويئي. جيتوڻيڪ پهريون ناٽڪ فيسٽيول تمام ڪاميابيءَ سان ١٩٧٢ ۾ ڪلڪتي ۾ ٿي گذريو هو. اُن ناٽڪ اُتسو جي ڪاميابي مان اُتساهہ پائي سال ١٩٧٤ ۾ ڀڻ ناٽڪ فيسٽيول ڪرڻ جو آعلان ڪيو ويو. اِهو اُتسو بمبئيءَ ۾ ٢-٣-٤ آڪٽوبر ۾ بمبئيءَ جي پاٽڪر هال ۾ ڪيو ويو. هن چٽاڀيٽيءَ ۾ احمدآباد جي ٻن، دهليءَ جي ٻن، جئپور سنڌونگر، ڏوليا ۽ بمبئيءَ مان هڪ هڪ ناٽڪ ٽوليءَ داخلا ورتي. پهريون اِنعام دهليءَ جي سنڌو ڪلا سنگم جي پيش ڪش، تواريخي ناٽڪ 'دودو چنيسر' (ليکڪ آغا سليم) کي ڏنو ويو. اِهو انعام هڪ هزار روپيہ هو ۽ ڪلڪتي جي دلدار دوست پمنداس طرفان همت اَفزائي طور ١١٠٠ روپيہ ڀڻ کين ڏنا ويا ۽ سڀا پاران ٿرنڊز ''ليکراج عزيز ٽرافي'' ڀڻ کين ڏني ويئي. ٻيون انعام بمبئي جي فائين آرٽ سوسائٽي طرفان پيش ٿيل ناٽڪ

’سماج شيوڪ‘ کي ڏنو ويو، جو پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو لکيل هو. اِهو انعام پنج سوَ روپيہ روڪ هو. ٽيون اِنعام اَحمدآباد جي ڪلاڪار منڊل کي سندن ناٽڪ ’نيلام‘ تي ڏنو ويو. اِهو اِنعام اَڍائي سوَ روپيہ هو.

ناٽڪ اُتسو جو مهورت مهاراشٽر جي مکيہ منتري شري وسنتراءُ نائڪ ڪيو ۽ فلمي جڳت جي مشهور هستي اي. ڪي. هنگل طرفان انعام ڏياريا ويا. جلسي جي صدارت پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪئي. جلسي جو مکيہ مهمان برڪ بئريسٽر شري هوتچند آڏواڻي هو. هن اُتسو لاءِ ججج هئا- شيلا گجواڻي (دور درشن سان وابست) رام دادلاڻي (بلڊر) ايس. پي. مينگهاڻي، ڪرشن راهي، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي ۽ ڪيرت باباڻي.

سڀا جي ڪمن کي اَڳيا بہ کُشادو ڪرڻ لاءِ سنڌي اَصلوڪن وڏن ناٽڪن جي لکڻ جي چٽاڀيٽي رکي ويئي. پنج دستخط آيا. ٽي اِنعام، هڪ هزار، پنج سوَ ۽ اَڍائي سوَ ڏنا ويا. اِهو سنڌيءَ ۾ اَصلوڪي ناٽڪ لکڻ جي ڏس ۾ همٿائڻ لاءِ هڪ نئون قدم هو.

سرڪاري سطح تي پڻ اَلڳ اَلڳ اَختياري وارن جو سنڌين جي اَهنجن ۽ گهرجن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ سڀا ڪافي سرگرم رهي. ٿورائيءَ وارن جاتين لاءِ مقرر نائب ڪمشنر شري ديشپانڊي سان سڀا جا عهديدار مليا ۽ ڪلچرل کيتر ۾ سنڌي جاتيءَ سان ڀيد ڀاوَ جي نيتيءَ تي روشني وڌي ۽ سندس ڌيان ڇڪايو. کيس اِهو ذهن نشين ڪرايو ويو تہ ٻين ٻولين جي ڪلاڪارن لاءِ سرڪار پاران ڪيتريون سهوليتون ۽ اِقرام ۽ اِنعام سندن حوصلي اَفزائي لاءِ موجود آهن. سنڌين کي هنن سهوليتن ۽ اِنعامن کان وانجهيو ٿو وڃي. شري ديشپانڊي سڀا جي ڊيليگيشن کي ڪلاڪ سان مٿي وقت ڏنو ۽ سندن مسئلا سمجهيا. کين خاطري ڏني تہ هو پنهنجي پاران سنڌين جا اَهنج اَختياريءَ وارن تائين پهچائيندو.

پيهر سڀا جو وفد مئنارٽي ڪمشنر شريمتي نيرا ڊوگرا سان

سندس بمبئيءَ جي گشت وقت گڏيو ۽ سنڌي جاتيءَ جي آهم مسئلن ٻولي، لپي، تعليم ۽ ڪلچرل ڪيندر ۾ ٻيائي ۽ آڪ ٻوٽ واري ورتاءَ بابت ڪيس ورجايو. اِها ملاقات پڻ ڏيڍ ڪلاڪ هلي ۽ ڪيس لکيت ۾ هڪ چنو پڻ ڏنو ويو. هُن خاطري ڏني تہ ٿورائي وارين جاتين بابت جيڪا رپورٽ راشٽرپتيءَ کي ڏيندي اُن ۾ سنڌين جي آهنڄن جو زوردار ذڪر ڪندي ۽ اِئين آختياريءَ وارن جو سنڌي جاتي طرف ٿيندڙ آڻ-سهائيندڙ ورتاءَ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي.

سڀا طرفان هن سال ”سنڌيت سال“ ملهائڻ جو پڻ فيصلو ٿيو، جنهن باري ۾ سڀا هڪ تفصيلي پروگرام جاري ڪري سيني شامل سنستائن ۽ همدردن کي سڀا جي ”سنڌيت سال“ ملهائڻ جو سڏ ڏنو. آلگ آلگ شهرن ۾، ميڙ، جلوس، ڪلچرل پروگرام ۽ مُشاعرا ڪرڻ جي صلاح ڏني. اِئين سڀا جي آفيس ڪافي چُست رهي. هر خط جو جواب ڏنو ويندو هو. مرڪزي سرڪار ۽ پرانتڪ سرڪارين سان لکپڙهہ جاري رهندي هُئي؛ جنهن ۾ ڪن هيٺين مکيہ ڳالهين ڏانهن سندن ڌيان ڇڪايو ويندو هو.

(١) شري آءِ. ڪي. گُجرال وزير اِنفرميشن ۽ براڊڪاسٽنگ کان گُهر ڪئي ويئي تہ دور درشن تي سنڌي پروگرام لاءِ جوڳو وقت ڏنو وڃي.

(٢) راجستان بورڊ آف ايڊيوڪيشن کي عريضو موڪليو ويو تہ سنڌي ٻارن کي اِمتحانن ۾ پنهنجي ماتر ڀاشا ۾ جواب ڏيڻ جي اِجازت ڏني وڃي. اِهو قبوليو ويو.

(٣) مهاراشٽر سرڪار سان لکپڙهہ هلائي ويئي تہ هاير سيڪنڊري اِسڪولن لاءِ سنڌي ماڌيم پڻ قبول ڪيو وڃي. رُڳو آنگريزي، هندي، اُردو، گجراتي ۽ مرهٽي ماڌيم قبول ڪيو ويو هو.
اُهو بہ قبول ڪيو ويو.

(٤) ناگپور يونيورسٽيءَ سان لکپڙهہ ڪئي ويئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ڪاليجي سطح تي ڪورس ۾ تسليم ڪيو وڃي.
اُهو قبوليو ويو.

نگر ۾ رهيا جنهن کي ”هيمون ڪالاڻي نگر“ نالو ڏنو ويو.

دهليءَ ۾ آسان جي ليکڪ برادريءَ جي ٽولي ايتري بار ڪڍڻ کان قاصر هئي باقي سنڌي ناٽڪ ۽ منچ سان جُڙيل شير مڙس هو لنبو قداور- جيون گرسهاڻي جو سڀا جو وائيس پريزيڊنٽ پڻ هو ۽ سندس اورچ ساٿي هئا هيم ناگواڻي، شنيو جئسنگهاڻي، ڪمل واڇاڻي، گوپيچند آڏواڻي، موهن واسواڻي، گهنشام آسواڻي، رام گيانچنداڻي، موهني وجير، اي. جي. سگنومل، نانڪ گرسهاڻي، لڇمڻ ڀاٽير، هريڪانت، نانڪ آهوجا، شنڪر مولاڻي، چاند ڪرناڻي ۽ ڪيترا ٻيا دهليءَ جي سنڌي رنگہ منچ جا ڪلاڪار هن سان شامل هئا. جيون گرسهاڻيءَ سنڌي ناٽڪ کي دهليءَ ۾ زندهہ رکڻ جون جيڪي ڪوششون ڪيون آهن، اُهو هڪ تواريخي ڪارنامو آهي، جنهن لاءِ هڪ الڳہ مضمون جي ضرورت آهي. پر اِتهاس اِها ڳالهہ قبول ڪندو تہ اهو جيون ئي هو جنهن پنهنجي سنڌي ڪلا سنگم، ناٽڪ گروپ پاران دهليءَ ۾ سنڌي ناٽڪ کي اوچ تي رسايو.

شاميانی واري نگر ۾ جدا جدا تنبن کي شاندار نالا ڏنا ويا، جيئن ’جيئي سنڌ هال‘ ، نماءُ لاءِ ’هوشو هال‘ اسپتال ۽ بينڪن لاءِ الڳہ نالن وارا هال! سنڌي چترڪارن جون رچنائون هٽ ڪري هڪ چترڪاريءَ جو نماءُ پڻ ڪيو ويو. جنهنجو مهورت اڪادمي جي سيڪريٽري شري پرڀاڪر ماچوي کان ڪرايو ويو. آخبارن ۽ ڪتابن جا اِسٽال پڻ لڳايا ويا.

سميلن جو مهورت اُن وقت جي براڊڪاسٽنگہ ۽ اِنفرميشن منسٽر شري اِندرڪمار گجرال کان ڪرايو ويو. جنهن سنڌي جاتي، ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ جي خدمتن جي ساراهہ ڪئي ۽ اُن کي برقرار رکڻ تي زور ڏنو.

هن سميلن ۾ ڪيتريون نيون ڳالهيون ٿيون. جيئن تہ سنڌي لئبرري برپا ڪرڻ جي هلچل هلائي ويئي ۽ اِهو اعلان ڪيو ويو تہ جو بہ سنڌي لئبرري برپا ڪندو اُن کي سڀا پاران ٻن سون جا ڪتاب

مفت موڪليا ويندا. جدا جدا ڏهہ شهرن مان هڪ سال ۾ آهڙيون درخواستون آيون.

سڀا پاران هيٺيان ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو...

’چيٽي چنڊ‘ سنڌيت ڏينهن.

۲۱ جنوري هيمو ڪالاڻي شهادت ڏينهن ۽ ۹ مارچ ڪارو ڏينهن. (۹ مارچ ۱۹۵۰ تي سنڌي ٻوليءَ جي لپي ڦيرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو جيڪو حُڪم، مخالفت ڪري ڦيرائي ٻئي لپيون قبول ڪيون ويون.)

اڳين سميلن جيان هر رات ڪامياب ڪلچرل پروگرام ٿيا. مشاعرو بہ ٿيو. صدر وري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي چونڊيو ويو ۽ ڪيس ڪاميٽيءَ تي ميمبر ڪڻڻ جو حق ڏنو ويو.

★ ★ ★

سال ۱۹۷۵ ۾ سڀا ڪافي سرگرم رهي ۽ ڪيترا ئي ڪم ٿيندا رهيا. فيبروري ۱۹۷۵ ۾ ديوناگري سميلن آديپور (ڪڇ) ۾ ڪرڻ جي پڌرائي ٿي ۽ سڀا پاران اُنجي مخالفت ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. ۵۲ ڄڻن ٻڪ هڙتال تي وهڻ جو فيصلو ڪيو پر ماڻهن ۾ ايترو جوش هو جو ۸ ڄڻا ۴۸ ڪلاڪ ٻڪ هڙتال تي ويٺا. اِئين ديوناگري سميلن پوليس پهري هيٺ ڪيو ويو ۽ ڪن چند شخصن ئي شرمساريءَ وچان هن سميلن ۾ حصو ورتو. ٻڪ هڙتال تي وهڻ کان اڳہ جلوس ٻڌڻ باجن ۽ ڪارن جهنڊن سان نڪتو، جنهن ۾ گانڌيڌام ۽ آديپور جا پائر پڻ شامل هئا. سرگس جي اڳواڻي سڀا جي پرڌان ۽ گجرات جي اڳئين ڊپٽي وزير شري وشنداس موتياڻي ڪئي. هن موقعي تي آديپور جي سماج سيوڪا (غير سنڌي) پدما آياجي پوليس جي ڌمڪين جو خوب مُقابلو ڪيو ۽ ڀڳوان اَيچنداڻي، اَرجن ڪلياڻي، تيج قابل، لال رامناڻي، ڪيڻاڻي، وندراڻي ۽ بابلاڻي اڳرا رهيا.

ٽئين ڏينهن هڪ ميڙ ٿيو جنهن ۾ سنگيت ۽ مشاعرو ٿيو، جڻ تہ هڪ ننڍو سميلن ٿي ويو.

هر سال جيان ۱۹۷۵ ۾ چيٽي چنڊ جو پروگرام پڻ ٿيو جيڪو بمبئي باندرا جي اوپن ايئر آڊيٽوريم ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ سنڌي سنگيت، نرتيہ ۽ ناٽڪ جو سهڻو پروگرام پيش ڪيو ويو. پروفيسر پنجواڻي، بلو. سي. راڻي، گوبند مالهي پارٽي ۽ ڀڳوان چاولا پارٽيءَ سنڌي گيتن سان جهومايو. رينوڪا ملڪاڻيءَ سنڌي ڏن تي نرتيہ پيش ڪيو. ڀاڳو ڍنگرا نندو ناٽڪ پيش ڪيو. مُشاعري ۾ برک شاعرن، رام پنجواڻي، پريو وفا، اَرجن شاد، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش ۽ واسديو نرمل ڀاڱہ ورتو.

جون ۱۹۷۵ ۾ سيا پاران اَجمير (راجستان) ۾ پهرين پراديشڪ سطح تي تعليمي ڪانفرنس ڪُوٺائي ويئي. راجستان جي مڙني شهرن مان عيوضي آيل هئا جن ۾ گهڻا ماستر هئا. پرائيمري، سيڪنڊري ۽ ڪاليجي سطح تي سنڌي ٻارن جي تعليم ۽ ماسترن جي تڪليفن تي بحث ٿيا. هن ڪانفرنس جي صدارت ڪيرت ٻاٻاڻي ڪئي ۽ مکيہ مهمان اَجمير جو ڪليڪٽر شري. آر. ايس. ڪمٺ هو. ڪانفرنس ۾ راجستان سرڪار جو ٿورائي واري ٻولين جو اَنسپيڪٽر شري اَنوپ سنگهہ بہ شامل ٿيو جنهن سنڌيءَ جي تعليمي مسئلن کي ڌيان ۽ همدرديءَ سان ٻڌو ۽ خاطري ڏني تہ هو سرڪار سامهون اِهي اَهنج رکندو. اَجمير مان چونڊيل ميمبر شري ڪشن موٽواڻي پڻ شامل ٿيو ۽ سهڪار ڏيڻ جو اِنجام ڪيائين. هن ڪانفرنس ۾ ڪُل ۱۹ ٺهراو بحال ٿيا ۽ ميمورنڊم سان هڪ سفارت تعليمي وزير سان پڻ ڳڏي جنهن ۾ شري گورڌن چوڌري، ڀڳوان ٽلواڻي، سندر اَگناڻي، لڇمڻ ڀمياڻي ۽ ڪشن موٽواڻي (ايم. ايل. اي) شامل هئا.

سيپٽمبر ۱۹۷۵ ۾ سيا پاران اِنڊور ۾ ٻيون ليڪ سيمينار سڏايو ويو. سيمينار جو مهورت 'نئي دنيا' هندي اَخبار جي ايڊيٽر شري راهول بارپوتي ڪيو. سيمينار ۾ بحث لاءِ ٻہ موضوع هئا. (۱) سنڌي ساهت ۾ سنڌي زندگي، (۲) 'نئين ساهت ۾ نئون ڇا آهي؟' سيمينار ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، پوپٽي هيراننداڻي، گوبند مالهي، ڪرشن

ڪلواڻي، وشنو ڀاٽيا، ڪرشن مسرور، پرسو گدواڻي، ڪنعيو ڪلواڻي، مقالا لکي آيا جن تي ڪليل بحث ٿيو. اٽڪل ٥٠ ليکڪ ڀارت جي جدا جدا شهرن مان آيل هئا. سنڌي مشاعرو پڻ ٿيو. جنهن ۾ نارائڻ شيام هرومل سدارنگاڻي، هريش واسواڻي، ڪرشن ڪلواڻي، واسديو نرمل، لڇمڻ ڪومل، ڪيرت ٻاٻاڻي، پوپٽي هيراننداڻي، ڪرشن مسرور، سندري اُتمچنداڻي، لال رامناڻي، چيتانند تاب، پورن ڪلواڻي، کيمچند چيتنا، وشنداس ۽ لڇمڻ ڪيسواڻي حصو ورتو. جنهن جي صدارت موتي پرڪاش ڪئي ۽ سينيئر شاعرن حصو ورتو.

سيمينار جي موقعي تي اِتهاسڪ شهر اُجين ۾ ٻاهران آيل ليکڪن جو اُجين جي سنڌي سينٽرل پنچائتن پاران سنمان ڪيو ويو. سنمان اُتسو ۾ مڌيه پرديش جو مکيه وزير شري پي. سي. سيٺي مکيه مهمان هو، جنهن ليکڪن جو ڦول مالهائن سان ستڪار ڪيو ۽ اُن جي صدارت مشهور هندي شاعر 'سومن' ڪئي.

١٤ سالن کان پوءِ سڀا جو ٻارهون سميلن ١٩٧٥ع ۾ ڀوپال ۾ ڪيو ويو هن موقعي تي ساهت/ڪلا پردشني پڻ لڳائي ويئي جنهن جو مهورت سڀا جي صدر ڪيرت ٻاٻاڻي ڪيو. شري ڪيرت ٻاٻاڻي پنهنجي صدارتي تقرير ۾ گذريل سالن ۾ سنڌي ٻولي، ساهت، ناٽڪ، سنگيت ۽ ڪلا جي کيتر ۾ ٿيل واڌاري ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي چيو، ”جاتين کي صديون لڳي ويندون آهن، تڏهن مس ڪا ڏسڻ جهڙي ترقي ڪري سگهنديون آهن. پر اوهين پنهنجي جاتيءَ جي هڪ چوٿائي صديءَ ۾ ترقي ته ڏسو شايد ئي اِنساني اِتهاس ۾ اوهان کي مُشابهت ڪرڻ لاءِ ڪو مثال ملي!.. هن چوٿائي صديءَ ۾ کيترو نه خوبصورت ساهت ڇپيو آهي. انداز توڙي معيار جي لحاظ کان گذريل صديءَ جي ساهت کان سرس هوندو، گهٽ نه...! اِها هڪ وشواس جي پيداش آهي، جنهن ۾ کي به واپاري ويچار سمايل نه آهن. بلڪ هڪ اوچ ڪوٽيءَ جي ڀاونا آهي ۽ پنهنجي جاتيءَ کي زندهه رکڻ جي ڀاونا.. اسان جا سنگيتڪار.. هي

مادرن زماني جا چارڻ سنڌي جاتيءِ جي ڪشمڪش جي اِتهاس کي ناهڻ جون ڪٿائون سنڌين کي سُٺائي منجهن ساهس قائم ڪري رهيا آهن.. سنڌي ناٽڪ ۽ اِسٽيج جيڪا ترقي ہن ڏهاڪن ۾ ڪئي آهي سا ڳويا اَڌ صديءَ جي ڳوءِ پوري ڪري رهي آهي. اَسان جا چترڪار دنيا جي مکيہ شهرن ۾ نماءُ ڪري ڏاڪو ڄمائي چُڪا آهن. تعليمي کيتر ۾ ٻہ ڏزن ڪاليج ۽ هڪ سوُ کان وڌيڪ هاءِ اسڪول سڄي ڀارت ۾ برپا ڪري چُڪا آهن.. ۽ سوبہ سمورو ڪاريہ پنهنجي پُرشارٿ سان.''

ساڳئي تقرير ۾ آئيندي لاءِ پروگرام ڏيندي چيائين، ''اَسين پنهنجي ساهتڪارن جا ڪتاب جنتا اَڳيان آڻيون تنهن لاءِ هڪ وڏي سهڪاري-متي تي ڪوليل پبلشنگ هائوس جي ضرورت آهي.. سنگيت لئبرريءَ جي ضرورت آهي.. آرٽ گئلريءَ جي ضرورت آهي..''

سميلن جي ڪاميابيءَ لاءِ کيترن ئي معزز شخصيتن پنهنجا سنديش موڪليا جن ۾ مُکيہ هئا: ايڇ. اين. بهوڳُنا (اُتر پرديش جو مکيہ وزير) موهن ڌاريا (ڀارت سرڪار ۾ وزير) شري آنند نارائڻ مُلاد (ميمبر پارليامينٽ) چندر شيکر (ميمبر پارليامينٽ)، جڳجيون رام (ڀارت سرڪار جو وزير) جي ڳُپتا (ڀارت سرڪار جو وزير)، ستپال ڪپور، رجني پٽيل وغيرھ.

هيءُ سال ڀارت ۾ 'اِستري سال' ڪري ملهايو ويو. هن سال سيا سنڌي سماج جي هر کيتر ۾ برکہ اِسترين جي يوڳدان کي تسليم ڪندي ١٩ استرين جو سنمان - اُتسو بمبئيءَ جي ڪي. سي. ڪاليج ۾ ٣١، ڊسمبر تي ڪيو. صدارت سنڌ جي نامياري اِستري اَڳوان ڀيڻ جيني سپاهيملاڻي ڪئي ۽ مُکيہ مهمان هُئي ڪامياب اَڀينيتري ساڌنا شوداساڻي (ناير). هن مهان سميلن ۾ هيٺين ڀيڻرن جو سنمان ڪيو ويو.

پروگرام ڀڳونتي ناواڻيءَ ۽ ڪملا جهانگياڻيءَ جي گيتن سان شروع ٿيو.

★ ★ ★

مارچ ۱۹۷۶ع ۾ بڙودي ۾ ٽيون آکل ڀارت سنڌي ناٽڪ چٽاڀيٽي اُتسو ڪيو ويو. بڙودي جي دوستن ميول آهوجا، آنند ٺهلراماڻي، هريش چينملاڻي ۽ ٻين مترن لڌارام هاءِ اسڪول ۾ رهائش ۽ کاڌي جو بندوبست شاندار نموني ڪيو هو. آکل ڏهن ناٽڪ منڊلين حصو ورتو. اُتسو بڙودي جي مشهور گانڌي ميموريل هال ۾ ٿيو جنهن جو مهورت گُجرات اِسيمبلي جي اِسپيڪر شري ڊولڪيا ڪيو ۽ مُکيه مهمان گُجرات اِسيمبلي جو ميمبر شري ٿانورداس خوبچنداڻي هو. شري مارڪنڊ ڀٽ آرٽس ڪاليج جي پرنسيپال هٿان ڪامياب ٽولين ۽ ڪلاڪارن کي ٽرافيون ۽ اِنعام ڏياريا ويا. پهريون نمبر ناٽڪ دهليءَ جي سنڌو ڪلا سنگم کي مليو. کين هڪ هزار ۽ 'ليکراج ڪشنچند عزيز گهمندڙ ٽرافي' ڏني ويئي. 'پکيڙا پڇري جا' سنڌو ساگر سوسائٽي- بمبئي کي ٻيون نمبر اِنعام ساڍا ست سوَ روپيه ۽ ٽيون نمبر 'زندگي هڪ ناٽڪ' (جيوتي ڪلا مندر- بمبئي) کي پنج سوَ روپيه ڏنا ويا. بهترين هدايتڪار جيون گُرسهاڻي بهترين آڪٽر رام لهيجا ۽ بهترين اِستري ڪلاڪار لتامنواڻي - هئا.

سنڌونگر (اُلهاسنگر) ۾ سيا پاران ۱۹۷۶ع ۾ يادگار چيٽي چنڊ جو ميلو ڪيو ويو. سنڌونگر ۾ خاص چيٽي چنڊ ميلا ڪاميٽي ٺاهي ويئي، جنهن ۾ مکيه طور هئا دنيچند ڪالاڻي، سلامت ڀُرسواڻي، اَرجن سڪايل ۽ موهن ڪلپنا. موهن ڪلپنا جي جنوني ڪاريه رنگ لڳايو. هزارن جي تعداد ۾ سنڌونگرواسي هن ميلي ۾ شامل ٿيا ۽ ميلي جي سنگيت جو آنند ماڻيندا رهيا. سنڌين جون مشهور ڪلاڪار ٽوليون پروگرام ڏيڻ لاءِ آچي سهڙيون. مشهور ڪلاڪارن ڀڳونتي ناواڻي، سترام روهڙا (ڪلاڪار منڊل جو سمورا ڪلاڪار) ڀڳوان چاولا ۽ پارٽي، پرسرام جي جهوليلعل پارٽيءَ جي چيڄ خوب رنگ لڳايو ۽ سوني تي سُهاڳو هو ماسٽر چندر جو حجوم کي جهومائڻ.

هرومل راجپال اَخبارن جي پردرشني ڪئي. هن موقعي تي بمبئي مان ڪيترا اڳوان اچي شامل ٿيا. بمبئي پرديش ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ روگهڊوال، ڊاڪٽر موهن لعل پوپٽ (اَڳوڻو وزير) پورهيت وزير شري رامنات پانڊي ۽ شري منوهر ڪوٽوال (ايم. پي. ۽ مزدور نيتا). سلامتراءِ پُرسواڻيءَ سيني جو سواگت ڪيو ۽ شڪرانا بجا آندا.

سيپٽمبر ۱۹۷٦ ۾ سِيا پاران آبو پهاڙ تي ٽيون ليکڪ سيمينار ڳُهرايو ويو. سيمينار لاءِ ٻه موضوع هئا: (۱) 'ساهت ۾ جدت جي جائزگي ۽ حد بندي' (۲) 'ورهاڱي بعد سنڌي تنقيدي ساهت'. سيمينار جو مهورت ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ ڪيو. بيٺڪن جي صدارت موهن ڪلپنا ۽ هريش واسواڻيءَ ڪئي. هيءُ سيمينار ٽي ڏينهن رکيل هو ۽ تنقيدي وشين جي گهري چنڊڇاڻ ٿي. پوئين رات نارائڻ شيام جي صدارت هيٺ مشاعرو ٿيو.

۱۹۷٦ ۾ تيرهون سميلن آديپور ۾ ٿيو جتي اٽڪل ۸۰۰ ڊيليگيٽ آيل هئا هن سميلن جي ڪاميابيءَ ڪافي اُتساهه بخشيو. هن موقعي تي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ ڪن اَهم ڳالهين جو ذڪر ڪندي چيو، ''سُڌريل قومون اِتهاس ۽ تهذيب کي ناهينديون آهن. آسان فخر سان چئي سگهون ٿا ته سنڌي جاتي گڏيندڙن، سنواريندڙن ۽ رچيندڙن مان آهي. موهن جي دڙي جي تهذيب کان وٺي ۽ اَڄ جي ڪڇ ۾ ڦهليل زندهه تهذيب اُن جي جاڳندي نشاني آهي. اِها هڪ تلخ حقيقت آهي ته سنڌي جاتيءَ ڪنورتا ڏني آهي، سنڌ جي واديِ ستمگرن جي پالن ۽ نيزن جو شڪار ٿي آهي. گهوڙن جي سنبن هيٺيان چيٿاڙي ويئي آهي، اِتهاس جي خونخوار چيٽن ۾ پنهنجا ڪنڌ ڪپايا آهن پر سنڌي وري اُٿيا آهن! هُنن اِتهاس جي ظلم کي ور ور ڪري شڪست پئي ڏني آهي، همت ساهس، وشواس ۽ اٽل اِرادي سان، جابرن جي منهن مقابل ٿي اَڳتي وڌيا آهن، پنهنجن هٿن جي ڇُهاءُ سان مٽيءَ

مان مٽيا پيدا ڪيا آڃائون. ورهاڱي جهڙي ڪاپاري ڌڪ بعد ٽيهن سالن ۾ وري شان سان ڳاٽ اوچو ڪري، پنهنجن پيرن تي بيهڻ جهڙو سونهري باب رچڻ جو ڪارنامو صرف سنڌي جاتيءَ جو ئي شرف آهي. اِئين برابر آهي ته پنهنجي زمين کان اُکڙجي وڃڻ بعد جيڪو خوف، غير سلامتيءَ جو اَحساس پيدا ٿي ويو ۽ جيئرو رهڻ پنهنجي ليکي هڪ وڏو سوال بڻجي پيو اُن حالت ۾ سنڌين جو پئسي ڪمائڻ طرف جُهڪاءُ سياويڪ آهي پر ساڳئي وقت سنڌي جاتيءَ جي ٻُڌيمان طبقي سنڌي، ٻولي سنسڪرتي، تعليم، ساهت ۽ پنهنجي نج ۽ اَلڳ سڃاڻپ ناهڻ جي ڏس ۾ گذريل ٽيهن سالن ۾ فخر لائق ڪارنامو ڪري ڏيکاريو آهي. سنگيت ۽ ناٽڪ ٽوليون ناهي ڀارت ۾ رٿڻ ڪرڻ، سنڌي ڪلچر کي زنده رکڻ، سنڌي جاتيءَ ۾ اُتساهه ۽ آتم وشواس پيدا ڪرڻ هڪ لاثاني ڪارنامو آهي. سنڌيت جي هلچل، سنڌي جاتيءَ کي ڪلچرل ڪيتر ۾ وري وسائڻ جو ڪم آهي. اِهو سنڌي جاتيءَ جي ٻُڌيمان طبقي جي ساهسَ ۽ وشواس جو پرلاءُ آهي. اِهو سنڌي جاتيءَ جو سونهري باب آهي. هن هلچل کي پڻ ڪافي ڪشمڪش جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي ۽ هي ڪاروان ١٦ سالن جي عرصي بعد وري گانڌيدام پهتو آهي. هن مٽيءَ سان سنڌيءَ جي آتما جو لڳاءُ آهي. ڀائي پرتاب جهڙو شير مُڙس اِتهاس جو هيءُ شاندار يادگار ڇڏي ويو آهي.

هن پياري ڀوميءَ تي پرم سنت سوامي ليلاشاهه جي آسيس پڻ آهي ۽ ڪاريه ڪيتر لاءِ سُٺو آشرم آهي.. هتي ڪاڪي پريداس ٽولاڻيءَ ڪاليج برپا ڪيو آهي ۽ اُميد پيدا ڪئي آهي ۽ اَڳتي هلي سنڌي ڪلچرل يونيورسٽيءَ جو سپنو پڻ هتي برثواب ٿيندو.

حقيقت ۾ هن سميلن جي ڪاميابيءَ جو سهرو شري ڀڳوان اَبيچنداڻيءَ تي هو، جو آجيان ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري هو. اَبيچنداڻي سيا سان ته ڪافي سالن کان جُڙيل هو ۽ هتي سنڌي لپيءَ جي هلچل ۽ سنڌي لپيءَ ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ هڪ برجُستو شخص

هو جنهن اَڻڳڻت مشڪلاتن کي مُنهن ڏيئي سنڌي لپيءَ جو اِسڪول 'ڏاڪٽر چوئٿرام گدواڻي' وديالیہ پئي هلايو ۽ اِئين سالن جا سال اَڪيلي سر ديوناگريءَ جي وڏن ليڊرن سان محاذ آڪائيندو رهيو.

هن وقت تائين سنڌين جي هلچل ۾ هڪ بُنيادي کوٽ محسوس ڪئي ويئي سنڌين جي هلچل ڏانهن سِنڌين جو نوجوان طبقو وابستہ نہ ٿي رهيو هو. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هن نتيجي تي پهتاسين تہ سنڌي نوجوانن جي بي رُخيءَ جو مکيہ سبب سنڌي ٻولي کان ڪٽجي وڃڻ آهي. هن صورتحال کي دُرست ڪرڻ لاءِ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو پرچار ڪرڻ لاءِ ڀڳوان آبيچنداڻيءَ پنهنجن همراهن سان گڏ ۱۹۷۲ ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي پرچار سمتي برپا ڪئي، جنهن ڀاران خانگي سطح تي- هنديءَ جي راشٽر ڀاشا پرچار سمتيءَ جي طرز تي، سنڌي سيکارڻ ۽ سنڌيءَ ۾ اِمتحانن وٺڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. سال ۾ ٻہ دفعا اِمتحان- جنوري ۽ جولاءِ ۾ ورتا ويندا ها. پڙهائيءَ جو ڪورس پڻ مقرر ڪيو ويو. اِمتحانن جا نالا پڻ دلڪش رکيا ويا. (۱) سنڌي سوکڙي (۲) سنڌي سپاهي (۳) سنڌي سرويچ (۴) سنڌي سردار (۵) سنڌي سرمور (۶) سنڌي سرتاج (۷) سنڌي سالڪ.

سمتيءَ جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ ۱۳ برکہ سنڌي ساهتڪارن ۽ ڪم ڪندڙن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي، جنهن جو پرڌان ڀڳوان آبيچنداڻي، ريجسٽرار تيج قابل ۽ سيڪريٽري شري پرسرام ورنداڻي مقرر ڪيا ويا. ڪافي سال اِهو سلسلو هليو.

سال ۱۹۷۶ ۾ پڻ سيا ڀاران ڪيترن ئي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري اَدارن سان سنڌي جاتيءَ جي گهرجن بابت لکپڙهہ جاري رهي. جنوري ۱۹۷۶ ۾ هڪ سفارت، جنهن ۾ کيرت ٻاٻاڻي، پوپٽي هيراننداڻي، گوبند مالهي، سندر اَگناڻي، موهن گيهاڻي ۽ هيم ناگواڻي شامل هئا، ڀارت جي پريزيڊنٽ شري فخرودين علي احمد سان گڏيا ۽ سنڌين جي حقن ۽ گهرجن بابت ميمورنڊم ڏنائون.

موقعي تي ڪيس شاھ جو رسالو سوکڙيءَ طور پيش ڪيو ويو. اَهڙي ريت مھاراشٽر جي مکيہ منتريءَ سان پڻ ملاقات ڪري سنڌين جي اَهنجن ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو ۽ آل اِنڊيا ريڊيو، ٽيليويزن، اَلڳ اَلڳ يونيورسٽين ۽ اَدارن سان سنڌي ٻوليءَ کي جوڳي جاءِ ڏيڻ جي گُهر ڪئي ويئي.

هن سال سڀا جي لاڳاپي سنستائن سان سڀا جو ڳانڍاپو قائم ڪرڻ لاءِ باقاعدي ”سڀا سنديش“ نيوز بليٽن ڪڍڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو.

★ ★ ★

چوڏهون اَکل ڀارت سميلن ۱۹۸۷ ۾، ’ڀهرين ڏسڻ پوءِ وشواس ڪرڻ‘ جهڙو تواريخي واقعو هو. سڄي ڀارت جي پرڪرما ڏيئي سميلن جڏهن سنڌين جي وڏي ۾ وڏي بستي سنڌونگر ۾ پهتو تہ آسان لاءِ هيءُ جشن فخر لائق هو. اهو سنڌين جو پنهنجو اڏيل نگر هو، جتي سنڌين کنڊهر مان بوستان بڻايو هو. پهريائين فوجي بئرڪن جي جڳهين تي ماڙيون ۽ محل کڙا ڪيا هئا. ٽُٽل ڪاهڻ کوهڙ رستن تي جنهن لاءِ سرڳواسي پرسرام ضيا دانهن ڪئي هئي، ”جبلن تي تا جُتيون گسايون. لوهہ جا بوٽ وني کي پايون“، جتي ڀوهوءِ ماءُ پٽيندي ليڊرن کي لوئيندي هئي، اُتي دڪان چمڪيا تي ۽ بازاريون ٻهڪيون پئي! هيءُ شهر اِنساني محنت ۽ اُورچائي جي سونهن جو هڪ عمدو مثال آهي! گهرن ۾ هٿن جا هُنر ۽ شاهي ڪارخانا خوشحاليءَ جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن. جيڪو نسل سنڌ مان ڀارت ۾ لڏي آيو اُن پنهنجي رت ۽ پگهر سان هن شهر کي اَڏيو آهي. اِسڪول، ڪاليج، اِسپتالون ۽ سخاوت جا ڪم جا-بجا قائم ٿي چُڪا هئا. سنڌيت جو ڪاروان ۳۱ سالن کانپوءِ سنڌين جي هن مکيہ مرڪز ۾ ڀهريون ڦيرو ڪيما کوڙڻ آيو.

سنڌونگر نئين ٽهيءَ جي اُميدن جو مرڪز هو. هڪ نئين سنڌ جي اُميد جاڳي رهي هئي. سڀ متڀيد وساري، سڀني خيالن وارن سنڌيت جي هنن ڪاروان جي هڪ ئي آواز سان خوش آمديد ڪئي.

سيني معتبر شخصيتن جي هڪ آجيان ڪاميٽي ناهي ويئي. نالن تي نظر گھمايو تہ ڇڻ سڄي سنڌونگر جون دليون هڪ ٿي ڏاگهي ۾ پوئجي هڪ مالها نهي پيئي هجي!

اُلهاسنگر جي دلير مزدور اڳوان ۽ تعليمدان شري سلامتراء پرسواڻيءَ کي آجيان ڪاميٽيءَ جو چيئرمين چونڊيو ويو. هن سيني عناصرن کي پنهنجي وڏي پاڪر ۾ ڪٺي پريو. ڪشن دلواڻي، ڊاڪٽر آرجن سڪايل، گوپ ٻهراڻي، هوتچند لُلا، ڏنراج نچاڻي، سخاوت چوٹواڻي، پرسرام ڪالاڻي، نوتنداس خوبچنداڻي ۽ ٻيا ڪيترا معزز وري اَلڳ اَلڳ ڪاميٽين جا چيئرمين مقرر ٿيا. آسانجا جهونا دوست ڪشور پهوجا (سيڪريٽري) ٽيڪچند مست (سيڪريٽري رهائش ڪاميٽي) موهن ڪلپنا (سيڪريٽري پرچار ڪاميٽي) تي رهيا. ڪُل ۱۳ ڪاميٽون ناهيون ويون.

سيا جو مهورت پنهنجي ٿي شري حشو آڏواڻيءَ ڪيو جو اُن وقت مهاراشٽر سرڪار ۾ آربن ڊيولپمينٽ منسٽر هو. ڀارت سرڪار جي وزير ايچ. اين. ڀهوگنا، ساهت آڪاڊميءَ جي چيئرمن ڊاڪٽر سُنتي چيٽرجي، ۽ سيڪريٽري شري ڪرشن ڪرپالاڻي، اُما شنڪر جوشي ۽ ٻين ڪيترن معزز هستين وٽان سنديش آيل هئا. سميلن ۾ شري سُشيل ڪمار شندي، مهاراشٽر جو مزدور منتري، شري رام چينملاڻي، شري ناري گيرسهاڻي پڻ شامل ٿيا.

سنڌونگر ۾ ٿيل سميلن وقت آجيان پتر (موهن ڪلپنا)

”اُن وقت، جڏهن اُلهاسنگر شهر جو بنيادي پٿر نہ پيو هو، جڏهن هتي ڪو باغ، ڪو ٿئيٽر ۽ ڪا اسپتال، ڪو مندر ۽ ڌرمشالا نہ هوندا هئا، جڏهن هتي رستن تي هلڻ سان جوتن سان گڏ پيرن جون ڪلون بہ لهي ويندييون هيون، جڏهن ٻئرڪن ۾ بجلي ۽ گهرن ۾ نلڪا نہ هئا ۽ اُن وقت جڏهن حڪمران پارٽيءَ جا سنڌي اڳوان، جي ورهاڱي وقت، سنڌي قوم کي مذهب جي بنياد تي بہ ٽڪرا ڪري ۽ عوام جي رهبري ڪرڻ بجاءِ ٻيڙيون جهاز پڪڙي ڀارت پڄي آيا

۽ سنڌين کي پنهنجي وجود جي سلامتيءَ لاءِ جدو جهد ڪندي ڏسندي ڪين مرهتا ۽ گجراتي ٻڌڻ جون نصيحتون ڏنائون، تڏهن چپ چاپ، بنا ڪنهن سنسنيخيز پڊرائيءَ جي، سنڌينءَ جا ڪي نوجوان ليڊر هڪ هنڌ گڏ ٿيا ۽ هنن عهد ڪيا :

**هر محاذ تي سنڌي قوم جي رهبري ڪرڻ.**

اُنهن مان سڀ کان تيز ۽ جارحانہ اَديب ايشور آنچل هو ۽ هنجا ٻہ مکيہ ساٿي نارائڻ ڀارتي ۽ موهن ڪلپنا هئا، جن سنڌي ساهت سڀا کي جنم ڏنو. ٻيا اَديب سڳن آهوجا، ڪرشن راهي، چيتانند تاب، رام لعل، گنو سامتاڻي، راجن چاولا، ڦتن پرسواڻي، ايم. سڳن، هري پنڪج، لعل پشپ، هاسو داڳيا، هرچند اَجهل، سروج ٿارواڻي، قيمت ڪمل، ويڙهو رفيق هئا. جلد هنن جي سرگرمين کان چڪجي، پرسرام ضيا ۽ چوهڙمل هندوجا هنن وٽ آيا ۽ بمبئيءَ مان پڻ آڪٽر هر آرتوار تي گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي. اُتم، گوبند پنجابي، داس طالب، جڳت آڏواڻي ۽ ٻهاريلعل هتي ايندا هئا. هنن آديبن شاھ جا ڏينهن، ٻيوس ۽ ٽئگور جا ڏينهن ۽ شرتچندر جو شامون ملهايون. هتي لعلچند اَمر ڏنومل، لالسنگھہ اَجواڻي منگهارام ملڪاڻي ۽ رام پنجواڻي بہ اَچڻ لڳا. سنڌين، سنڌونگر ۽ هندستان کي شاھ عبدل لطيف ۽ پرسرام ضيا مارگہ ڏنا ڀٽائي گهوٽ جي مارگہ جو محورت عظيم اِنقلابي پرچي وديارٿي ۽ ضيا مارگہ جو، هاٽوڪي آسيمبلي ميمبر سيتل هرچنداڻي ڪيو. ڪيرت ٻاٻاڻي اُن وقت تقرير ڪندي چيو ”شاھہ لطيف مارگہ جون نڪريون، جنهن زمين ۾ بند آهن، سنڌونگر جي سنڌين ٻن قومن جي نظرئي کي اُن زمين ۾ دفن ڪيو آهي.“

گانڌيڌام سميلن جي فيصلي تحت، هتي اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي ٻرانچ کولي ويئي، جنهن جو صدر سلامت پرسواڻي ۽ سيڪريٽري ڪشور پهوجا ٿيا.

١٩٧٤ ۾ هتي، موهن ڪلپنا، هيرو شيوڪاڻي ۽ نارائڻ ڀارتيءَ سان آل انڊيا سنڌي رائيٽرس گلڊ جو بنياد وڌو؛ جا هن وقت آل اِنڊيا

سنڌي رائيٽرس فورم جي نالي سڏجي ٿي ۽ جنهنجو صدر پروفيسر هيرو شيوڪاڻي آهي.

ٽيهن سالن جي لنبي ياترا ۾ اَديبن، پنهنجي قوم کي پنهنجون جوانيون ۽ سپنا ڏنا آهن. هنن اَديبن کان علاوه ڪي ٻيا بہ آديب پيدا ٿيا آهن ۽ ٻيون بہ سنستائون ٺهيون آهن، جي ڀارو تن ۾ آهن.

اَڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا، ١٩٥٨ ۾ هڪ رات ڪلچرل پروگرام اُلهاسنگر ۾ اُن جڳهہ تي ڪيو، جتي هن وقت سومنگہ پول آهي ۽ سڀا جي جهنڊي هيٺ ١٩٧٦ ۾ هتي چيٽي چنڊ جو ميلو ڪيو ويو، جتي اَٽڪل ١٥ هزار سنڌي آيا. اُنجا مکيہ ڪاروباري سلامت پرسواڻي، ڊاڪٽر اَرجن سڪايل، دنيچند ڪالاڻي ۽ موهن ڪلپنا هئا. اُن بعد هتي چيٽي چنڊ، اُتسو ڪاميٽيءَ جو جنم ٿيو، جنهنجو صدر دنيچند ڪالاڻي ۽ سيڪريٽري موهن ڪلپنا آهن. ١٩٧٨ جي چيٽي چنڊ ميلي ۾ اَٽڪل ٣٥ هزار سنڌي شامل ٿيا. اَديبن ئي هتي آزاد سنڌو ديش هلچل لاءِ سنڌو دل (پرچو وديارٿي، موهن ڪلپنا)، اِنڊو سوويٽ ڪلچرل سوسائٽي (دوارڪو سنتاڻي، سلامت پرسواڻي) ۽ اِنڊو پاڪ بردر هوڊ (موهن ڪلپنا) سنستائن کي جنم ڏنو آهي پر انهن جون سرگرميون عيد جي چنڊ جيان سهڻيون مگر درلڀ آهن!

١٩٦٣ جي ٣١ ڊسمبر تي هتي اُن رستي قوم جي مائناز شاعر شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽي جي مرحبا ڪئي ويئي، جنهن رستي کي هاڻي ڀٽائي گهوٽ مارگہ جو نالو ڏنل آهي. هتي بانڪي بهادر ليکڪ طارق اَشرف جو بہ سنمان ڪيو ويو. اِئين هتي ليکراج عزيز ۽ نارائڻ شيام سان اَنيڪ شامون ملهايون ويون آهن. ١٩٥٤ ۾ موهن ڪلپنا کي سندس ناول ”لگن“ ۽ گوبند مالهيءَ کي ”پکيڙا ولر کان وڇڙيا“ تي مکاني سڀا طرفان سنمان ڏنو ويو هو. هتي جي ٽن آديبن، ڪرشن راهي، گني سامتاڻي ۽ لعل پشپ ساهت اَڪاڊميءَ جا اِنعام کٽيا آهن ۽ ڊاڪٽر ديال آشا وزارت تعليم ۽ يونيسڪو جا اِنعام کٽيا آهن.

ڀھرين ٻال ساھت اِنعام کٽڻ وارو پرسرام ضيا، پوءِ جيوت جوت ۽ ديال آشا رھيا آھن. ڊاڪٽر اَرجن سڪايل ۽ سلامت پرسواڻي ”سوويت لئنڊ نھرو اَمن اِنعام“ کٽيا آھن.

ڊاڪٽر ديال آشا سنڌي شاعرن جو ھندي ساھت ۾ يوگدان ھندي ڪتاب ۽ ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ ”سنڌي لوڪ ساھت جا سماجڪ پھلو“ مقالي تي ”ڊاڪٽر آف فلاسافي“ حاصل ڪئي آھي.

ڊاڪٽر اَرجن سڪايل جي سرجوشيءَ سان نوجيون سرڪل باغيچي ۾ ڪوي پرسرام ضيا جو پتلو لڳايو ويو جنھن جو مھورت ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪيو ھو. اِن قسم جو اِھو ھڪ ئي ڪارنامو آھي جو ڪنھن شاعر جو پتلو لڳايو ويو ھجي. ٻيا مددگار ۽ سندس ساٿي ھئا سيتل ھرچندائي، سلامت پرسواڻي ۽ نارائڻ پرسرام.

١٩٧٦ ۾ گانڌيڌام سميلن ۾ اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساھت سڀا جو جنرل سيڪريٽري ٿيڻ بعد موھن ڪلپنا پنھنجي اَديب دوستن سان واعدو ڪيو ھو تہ ايندڙ سميلن ھو سنڌونگر ۾ ڪرائيندو. سڀا جي برانچ آفيس، اِن رٿ جو مان رکي سڀا کي دستوري دعوت ڏني ۽ اِن ريت ھتي چوڏھين سنڌي سميلن جي قبوليت ڏني ويئي.

سنڌونگر سنڌين جو تھذيبي تخت گاھ آھي. ھيءُ شھر نہ نقلي يو. ايس.اي آھي، نہ اَصلي جپان آھي. ھيءُ شھر، سنڌين جو پنھنجو ٻڻايل ھڪ تيرٿ آستان آھي. سنڌونگر ھندستان ۾ جلاوطن سنڌين جو واحد اَجھو، ھڪ ننڍي سنڌ آھي. ھتي ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، شڪارپور آھي ۽ ھر اُھي چيزون جيڪي سنڌي تھذيب، تاريخ سان وابستہ آھن، سي سڀ آھن.

”سنڌونگر، سنڌي سميلن وقت آيل سنڌين جو دلي سواگت ٿو ڪري.“

.......................

شري سلامتراءِ پُرسواڻيءَ پنھنجي صدارتي تقرير ۾ جڏھن ڪاريہ ۾ وشواس ۽ اُتساھ جو ذڪر ڪيو تہ حقيقت شناس

بازاريون هيون ٽالپترين جون نهيل ۽ بلڪل سينگاريل. هن ۾ گهرو هنرن جو نماءُ تہ تمام شاندار هو هتان جي ڪارخانيدارن پڻ خوب ساٿ ڏنو. اَسان جي سڏ تي اُنهن اَچي پنهنجا ڪيما لڳايا ۽ پنهنجن چيزن جو نماءُ ۽ وڪرو شروع ڪيو. اِهو اَسان لاءِ نئون آزمودو هو ۽ سنڌونگر لاءِ هڪ فخر لائق موقعو. هتي- نج سنڌي پاپڙ، وڙيون تہ هيون پر ڪلمنرا، بسڪيٽ، چاڪليٽ پڻ هئا. هوزيئري ۽ ريڊيميڊ ڪپڙا هئا. ايتري قدر جو پيچيده مشينن جا پُرزا پڻ هئا، جيڪي وديش ۾ موڪليا ويندا هئا يا مشهور ڪمپنين کي ڏنا ويندا هئا جيڪي جهنجهوڙي پنهنجي پئڪنگ ڪري ٽي چار سوٴ ٽڪا نفعو رکي وڪڻندا هئا. اَسان کي پڌايو ويو تہ سنڌي ڪاريگر ايترا ذهين آهن جو ڪابہ پيچيدي ٽيڪنالاجيءَ واري چيز هوبهو ناهڻ ۾ ماهريت رکن ٿا. اِهو ئي سبب آهي تہ جيڪي ساڻن چٽاپيٽيءَ ۾ ڪٽي نہ سگهندا آهن اُهي نفرت ۽ طنز وچان چوندا آهن 'Made in USA'

هتي ٽيئي ڏينهن شام جو ڪلچرل پروگرام هليو. هندستان جي اَنڪل سيني مشهور ڪلاڪار ٽولين بهرو ورتو. اِئين پندرهن ٽوليون ٽي ڏينهن، جنتا جي حجوم کي وندرائينديون رهيون. هنن ٽولين ۾ مکيہ هيون، بجاج ميوزيڪل پارٽي، سنڌو ڪلاڪار منڊل، شيام نارائڻ پارٽي، آزاد صوفي، پڳت گهنشارام، پڳت خانورام، آدرش ڊراما گروپ (اَجمير) گوبند مالهيءَ جي پارٽي ڪلاڪار منڊل، پڳوان چاولا پارٽي، دهليءَ مان ڪان موتيهار. هنن سيني هن سميلن جي پروگرامن کي سالن تائين ياد ڪرڻ لائق ڪري ڇڏيو. هن سميلن جي ڪارروائي آل انڊيا ريڊيو ۽ دوردرشن رڪارڊ ڪئي ۽ اِهو پروگرام ٢٠.٢٢ منٽ دورُ درشن تان ٽيليڪاسٽ پڻ ڪيو ويو. اَهڙي نموني ۽ ايترو ڦهلاءُ اَسان کي اَڳي سرڪاري اليڪٽرانڪ ميڊيا طرفان نہ مليو هو.

ڪيترين ڳالهين ڪري هيءُ اَتحاسڪ سميلن ثابت ٿيو. ١٩٧٨ جو سنڌونگر ۾ ٿيل سميلن سنڌيت جي هلچل جو هڪ 'حد-نشان' هو.

تنهن بعد اُتساهہ آهستي آهستي گهٽجي ويو. جيئن وڏي ۽ گجگوڙي طوفان کانپوءِ شانتي ڇانجي ويندي آهي. سميلن جي وچوٽي هر سال مان وڌائي هر ٻين سالين سميلن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن جا ڪارڻ گهٽا ئي هئا. سيا جون ٻيون گهٽيون ئي ڪارگذاريون شروع هيون، جيئن ڪ ناٽڪ اُتسو، ليکڪ سيمينار ۽ تعليمي ڪانفرنسون، جن ۾ سيا جي ڪارپُردازن جون ڪافي قوتون خرچ پئي ٿيون. سيا سان جدا جدا ڪيتر ۾ جيڪي گنڀير عناصر هئا اُنهن کي سميلن صرف هڪ خاناپورتي ۽ رونشو لڳو. ڇاڪاڻ تہ گنڀير بحث ۽ چنڊچاڻ تہ اَلڳہ اَلڳہ خاص سميلن ۽ سيمينارن ۾ ٿيندي هئي. عام سنڌي پڻ هيل تائين ٿانئيڪو تي ڇُڪو هو تنهنڪري ٻاهر نڪرڻ جو چاهہ گهٽ ٿي رهيو هو. سميلن جا وڏا خرچ ۽ اِنتظام مشڪل ٿي پيا ۽ وڏي ڳالهہ تہ مڪاني سطح تي، سماجي ليول تي هڪ ٻئي تي چڙهت ڪري ڪيترا ئي گروپ ٺهي ويا ۽ اِئين ڪيترا متيڀڊ بہ منهن ڪڍڻ لڳا.

★ ★ ★

٦ جولاءِ ١٩٧٩ لوناوالا ۾ پنجون اَکل ڀارت سنڌي ليکڪ سيمينار ٿي ڪيو ويو. وشيہ هئا ”ٻال ساهت ۽ اُنجي اَهميت“ ۽ ”ساهت وقت جي سنڌرڀ“ ۾ ڪُل ڇهہ ليکہ پڙهيا ويا. سيني سنڌيءَ جي نامياري ليکڪن حصو ورتو. هن موقعي تي سنڌي جاتيءَ جي آئيندي تي پڻ دلچسپ ۽ ڀوڪندڙو بحث ٿيو.

★ ★ ★

١٩٨٠. جيئن اَڳوات ئي چيو ويو آهي تہ سيا ڪافي وقت کان هن حقيقت کان آگاهہ هئي تہ سنڌيت جي هلچل ۾ نوجوانن جي ڪمي آهي ۽ اِئين تہ ڪيترن سالن کان نوجوانن لاءِ ڪاميٽي ٺاهي ويئي هئي. نوجوانن کي سيا طرف ڇڪڻ لاءِ يتن ڪيا ويا، پر سنڌين جي مالي ۽ سماج جي تعليمي حالت ڪري سيا نوجوانن کي پنهنجن آدرشن طرف ڇڪي نہ سگهي. اَلبت ڪلا جي ڪيتر ۾ ڪيترا نوجوان

ڇڪجي آيا پر عام طور تي نوجوان ٿهيءَ جي سنڌي جاتي ٻولي ۽ ڪلچرل ڏانهن بيپرواهي ڏڪوئيندڙ هئي. هن پس منظر ۾ جنوري ١٩٨٠ ۾ اَحمدآباد ۾ پهريون نوجوان سيمينار ڪيو ويو جنهن ۾ نوجوانن جون اَلڳ بيٺڪون ٿيون جن ۾ اَلڳ اَلڳ شهرن جي ساهتڪارن ڪلاڪارن تعليم-دانن ڀاڱ ورتو ۽ سنڌي جاتيءَ جي مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي ۽ ڪيترائي نهراءُ بحال ڪري سرڪاري واسطيدار آدارن کي موڪليا ويا.

ڇنڊڇاڻ ڪرڻ وارا اُهيئي بزرگ هئا. جيڪي نوجوان هئا اُنهن کان تہ ڪيترين ٻين مشغولين ۽ distractions ڪري هن ڏس ۾ خاطر خواه ترقي ٿي نہ سگهي آهي. هاڻي تہ ننڍن ناٽڪن ۽ پروگرامن ۾ سٺ سالن کان مٿي وارا ئي ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ ساڳئي حالت اَدب سان آهي. ڪي جزوي نوجوان اَدبي ميدان ڏانهن آيا آهن. هٿ جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا نالا مس ٿيندا. اِها صورتحال سنڌي جاتيءَ جي گهٽگهرن لاءِ ڪافي چنتا جو باعث بڻي آهي ۽ هڪ اوُنداهي سُرنگهہ پيئي ڏسڻ ۾ اَچي.

١٩٨٠ ۾ گُجرات جي هڪ ننڍي شهر پاليتانا ۾ سيا جو پندرهون سميلن ٿيو. مهورت هڪ نوجوان سنڌيءَ، جو تازو اَجمير تڪ مان ڪانگريس ٽڪيٽ تي پارليامينٽ ۾ چونڊجي آيو هو، آچاريہ ڀڳوان ديو ڪيو. هو بنا ڪنهن بہ شرط يا مطلب جي آسان وٽ آيو هو. هن پنهنجي مهورتي تقرير ۾ سنڌي پراچينتا، سنڌي سڀيتا جي مهانتا، ڀارت جي حالتن جي حوالي ۾، سنڌين جي ميجتا بابت زور ڏنو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هند جي سڀيتا جو هڪ اَهم حصو ڪري، اُن کي بچائڻ تي زور ڏنو.

پاليتانا جي سميلن جي مکيہ حاصلات سنڌي جاتيءَ پاران گُهرن جو چارٽر تيار ڪيو ويو. جيڪو سنڌين جي حقن ۽ گُهرن جو تفصليوار چٽو آهي. (ڏسو هن ڪتاب جو Appendix)

سال ١٩٨٠ ۾ دهليءَ جي سنڌو ڪلا سنگهہ پاران سنڌي ناٽڪ

جا هڪ سو سال ملهايا ويا (۱۸۸۰-۱۹۸۰) هي اُتسو ٻہ ڏينهن هليو ۲۲ - ۲۳ سيپٽمبر ۱۹۸۰ هن موقعي تي ڪيترن جا سنديش آيا جن مان مُکيہ هئا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، چيتانند ناگراڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ رام پنجواڻي ۽ ٻيا.

★ ★ ★

۱۹۸۱ ۾ هر سال جيان چيمبور (بمبئي) ۾ هڪ کُشادي ميدان تي لڳايل شاندار شامياني ۾ شهيد هيمو ڪالاڻيءَ جو شهادت ڏينهن ملهايو ويو. پهرين هڪ جلوس نڪتو ۽ سچي ڪالونيءَ جي پرڪرما ڏيئي، دهلن ۽ شهنائين جي گونج ۾ شامياني تي پهتو. شري گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ۽ ٽيڪچند 'مست' تقريرون ڪيون. شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ماتا جيٺي ٻائيءَ جو سنمان ڪيو ويو ۽ پروفيسر رام پنجواڻي ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ پنهنجي ساٿين سان سنگيت وَرڪا ڪري ڪافي موج مچائي.

مئي ۾ ' پهاڙي شهر نئنيتال ۾ ستون ليکڪ سيمينار گهرايو ويو جنهن ۾ اٽڪل ۴۵ ليکڪن حصو ورتو. سيمينار جا وشيہ هئا. (۱) 'شاھہ لطيف جو اَڄ جي سمي ۾ سنيهو' (۲) 'موجود سرشتو ۽ ليکڪ' ليکڪن پنهنجا مقالا پڙهيا ۽ پوءِ ڪليل بحث ٿيو. سيمينار اُتر پرديش سرڪار جي گيسٽ هائوس ۾ ٿيو. مڪاني سطح تي سيمينار جو بندوبست نيوند ڪيولراماڻي ۽ ڪُمار نارواڻيءَ ڪيو.

ٻيون اکل ڀارت سنڌي نوجوان سيمينار جئپور ۾ ۲-۳ آڪٽوبر ۱۹۸۱ تي ٿيو جنهن جو مهورت پارليامينٽ جي ميمبر آچاريہ ڀڳوانديو ڪيو. ۾ تقرير ڪندي شري گوبند مالهيءَ سنڌي ٻولي سکڻ جي اهميت تي زور ڏنو ۽ سنڌين کي سنڌي سيکارڻ جي ڪلاسن هلائڻ لاءِ زوردار هلچل لاءِ اپيل ڪيائين تہ اِهو ئي رستو کليل آهي سنڌي نوجوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جو ۽ پاڻ سان ڳنڍڻ جو-هيءُ سيمينار آمرلعل صاحب منڊل هيمون ڪالاڻي نگر- راجا پارڪ، سنڌي ڪالوني جي نينڊ تي گهرايو ويو هو.

پاهران آيل ۽ مڪاني ڪُل ملائي اٽڪل پنج سوَ ڄڻن بهرو ورتو. سميلن جو ڪاروبار سڄو نوجوانن هلايو. سيمينار جون وشيون هيون، (۱) اڄوڪي سياست ۽ سنڌي نوجوان (۲) سنڌي سنسڪرتيءَ جي ترقيءَ ۾ سنڌي نوجوانن جو رول- ڪيترن نوجوانن پنهنجا ليک پڙهيا ۽ ويچار پيش ڪيا. پنهي ڏينهن تي رات جو نوجوان ٽولين طرفان ڪلچرل پروگرام پيش ڪيا ويا جي ڄيپور شهر جي اٽڪل پندرهن هزار سنڌين ڏٺا ۽ ساراهيو. ٽهرين بهترين ٽولين کي ۽ ڪلاڪارن کي سڀا پاران اِنعام ۽ سوکڙيون ڏنيون ويون. هن پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سڀا جي نوجوان وڀاڳ جي ڪنوينر شري رام نانڪاڻيءَ جون اَٽڪ ڪوششون ساراهه لائق هيون.

---

۱۹۸۲ مارچ ۾ دستوري چيٽي چنڊ جو ميلو سڀا پاران باندرا جي بال گنڌروُ ڪليل ٿيئٽر ۾ ملهايو ويو. پروفيسر رام پنجواڻي، ڀڳونتي ناواڻي ۽ ساٿين جي سنگيت بعد مشاعرو ٿيو. هن موقعي تي پروفيسر (ڪُماري) پوپٽي هيرانندانيءَ کي سڀا پاران پنجن هزارن جو اِنعام سندس اَدبي شيوائن جي قدرشناسي طور ڏنو ويو. هن انعام جي رقم دبئي جي شري مورجمل منگهاڻيءَ هر سال سڀا کي ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

(نوٽ : سال ۱۹۸۲ کان شروع ڪيل شري مورجمل منگهاڻيءَ جو اِهو اِنعام پنجن هزارن مان وڌندي وڌندي ۱۹۹۸ ۾ پنجويهن هزارن تائين وڃي پهتو ۽ بانيءَ اَڄ تائين هر سال ڏنو وڃي ٿو.)

هن سال جڏهن چامنگر جا ساٿي چيٽي چنڊ جو ميلو ملهائي رهيا هئا اُن موقعي تي ۲۰ ۽ ۲۱ مارچ تي سنڌن ڪوٽ تي سڀا پاران تعليمي ڪانفرنس گهرائي ويئي. اُن ڪانفرنس ۾ اٽڪل ۵۰ کن ماسترن ۽ پرنسيپالن بهرو ورتو. هن ڪانفرنس ۾ وڏيڪ گهرائيءَ سان تعليمي مسئلن تي بحث ٿيو. ڪانفرنس جي صدارت پرنسيپال بي ايچ آڏواڻي، (احمدآباد) ڪئي ۽ هڪ عالماڻو پيپر پڻ پڙهيو. شام

جي وقت هزارين سنڌي شهرواسين جي سامهون سنڌي ڪلچرل پروگرام پيش ڪيو ويو جنهن ۾ بمبئي جي ڪلاڪار منڊل (ڀڳونتي ناواڻي، ستيش روهڙا ۽ ساٿين) ۽ اَحمدآباد جي سنڌو ڪلاڪار منڊل ڀاڱو ورتو. پروگرام ۾ گجرات سرڪار جا نائب وزير شري بلونت راءِ، شري ايم. جي بلوچ ۽ ولي اَللهه (تورائي واري جاتيءَ جو چيئرمن) حاضر رهيا. ڄامنگر جي جهوليلعل منڊل ۽ ڄامنگر جي ساٿين جي اَتڪ ڪوشش ڪري هيءَ ڪانفرنس تمام ڪامياب ويئي.

★ ★ ★

١٩٨٣ ۾ سيا هڪ شاندار روايت شروع ڪئي. هندستان جي سيني سنڌي سنستائن کي اَپيل ڪئي ويئي ته هن سال سنڌيءَ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف جو ٽي سوَ سال جنم جشن ملهايو وڃي. سيا طرفان ٢٦-٢٧ فيبروري تي ڪار (بمبئي) جي دياونتي هال ۾ اِهو جشن ملهايو ويو. شري گوبند مالهي ڪُجهه نه چئي شاهه بابت ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن جا رايا سوينئر ۾ ڏنا.٠اُهي عالم آهن. ڊاڪٽر. ايڇ. ٽي. سورلي. جي. ايم. سيد، تنوير عباسي، سيد حسام الدين راشدي، لالسنگهه اَجواڻي، منگهارام ملڪاڻي، ڪلام آءِ. آءِ، قاضي ۽ ۽ سندس همسفر مسز ايلسا قاضي (جرمن اِسڪالر، جنهن شاهه جا بيت اَنگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن) هيءُ جشن اِنٽرنئشنل پنچائت فيڊريشن، سنڌي سيا ۽ شاهه اَداري جي چُست سهڪار سان ملهايو ويو.

پهرين ڏينهن تي شاهه لطيف جي لافاني بيتن- واين ۽ ڪافين جي جهونگار ئي هئي. هن سنگيت جي پروگرام ۾ سيني برک ڪلاڪارن، پروفيسر رام پنجواڻي، ڀڳونتي ناواڻي، ڀڳوان چاولا، ششي آهوجا، سي لکميچند، رام ناواڻيءَ ڀهرو ورتو. ٻئي ڏينهن تي شري گوبند مالهي پوپٽي هيرانندداڻي، موهن ڪلپنا ۽ هيري شيوڪاڻي شاهه لطيف تي عالماڻا پيپر پڙهيا. هن موقعي تي سيا طرفان موهن ڪلپنا جي اَدبي شيوائن جي قدرشناسي طور ڪيس پنج

هزار رپيا اِنعام ڏنو ويو. اِها رقم ڊبئيءَ جي شري مورجمل منگھناڻيءَ وٽان آيل هئي. هن موقعي تي سنڌ مان ٻه آيل مهمان مسٽر قريشي ۽ ڊاڪٽر بلوچ پڻ شامل ٿيل هئا. سڀا جي سڄ تي ڪيترن ئي شهرن ۾ اهڙا جشن ڪيا ويا.

۱۲ اپريل ۱۹۸۳ تي بمبئي جي دياونتي هال ۾ سڀا پاران چيٽي چنڊ جو ميلو ملهايو ويو. صدارت گوبند مالهيءَ ڪئي. سنگيت جو پروگرام هيمشه جيان پروفيسر رام پنجواڻي، ڀڳونتي ناواڻي ۽ سندس ساٿين ۽ سي لڪميچند پيش ڪيو. ميلي جو خاص اسم هو مشاعرو جنهن ۾ حصو ورتو پروفيسر رام پنجواڻي، اَرجن شاد، ڪرشن راهي، پريو وفا، واسديو نرمل، ايم ڪمل، موهن ڪلپنا، ٽيڪچند مست، ديپڪ آشا ۽ مرچو مسڪين. پوپٽي هيرانندڻيءَ جي لوليءَ ماڻهن کي روئاري ڇڏيو. موقعي تي پوپٽي هيرانندڻيءَ کي ساهت اَڪاڊميءَ جو اِنعام ملڻ تي سڀا پاران ڏشالو ۽ ناريل پيٽ ڪري سواڳت ڪيو ويو. ڀڳونتي ناواڻيءَ پڻ پنهنجي ماتا جي ياد ۾ سنڌي ڪلاڪارن لاءِ انعامن جي شروعات ڪئي ۽ پهريون اِنعام مشهور سنڌي هدايتڪار شري ديپڪ آشا کي هندواسي هفتيوار جي سمپادڪ شري تيرٿ سڀاڻيءَ هٿان ڏنو ويو.

نائون سنڌي ليکڪ سيمينار وري پيو دفعو ابو پهاڙ جهڙي دلڪش شهر ۾ ٿيو. تاريخون هيون ۲۶-۲۷ ميءَ ۱۹۸۳ (اُف بمبئيءَ جي گرمين کان نجات ۽ پهاڙ تي موڪل) هن سيمينار ۾ اٽڪل ۴۰ ليکڪن شرڪت ڪئي سيمينار لاءِ موضوع هئا : ’سنڌي ناول جي ماپ مارڪسوادي جماليت (سونهن پوڌ)‘ ۽ ’تخليقي پرڪريا‘. پهرين موضوع تي پيپر پڙهيا لعل پشپ ۽ هيري شيوڪاڻيءَ ۽ ٻئين موضوع تي پيپر پڙهيا ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ۽ گوبند مالهيءَ. ٻنهي پيپرن تي گرماگرم بحث ٿيو. پهرين بيٺڪ جي صدارت لڇمڻ ڀمياڻي (جئپور) ۽ ٻئي جي شري ڪرشن راهي (بمبئي) ڪئي. موقعي تي اَجمير جي سُڌار سڀا پاران سنگيت جو پروگرام پيش ڪيو

ويو جنهن جو سنچالن ايشور ٺاواڻيءَ ڪيو. سيمينار جي ڪاميابيءَ لاءِ راجستان جي زونل سيڪريٽري شري گورڌن چوڌريءَ کي مبارڪون ڏنيون ويون.

هن سال سنڌونگر کي ڪلياڻ ڪارپوريشن ۾ جذب ڪرڻ جي رٿا تي اَعتراض نامو سيا پاران موڪليو ويو ۽ شري اَرجن سنگهه ڏانهن عريضو موڪليو ويو جنهن ۾ مڌيه پرديش سنڌي اَڪاڊميءَ تي غير ساهتڪ شخص جي نامزدگيءَ تي اَعتراض ورتو ويو. ٻيو آچاريه ڀڳوانديو پنهنجن هٿ ٺوڪين کي سرڪاري اَڪاڊمين جون واڳون ڏياري رهيو هو تنهن تي پڻ سيا پاران اَعتراض-نامو موڪليو ويو. مرڪزي سرڪار توڙي پرانتڪ سرڪارين سان اَلڳه اَلڳه ڳالهين تي لکپڙهه جاري رهي. نتيجا ڪڏهن ڪڏهن گهربل پئي نڪتا.

سال ۱۹۸۳، ۱۱ ۽ ۱۲ نومبر تي ٻڙودا شهر ۾ سورهون سميلن شاندار نموني ۾ ٿي گذريو، جنهنجون خوشگوار يادگيريون ڪٽي ''سيا'' جا ڪم ڪندڙ ۽ سنڌيت جا پيارا پنهنجن پنهنجن شهرن ڏانهن روانا ٿيا ۽ سميلن جو سنديش عام سنڌين تائين پهچايائون. ''سيا'' جي نئين ڪاروباري ڪاميٽي ۽ عهديدار پڻ نئين سال جي ڪاريه ۾ جنبي ويا.

★ ★ ★

سال ۱۹۸۴ ۾، ''سيا'' پنهنجي ڪم جي شروعات چيٽي چنڊ جي موقعي تي اعليٰ ڪوي ڪشنچند ''بيوس'' جي جنم شتابدي جشن ملهائڻ سان ڪئي. نه صرف پنهنجي سنستائن، بلڪ پوري جاتيءَ کي آپيل ڪئي ويئي ته سال ۱۹۸۴ ''بيوس شتابدي سال'' ڪري ملهايو وڃي جنهن ۾ سيمينار، مشاعره، چٽاپيٽين وغيره جو آيوجن ڪيو وڃي. ''سيا'' طرفان بيوس جو شتابدي جشن بمبئيءَ جي دياوتني ٽيڪمداس هال ۾ چنڇر ۳۱ مارچ ۱۹۸۴ تي ملهايو ويو. جشن جي صدارت پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪئي ۽ بيوس جي اعليٰ

شاعريءَ جي اَلڳ اَلڳ پهلن تي نامور سنڌي اَديبن پنهنجا مقالا پڙهيا جن ۾ مکيہ هئا سرو شري گوبند مالهي، آرجن شاد، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪرشن راهي ۽ موهن ڪلپنا.

**اِندر ڀوڄواڻي کي ساهتڪ پرسڪار**

اَڳين ٻن سالن وانگر هن (١٩٨٣) سال پڻ ڪنهن اعليٰ سنڌي ساهتڪار جو سنمان ڪرڻ جي روايت کي قائم رکندي، سنڌيءَ جي پرسڌ ڪوي اِندر ڀوڄواڻيءَ کي ٥٠٠٠ رپيا اِنعام ڏنو ويو، جا رقم هميشہ جيان ڊبئيءَ جي دانوير شري مورجمل منگهناڻيءَ وٽان ملي هئي. ناري گوپي هرداسمل چئرٽيبل ٽرسٽ طرفان مليل هڪ هزار جي رقم پڻ ڪيس ڀيٽ ڪئي ويئي. ساڳئي وقت، ڊاڪٽر آرجن ”شاد“ جو پڻ سال 1982 جو ساهت اَڪادميءَ اِنعام حاصل ڪرڻ لاءِ، ”سيا“ طرفان سنمان ڪيو ويو.

**نوجوان سيمينار- نڙياد.**

نڙياد جي سنڌي ساهت سيا جي ڪوٺ تي، ٽيون آکل ڀارت سنڌي نوجوان سيمينار ٥ ۽ ٦ آپريل (١٩٨٣) تي سڏايو ويو. هن موقعي تي سنڌي نوجوانن جي مسئلن تي خاص پيپر پڙهيا ويا ۽ چٽاڀيٽي ڪئي ويئي جن مان پهرين ٽن شاگردن کي انعام ڏنا ويا جي هئا ڪماري شڪنتلا بدلاڻي (بڙودا)، ڪماري نئنا منگتاڻي ۽ شري موهن سچديو (احمدآباد). هن موقعي تي سنڌي ساهت سيا طرفان ”سنڌو درشن“ نمائش پڻ ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي اِتهاس جي شاندار جهلڪ پيش ڪئي ويئي هئي. هن نمائش جو اُدگهاٽن گجرات راڄيہ جي منتري شري پربوڌ راول ڪيو.

لکنؤ سيمينار :

٣ ۽ ٤ آڪٽوبر تي (١٩٨٣)، لکنئو جي سنڌو سماج جي قربانئي ڪوٺ تي، ڏهون آکل ڀارت سنڌي ليکڪ سيمينار، لکنئوءَ ۾ ڪوٺايو ويو. سيمينار ۾ مکيہ طور ٻن وشين تي پيپر پڙهيا ويا- (١) ”ڀارت ۾

سنڌين جي الڳ قومي سڃاڻپ جو مسئلو'' جنهن وشيہ تي سرو شري گيان هيمناڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ پنهنجا پيپر پڙهيا. شري ڪرشن راهيءَ بينڪ جي صدارت ڪئي. (٢) ''ننڍي ڪهاڻيءَ جي رچنا جي پرڪريا''- جنهن وشيہ تي مقالا لکيا، سرو شري موهن ڪلپنا، ڪرشن کٽواڻي، هريش واسواڻي ۽ شريمتي تارا ميرچندڻيءَ. بينڪ جي صدارت شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪئي.

★ ★ ★

١٩٨٥ سنڌو ڪلا سنگم جي ڪوٽ تي، ڇهون آکل ڀارت سنڌي ناٽڪ مها اُتسو ۽ چٽاڀيٽي جو آيوجن ٣، ٤ ۽ ٥ مارچ ١٩٨٥ تي دهليءَ ۾ ڪيو ويو. ناٽڪ اُتسو ۾ ڪل ٨ ناٽڪ منڊلين ڀاڱہ ورتو، جي هيون- سنڌو ڪلاڪار منڊل، ينگہ هاڪس، پريوگہ ۽ رنگہ ڪرم ٿيئٽر (اَحمدآباد)، نٽراج آرٽ ٿيئٽر (بڙودا)، سنڌي يوٿ آئسوسيئشن (ڪلڪتو)، ڪلاڪار (ناگپور)، ۽ سنڌو آرٽس (نئين دهلي) اِنڪانسواءِ ''سنگم'' پاران ڪوي بيوس شتابديءَ جي موقعي تي هڪ سنگيت روپڪ ''نرمل جوتي'' پڻ پيش ڪيو ويو. ججن جي راءِ مطابق، بهترين ناٽڪن توڙي اَداڪارن کي سيا طرفان اِنعام ڏنا ويا.

**ساهتڪارن جو سنمان**

سال ١٩٨٥ لاءِ، شريمتي سندري اُتمچنداڻيءَ جو ساهتڪ ڪيتر ۾ ڪيل سنڌس شيوائن لاءِ سنمان ڪنڌي، ڪيس ڏهہ هزار روپين جو انعام ڏنو ويو. ساڳئي وقت برڪ ساهتڪار موهن ڪلپنا جو پڻ ساهت اَڪادمي اِنعام حاصل ڪرڻ تي، سنمان ڪيو ويو. هيءُ جشن ١٦ مارچ ١٩٨٥ تي، بمبئيءَ ۾ ڪيو ويو.

**ٻارهون ليکڪ سيمينار- جئپور**

٢٠ ۽ ٢١ آڪٽوبر (١٩٨٥) تي، ٻارهون آکل ڀارت سنڌي ليکڪ سيمينار، جئپور جي سنسٿا ڀارتيہ سنڌو سنگهٺن جي نيند تي جئپور ۾ سڏايو ويو. سيمينار دوران ٻن وشين تي بحث ٿيو - جي هيون: (١) سنڌي آدبي تنقيد جون نيون تقاضائون ۽ (٢) ليکراج عزيز جي

شاعري ۽ فن. پهرين بيٺڪ جي صدارت شري موهن گيهاڻيءَ ڪئي ۽ لڪمي کلاڻي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، گورڌن تنواڻي ۽ وينا شرنگيءَ پنهنجا پيپر پڙهيا. ٻيءَ وشيہ تي ڪماري پوپٽي هيراننداڻيءَ ۽ لڇمڻ ڪومل پنهنجا پيپر پڙهيا ۽ ڊاڪٽر ستيش روهڙا هن بيٺڪ جي صدارت ڪئي.

★ ★ ★

## سال ١٩٨٦ ستون ڊراما اُتسو- بمبئي

مارچ مهني جي ۴، ۵ ۽ ٦ تاريخن تي ستين اَکل ڀارت سنڌي ناٽڪ مها اُتسو ۽ چٽاڀيٽيءَ جو آيوجن، هن سال، بمبئيءَ ۾ ڪيو ويو. هن اُتسو ۾ ڀاڱہ وٺڻ لاءِ، ناٽڪي ٽولين جو اُتساهہ ڏسڻ وٽان هئو. سڄي ملڪ مان اَٺڪل ٽيهارو کن داخلائون اَچي ”سپا“ جي دفتر ۾ ڀاهڻ ٿيون. نهايت خبرداريءَ سان چونڊ ڪري ٩ ناٽڪن کي داخلا ڏني ويئي ۽ آخرين طور هن اُتسو ۾ آنند آرٽ ٿئيٽر ۽ ڪلا سنڌو (بمبئي)، سنڌو ڪلا سنگم ۽ سنڌو آرٽس (دهلي)، رنگ ڪرم ٿئيٽر، سوينٽي سنڌ ٿئيٽر ۽ ينگ هاڪس (اَحمدآباد)، ايم. ڪمل ڊراما ڪلب (سنڌونگر) ۽ ڪلاڪار (ناگپور) پنهنجا يڪ- فصلا ناٽڪ پيش ڪيا. چٽاڀيٽيءَ لاءِ پنج جج مقرر ڪيا ويا هئا، جي هئا- ڪماري سشي بولاڪاڻي، سرو شري ڪرشن راهي، رميش مهتا، اَجيت وڃاڻي ۽ گجراتي رنگ منچ جو ناميارو ڪلاڪار گريش ڊيسائي. سنڌن يڪراءِ فيصلي موجب پهرين بهترين ٽن ناٽڪن ۽ بهترين ڪلاڪارن کي سپا طرفان نقد اِنعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. شريمتي چندرا سپي پڻ هزار رپين جا نقد اِنعام ڪلاڪارن کي ڏنا.

## ساهتڪار جي قدرشناسي

”سپا“ پاران هن سال، شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ساهتڪ توڙي سنڌيت جي هلچل ۾ ڏنل يوگدان جي قدرشناسي ڪندي ڇيٽي چنڊ جي موقعي تي سنڌس سنمان ڪيو ويو ۽ ڏه هزار رپين جو روڪ انعام پڻ ڏنو ويو، جنهن نسبت هن بروقت پڌرائي ڪئي تہ هوُ اُن رقم

مان هڪ ٽرسٽ برپا ڪندو جا سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيندي. هن ئي موقعي تي شاعر اَرجن حاسد جو ساهت اَڪاڊمي اِنعام ملڻ جي خوشيءَ ۾، سنمان ڪيو ويو.

”چيٽي چنڊ سنڌيت ڏينهن.“ هن سال سنڌي سيپتڪ ڪيندر، شهيد هيمون ڪالاڻي منڊل، جهوليلال منڊلي ۽ پارتيہ سنڌو سڀا جي سهڪار سان ٢٦ اپريل تي ملهايو ويو. هن ميلي جو هڪ مکيہ اِسم هو ”سنڌي بازار“ جنهن ۾ سنڌي جيوت تي چٽرن، جهانڪين، پستڪن، ڪئسيٽن ۽ اَخبارن جو نماءُ ڪيو ويو.

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، جو گذريل ڪن سالن کان سنڌ جي سرحد نزديڪ، ’ٻني‘ نالي واري ايراضيءَ ۾ کوجنا ڪاريہ ڪري رهيو هو، تنهنجي واتان اُتان جو اکين ڏٺو احوال ٻڌڻ لاءِ ٢٠ سيپٽمبر تي سندس هڪ ليڪچر رکيو ويو. ساڳئي نموني اَسانجا ٻہ اَديب هري موٽواڻي ۽ مايا راهي سنڌ جي ياترا ڪري موٽيا، تہ کين بہ بمبئي ۽ سنڌونگر جيٓ ساهتڪارن سان مخاطب ٿيڻ لاءِ نوتو ڏنو ويو. ١١ آڪٽوبر تي ٻنهي ميڙن ۾ اَديب دوست سني اَنداز ۾ شريڪ ٿيا ۽ سوال جواب ۽ وارتا لاپ ڏاڍا دلچسپ رهيا.

ڪلاڪار کي شرڌانجلي

ڪماري پڳونتي ناواڻيءَ جي بي وقتائتي موٗت سڄي ملڪ جي سنڌين کي ڏوڏي ڇڏيو. ٢٥ آڪٽوبر ١٩٨٦ تي سنڌين جي ڪوئل کي ”سپا“ پاران شرڌانجلي ڏني ويئي، جنهن ۾ بمبئي توڙي سنڌونگر جي ساهتڪارن، ڪلاڪارن ۽ سنڌيت جي شيدائين مٿس شرڌا جا ڦول چاڙهيا.

ٻارهون ليکڪ سيمينار- پونو (هڪ نئون تجربو)

ٻارهن سال اڳہ ”ليکڪ سيمينار“ سڏائڻ جي روايت جا ”سپا“ شروع ڪئي سا پنهنجو پاڻ ۾ هڪ هلچل جو روپ وٺي چڪي هئي. هن سال ”سپا“ ليکڪ سيمينار کي هڪ نئون موڙ ڏيئي، سيمينار کي صحيح معنيٰ ۾ ڦلدائڪ بڻائڻ جو يتن ڪيو. نهايت فخر جي ڳالهہ

آهي جو سنڌي ساهتڪارن ”سپا“ جو سڏا اونائي، پورن ريت سهڪار ڪري، هن سيمينار کي هڪ يادگار سيمينار بڻائي ڇڏيو. ١٥ ۽ ١٦ نومبر ١٩٨٦ تي سڏايل هن سيمينار ۾ ڪل ملائي منو سؤ کن ليکڪن ڀاڱہ ورتو، جن مان هيٺ ذڪر ڪيل ساهتڪارن ڏنل وشين تي مقالا/ تبصرا لکيا:

وشئہ ١ - ”سنڌي ساهت ۽ پاٺڪ“ (صدارت: ڪرشن کٽواڻي)

مکيہ مقالو : موهن ڪلپنا. تبصرہ: هري دلگير ۽ پريم پرڪاش

وشئہ ٢ - ”سنڌي ٻوليءَ جو بدلجندڙ روپ“ (صدارت: ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي)

مکيہ مقالو: ڊاڪٽر ستيش روهڙا، تبصرہ: ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي ۽ پريتم ورياڻي

وشئہ ٣- ”عوامي واهڻن رستي سنڌي تعليم“ (صدارت: هريش واسواڻي)

مکيہ مقالو: ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، تبصرہ: لڇمڻ ڪومل ۽ ڊاڪٽر چندرسين ناواڻي

وشئہ ٤- ”تخليقي ليکڪ ۽ اُنجي سماجڪ واسطيداري“ (صدارت : ڪرشن راهي)

مکيہ مقالو: لکمي کلاڻي، تبصرہ: هريڪانت ۽ نامديو تاراچنداڻي.

سموري سيمينار جي ڪارروائي ڪنوينر ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ نهايت اِنتظامي ڍنگ سان هلائي ۽ پوني شهر جي ٻن سنستائن، سنڌي ساهت سڀا ۽ پارتيہ سنڌو سڀا، آيل اديبن جي ميزباني ڪئي.

★ ★ ★

سال ١٩٨٧ (ٻهو مکي درشن)

بمبئيءَ ۾ ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي ساهتڪ توڙي سيپتڪ شيوائن جو قدر ڪندي، هن سال ڇيٽي چنڊ جي موقعي تي ”سپا“ پاران سنمان ڪندي ڪيس ڏهن هزار رپين جو اِنعام ڏنو ويو. ساڳئي وقت شريمتي سندري اُتمچنداڻيءَ کي ساهتيہ آڪادمي اِنعام ملڻ جي خوشيءَ ۾ سندس پڻ جوڳو سنمان ڪيو ويو. هن موقعي تي پروفيسر

پنجواڻيءَ ڪلاڪارن کي اِنعام ڏيئي آسيس ڪئي ۽ ساڻ ساڻ چيتي چنڊ جو ميلو ملهائيندي ڪلاڪارن سنگيت ورکا ڪئي.

**پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي ساهتڪ شرڌانجلي**

بمبئيءَ ۾ سنڌيت جي ايلچيءَ، سنڌين جي دلاري پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ديهانت تي ”سپا“ پاران پروفيسر صاحب جي شخصيت ۽ فن تي هڪ ننڍڙو سيمينار ۹ ميءِ ۱۹۸۷ تي سڏايو ويو جتي ڪماري پوپٽي هيرانندانيءَ، ڊاڪٽر اَرجن شاد، شري ڪرشن راهيءَ ۽ شري گوبند مالهيءَ سنڌس شخصيت جي اَلڳ اَلڳ پهلن تي پيپر پڙهيا. حاضر اَديب دوستن اُن بعد ڪليل بحث ۾ ڀاڱو ورتو.

**بمبئيءَ ۾ سائين جي. ايم. سيد جو سواگت.**

جولاءِ ۾ سائين سيد جي ڀارت ۾ آمد ٿي جو سرحدي گانڌيءَ جي طبيعت جو حال احوال وٺڻ لاءِ آيل هئا. ”سپا“ اُن موقعي تي سائينءَ جي سواگت جو پروگرام رٿيو ۽ اُن کي هڪ اِتهاسڪ موقعو بڻائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ بمبئيءَ جون ڊزن کن سنسٿائون شامل ٿيون. اِهو ميڙ ڪي. سي. ڪاليج ۾ ٿيو، جيڪو ڪچا کچ ڀريل هو. سائينءَ جي سواگت جي لهر جا بمبئيءَ کان هلي تنهن سنڌونگر، دهليءَ ۽ ناگپور ۾ بہ پنهنجو اَثر ڏيکاريو ۽ هر هنڌ سائينءَ جو ڀيڪيدار سواگت ٿيو.

**متفرقا ڪم :**

سپا طرفان مٿين سرگرمين کان سواءِ مرڪزي آفيس مان باقاعدي لکپڙهہ هلندي رهي ٿي، جنهن معرفت ڀارت سرڪار، پراديشڪ سرڪارين توڙي سرڪاري اَدارن (ريڊيو، دور درشن، ساهتيہ آڪاڊمي، مرڪزي هندي بورڊ) کان وقت بوقت واجبي گهرن لاءِ زوردار طلب ڪئي ٿي ويئي ۽ بي اِنصافين خلاف آواز اُٿاريو ٿي ويو.؛ سال ۱۹۸۷ ۾ ڀارت سرڪار جي تعليمي کاتي سان ”سنڌي وڪاس بورڊ“ برپا ڪرڻ لاءِ زوردار لکپڙهہ ڪئي ويئي ۽ سپا کي خاطري ملي تہ جلد بورڊ قائم ڪيو ويندو.

۱۹۷۸ جي آخر ۾ - هڪ اتهاسڪ سميلن

۱۷ اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن ۱-۲ نومبر ۱۹۸۷ع ۾ هڪ ڀيرو وري ڳانڌيڌام ۾ ٿيو جنهن ۾ اٽڪل هڪ هزار ڊيليگيٽن ڀهرو ورتو. سميلن جو مهورت اُشا ڀيڻ مهتا ڪيو. هن سنڌيءَ ۾ تقرير ڪئي، چيائين ”اَسان جا وڏا هتي پنج سو سال اڳ سنڌ مان آيا ۽ اَوهان هتي چاليهه سال اڳ آيا آهيو. فرق صرف اِهو ئي آهي پر اَسان آهيون ساڳئي ئي سنڌو وطن مان ۽ ٻولي ٻڻ منهنجي ۽ اَوهان جي ساڳي رهي آهي. ٻنهي جو اِشٽديو ساڳيو آهي درياهه شاهه، جنهن کي اَوهان جهوليلعل ٿا چئو. حقيقت ۾ اَسان ۾ ڪوبه فرق نه آهي. ورهاڱي وقت سنڌين کي پنهنجو ئي سمجهي هتان جي مهاراجا ڳانڌيجيءَ جي چوڻ تي ڀائي پرتاپ کي سنڌين کي وري ورسائڻ لاءِ تمام وڏي شاهي زمين مفت ۾ ڏني ۽ اَڄ ڪنڊلا بندر ڪراچيءَ جون سڪون لاهي رهيو آهي. ڳانڌيڌام تي مهاتما ڳانڌيءَ ۽ سنت ليلاشاهه جي آسيس آهي.“

هن سميلن لاءِ سنڌين جي روحاني رهبر دادا جشن واسواڻي اُتساهه ڏيندڙ سنديش موڪليو جنهن ۾ چيل هو، ”هڪ هڪ سنڌيءَ کي مظبوط ڪرڻو پوندو. منهنجي وينتي آهي ته هو سنڌيت قائم رکي. جيڪڏهن پاڻ کي قائم رکڻو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي پاڙ کي مظبوط ڪرڻو پوندو نه ته ته اُها ختم ٿي ويندي. جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي شيوا ڪري رهيا آهن تن جي چرنن ۾ مان سر جُهڪايان ٿو. “

ٻيا سنديش راشٽرپتي، اُپراشٽرپتي، پارليامينٽ جي اِسپيڪر بلرام جهاکر، مهاراشٽر جي مکيه منتري شري چوهاڻ، مهاراشٽر ۽ ڳُجرات جي گورنر- راجستان آسيمبليءَ جي نائب اِسپيڪر شري ڪشن موٽواڻي، شري سيتل هرچنداڻي، (مهاراشٽر آسيمبلي ميمبر) وٽان آيل هئا.

شري گوبند مالهي، سڀا جي صدر پنهنجي تقرير ۾ چيو ته،

”سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي، اَلڳ اَلڳ راڄين ۾ سنڌي اَڪاڊمين جي برپا ٿيڻ ۽ آڪاشواڻيءَ جي جدا جدا ڪيندرن تان سنڌي پروگرام جاري ٿيڻ ۾ سڀا جو اهم ۽ ڪامياب رول رهيو آهي. آسان کي پنهنجي ڀونءِ نہ هئڻ ڪري سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي اوسر تي اَثر ٿي رهيو آهي. گانڌيڌام ڀونءِ جي ڪمي پورو ڪري سگهي ٿو. هاڻي هڪ اِهم ضرورت محسوس ٿي رهي آهي تہ ڀارت سرڪار پاران سنڌيءَ کي خاص ٿورائي واري جاتي (Special Minorty) ڪري تسليم ڪرايو وڃي تہ جيئن آسان جي گُهرن ۽ حقن جي حفاظت ٿي سگهي.

گانڌيڌام ميونسپالٽيءَ جي پرمکہ پڻ ڊيليگيٽن جي آجيان ڪئي ۽ آجيان ڪاميٽيءَ جي چيئرمن شري هري دلگير پڻ سيني جي آجيان ڪئي. آخر ۾ آجيان ڪاميٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري شري ڀڳوان آبيچنداڻيءَ شڪر گذاري ظاهر ڪندي چيو، ”اَڄ جي ٻوليوار پرانتن جي اُگرن نتيجن کي خيال ۾ رکي ۽ آئينده جي سياسي حالت جو تصور ڪري آسان سيني سنڌين کي گانڌيڌام کي هوم-ٽائون بڻائڻ کپي.“

هن موقعي تي سنڌ مان پڻ ۱۳ ڄڻا شامل ٿيا. اِهو پهريون موقعو هو جو سرحد پار جا سنڌي ڀائر پڻ آسان جي سميلن ۾ ڀرو وٺي رهيا هئا. اُنهن مان ٽن ڄڻن سميلن ۾ ڳالهايو، جي هئا قمر ڀٽي، سلمان ڏاهري ۽ تاج جويو. ٽنهي سنڌ جي سنڌين پاران يڪوجودگي ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو.

هن موقعي تي ڪلاڪارن ۽ ساهتڪارن جي ٺهندڙ ڪالونيءَ سنڌي ڳوٺڙو ”ملير“ جو اُدگهاٽن ڪيو ويو. اِفڪو جي اوپن ايئر ٿيئٽر ۾ سميلن جي موقعي تي رواج طور شاندار ڪلچرل پروگرام پڻ ٿيو. سنگيتڪار هئا: سترام روهڙا، ششي آهوجا ۽ ساٿي. ٻہ ايڪانڪي ناٽڪ ’نئون ٽيليفون‘ اَحمدآباد رنگہ ڪرم ٿيئٽر جي ڪلاڪارن جگديش شهدادپوري جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو ويو ۽ ٻيون ناٽڪ

اِسٽيج گروپ (دهلي) ’مڪان خالي آهي‘ موهن واسواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو. اُن کان سواءِ جتن جي سازن ۽ دشينت آهوجا جي گيتن ۽ غزلن خوب رنگ لاتو.

ٻئي ڏينهن شروع ۾ مشاعرو ٿيو جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي شاعرن حصو ورتو، جن ۾ هئا هري دلگير، تاج جويو، قمر ٻڍي، بست دربدر، اَرجن سڪايل، موتي مسڪين، شيام روهڙا، موتيرام پريمچنداڻي، ديوداس ساگر، ڪيمن مولاڻي، ڪمل پياسي، ٽيڪچند مست ۽ ڪانجيلعل قاصد. ڪافي لنبي عرصي بعد سنڌونگر جي ڪلاڪارن پنهنجي بلند آواز سان ٻڌندڙن جو من موهيو ۽ اَروڻا ڪندناڻي پڻ محفل ۾ موج آندي. دهليءَ جي گروپ ’سنڌو آرٽ‘، ڊولڻ راهيءَ جو لکيل مذاقي ناٽڪ ”هيريءَ سنڌي هير“ پيش ڪيو. سنڌو ڪلا سنگم (دهلي) پاران ’بادل سرڪار جو جلوس‘ پيش ڪيو جنهنجو هدايتڪار هو جيون گرسهاڻي.

هن سميلن ۾ جدا جدا بيٺڪن ۾ ڇهہ اَهم ٺهراو پاس ڪيا ويا.

(۱) سنڌين جون تعليمي ۽ ڪلچرل گهُرون. جنهن ۾ مکيہ ڳالهہ سنڌي ڪلچرل يونيورسٽي برپا ڪرڻ جي هُئي ۽ ساهت اَڪادميءَ جي طرز تي سنگيت ناٽڪ اَڪادميءَ کي تسليم ڪرڻ جي گهر ڪئي ويئي.

(۲) سنڌيءَ کي خاص ٿورائيءَ واري (Special Minority) ڪري تسليم ڪرڻ (هن ٺهراو ۾ ۲۰ پئائنٽس هيون)

(۳) گجرات راجيہ جي سنڌين جون گهرون.

(۴) ڪڇ جي واڌاري لاءِ ٺهراوَ (هن ٺهراو جا ٽي حصا هئا)

(۵) سنڌ ۾ هلندڙ سنڌين جي قديمي حقن جي هلچل کي اِخلاقي پٺڀرائي ڏيڻ جوُ ٺهراو.

(٦) ’چيٽي چنڊ‘ کي سنڌين جو ڏينهن ۽ موڪل ڏينهن ڪرڻ تي گجرات سرڪار کي مبارڪن جو ٺهراو.

گانڌيڌام سميلن هر لحاظ کان هڪ اتهاسڪ سميلن ٿي رهندو

ڇو جو هن سميلن سان ”سيا“ پنهنجي ڪاريہ جا ٽيهہ سال پورا ڪري رهي هئي. هن سميلن جو گانڌيڌام ۾ ٿيڻ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ اَنوکي معنيٰ ٿو رکي، جو هن وقت ديش ۾ ڦهليل ٻوليواد ۽ جاتيواد جهڙي خطرناڪ فضا ۾ گانڌيڌام سنڌين لاءِ ڄڻ هڪ روشن منار جو روپ وٺي رهيو آهي. گانڌيڌام ئي هئو جو اَسان سنڌين لاءِ پنهنجي پُوڻ جو آسرو ميسر ڪري سگهيو ٿي، نئين سنڌ جي سرجڻ لاءِ هڪ نئين اُميد جاڳائي سگهيو ٿي. موجودهہ حالتن ۾ گانڌيڌام / آديپور/ پيج ايراضي هئي جا اَسين سنڌي پنهنجي ڪري سگهياسون ٿي. اِن لاءِ ضرورت هئي دور درشٽيءَ جي، دورانديشيءَ جي ۽ ڪجهہ قربانيءَ جي. پوري پڪ آهي تہ سنڌيت جي هلچل ۾ هيءَ سميلن نئون روح، نئون جوش، نئون جولان پريندو ۽ هيءَ نئين راهہ، نئين روشنيءَ جو حد نشان بڻبو.

سال ١٩٨٨ سنڌين جي راڄنيتي حقن جو سال ڪري ملهايو ويو سيا جي سڏ تي ڪيترين ئي سنستائن پرتگيا پتر پريا، نهراو پاس ڪيا ويا ۽ نندا وڏا ميڙ ڪري رايو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. بمبئيءَ ۾ ٻين سنستائن سان گڏ ٿي اِن ڏس ۾ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ Co-ordination ڪاميٽي ٺاهي وئي پر (Ego) جي ٽڪراءُ ڪري اِها ڳالهہ پڻ گهڻو اَڳتي وڌي نہ سگهي.

٨ ميءِ ١٩٨٩ سيا جي اِتهاس ۾ هڪ اَهم ڏينهن هو. اُن ڏينهن سيا جي پرڌان ڪيرت ٻاٻاڻيءَ پارت جي پرڌان منتري شري راجيو گانڌيءَ سان تفصيلوار ملاقات ڪئي ۽ ڪيس سنڌين پاران ڳُهرن جو چٺو ڏنو جنهن ۾ تواريخي حالتن جو ذڪر ڪري گهر ڪئي وئي تہ سنڌين کي خاص مئنارٽي طور ڪري تسليم ڪيو وڃي ۽ سنڌن راڄنيتي حق برقرار ٿيڻ ڪپن اِن ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکي پارليامينٽ ۾ سنڌين لاءِ ڇهہ جايون رکيون (Reserve) ڪيون وڃن ۽ هڪ هڪ جاءِ هر راجيہ آسيمبلي مهاراشٽر، گجرات، راجستان، ايم. پي/ يو. پي ۽ يونين ايراضي دهليءَ ۾ ڪيون وڃن ۽ اِنهن راڄين ۾

جتي جتي راجيہ سيائون آهن اُتي سنڌين جو هڪ هڪ معتبر شخص نامزد ڪرڻ کپي، ۽ پارت جي وڌان ۾ آهڙي درشٽي ڪئي وڃي. اها مُجت حلائي ويئي تہ راجنيتي حقن کان سواءِ سنڌين جي هندستان ۾ ورسجڻ اَڻپورو آهي. سنڌي ورهاڱي بعد سياسي يتيم ٿي ويا آهن ۽ اها حالت پارت جي لوڪشاهي اُصولن کي ناڪاري ٿي جنهن جو جلد جلد حل ٿيڻ کپي. (هن ميمورنڊم جي ڪاپي Appendix ۾ ڏني ويئي آهي.)

سال ۱۹۹۰ ۾ ۱، ۲، ۳ مارچ بمبئيءَ ۾ ناٽون ناٽڪ اُتسو ڪيو ويو. اهو اُتسو بمبئي جي مشهور پاٽڪر هال ۾ ڪيو ويو. هي ناٽڪ اُتسو سنڌيءَ ۾ ننڍي ناٽڪ ۾ اَهم يوگدان ڪرڻ واري پروفيسر ايم. يو ملڪاڻيءَ جي يادگيريءَ ۾ ڪيو ويو.

۱۹۹۱ ۾ سڀا جو اَرڙهون سميلن اِندور ۾ وڏي پيماني ۽ شان سان ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي مهاتما گانڌيءَ ۽ ونوبا ڀاوي سان گڏ ڪم ڪيل ۽ هن وقت بہار ۾ غريبن، هارين - نارين ۽ اَناٿ ٻالڪن جا آشرم هلائيندڙ ٻال-برهمچاري سنڌين جي پرم هستيءَ شري دواڪي سندراڻيءَ پنهنجي حاضريءَ سان موقعي جو شان وڌايو ۽ سميلن جو مهورت ڪيو، جنهن ۾ مکيہ مهمان هنديءَ جو مهان ڪوي شري شِومنگل 'سومن' هو.

هن سميلن ۾ سڀا پاران هڪ نئين شروعات ڪئي ويئي. هن موقعي تي سنڌي نوجوان اِسترين جون بينڪون خاص طور ڪيون ويون. هن بينڪ ۾ ناري شڪتيءَ کي سنڌيت جي هلچل سان جوڙڻ بابت ويچارن جي ڏيوڻ ڪئي ويئي. ٻن ڏينهن جي هنن بينڪن ۾ ڪافي ڀينرون حاضر رهيون ۽ خاص بهرو ورتائون. ٻئي ڏينهن شام جو سيپتڪ، پروگرام ٿيا جن ۾ پارت جي جدا جدا شهرن مان آيل ٽولين حصو ورتو. کليل اِجلاس ۾ سنڌي جاتيءَ جي تعليمي، ساهتڪ، سيپتڪ ۽ راجنيتي طلبن جي باري ۾ هڪ تفصيلوار چنو پاس ڪيو ويو جنهن ۾ هن حقيقت تي زور ڏنل هو تہ سنڌي جاتيءَ

سان ايترن سالن جي جدو جهد بعد پڻ پورو اِنصاف نہ ٿيو آهي ۽ ڪين برابريءَ وارا حق ڏيئي هر ڪيتر ۾ سنڌي جاتيءَ سان ماٽيلي ماءُ واري ورتاءُ ڪي بدلائي سندن حق تسليم ڪيا وڃن ۽ ڏنا وڃن.

★ ★ ★

۱۹۹۲ جو چيٽي چنڊ سال سيا طرفان سنڌيت ڏينهن ڪري ملهايو ويو. هن ڪان اڳ هن موقعي تي ساهتڪ انعام ڏنو ويندو هو. هن سال هانگ ڪانگہ جي شري نوتن تولاڻيءَ هر سال سيا پاران چيٽي چنڊ جي جلسي ۾ سنڌي ڪيتر ۾ پاڻ موڪيندڙ ڪلاڪار کي پڻ قدرشناسي طور ڏهن هزارن ڏيڻ جي آڇ ڪئي، جا سندس مهرباني مهيندي قبول ڪئي ويئي (شري نوتن تولاڻيءَ جو ۱۹۹۲ ۾ ڏهن هزارن جو اِهو انعام وڌنڌي ۱۹۹۸ ۾ پنجويهن هزارن تائين پهچي ويو ۽ اَڄ ڏينهن تائين بانيم ڏنو وڃي ٿو) ۽ سندس آڇيل اِهو اِنعام ڪلا ڪيتر ۾ رنگہ منچ تي ڏنل يوگدان جي قدرشناسي ڪندي ايس. پي. مينگهاڻيءَ کي ڏنو ويو ساڳئي وقت شري مورجمل منگهناڻيءَ جو ڏهن هزارن جو اِنعام ساهت ڪيتر ۾ ڏنل يوگدان لاءِ شريمتي تارا ميرچنداڻيءَ کي ڏنو ويو.

اِهي بيئي اِنعام دبئيءَ جي مشهور سنڌي پريمي شري رام بخشاڻيءَ جي هٿان ڏياريا ويا.

شري شوي رامناڻي ۽ شري گرڌاريلعل ڏوڏيجا کي، سنڌي نَنڍي ناٽڪ جي چٽاڀيٽيءَ ۾ پهريون ۽ ٻيون نمبر اَچڻ تي نقد اِنعام ۽ ٽرافيون ڏنيون ويون. اِها رقم سرڳواسي اي. بي. سڳنومل جي سپاتر شري بلونت بنيجا (ڪئنادا) سيا کي موڪلي هئي. سهيوگہ فائونڊيشن طرفان پڻ بہ هزار روڪ ۽ ٽرافي ۽ ناري- گوپي هرداسمل ٽرسٽ طرفان هڪ هزار روپيہ روڪ. شريمتي تارا ميرچنداڻيءَ کي ڏنا ويا. هن موقعي تي پرسڌ ڪلاڪارن شوي رامناڻي، نارائڻ ڪوٽڪ، مڌو شهري، نيها چاولا، ڀڳوان چاولا، هيري چاولا، ڀڳوان ڀاوناڻي، دين ديال چاولا سنگيت سان ۽ ڳُنجن پرياڻي نرتيہ سان موهيو، شري گوبند

مالهيءَ پنهنجو ننڍو ناٽڪ، ”سنڌوءَ جو سؤگنڌ“ پيش ڪيو.

★ ★ ★

١٩٩٣ سال بمبئي واسين لاءِ هولناڪ يادگيرين جو سال آهي. اُن سال ممبئيءَ واسين کي دهشتگردي جو ڪنور ۽ زبردست مقابلو ڪرڻو پيو. ڪيترين ئي جاين تي دهشتگيرن هڪ ئي وقت بمن جا ڌماڪا ڪيا، سوين مري ويا. هزارين زخميا ۽ بي گهر ٿيا. جڻ هڪ زلزلو آيو. ڌماڪن سان زمين ڏڏڻ لڳي. پر بمبئي واسين هن جو جواب بي مثال نڊرتا سان ڏنو. جيئن ڪو هلندي ڪري پوي ۽ اُٿي تُرت ڪپڙا ڇنڊي پنهنجي سپاويڪ چال سان وري اَڳتي وڌڻ شروع ڪري. هن سال جو چيٽي چنڊ جو اُتسو سپا سد- ڀاونا ۽ قومي ايڪتا جو ڏينهن ڪري ملهايو. اُن موقعي تي صوفي ۽ ڀڳتي سنگيت پيش ڪيو ويو جيڪو سترام روهڙا، مڏو شهري، گهنشام واسواڻي ۽ لوڪ سُر جي ڪلاڪارن پيش ڪيو. هن موقعي تي فلمي جڳت جي اَداڪار ۽ آسان جي پنهنجي ئي شري. اي. ڪي. هنگل هٿان ساهت جي کيتر ۾ شيوائن جي قدرشناسي طور شري هري همٿاڻي (اَجمير) کي ڏهن هزار رپين جو اِنعام ڏنو ويو ۽ ڪلا جي کيتر ۾ يوگدان جي قدرشناسي ڪندي، سنڌي لوڪ سنگيت (ڀڳت) کي زور وٺائڻ لاءِ شري ڀڳوان چاولا کي ڏه هزار رپين جو اِنعام ڏنو ويو. سهيوگ فائونڊيشن طرفان ٻه هزار روڪ ۽ ٽرافي پڻ شري همٿاڻيءَ کي ڏني ويئي.

هن سال ١٩٩٣ ۾ ئي نومبر ۾ هڪ نئين روايت قائم ڪندي ٽن ڏينهن لاءِ سنڌي ڀڳت ميلو ۽ سيمينار گونديا شهر ۾ ڪوٺايو ويو. گونديا مهاراشٽر ۾ هڪ ننڍو شهر آهي جتي پڻ سنڌي بستي آهي ۽ اُتي جا سنڌي ڪافي آسودا ۽ هلنديءَ وارا آهن. هن ميلي جو محورت مڌيه پرديش سرڪار ۾ سنڌي وزير شري ليلارام ڀوڄواڻيءَ ڪيو. مهاراشٽرا اَپر هائوس جو ميمبر شري رام تولاڻي پڻ حاضر هو. ڪُل اَٺن مشهور ڀڳتن حصو ورتو. (هيءُ سڄو پروگرام شري جيرام روپاڻي رڪارڊ ڪرايو ۽ پوءِ ”نچ ناچوڙا“ نالي هڪ ويڊيو ڪئسيٽ

ڪڍي رليز ڪئي) ڀڳت ڪلا تي سيمينار پڻ ٿيو جنهن ۾ راڌا ڪرشن لعلواڻي، جمنون ڇڳاڻي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ۽ مدن جُماڻيءَ عالماڻا پيپر پڙهيا جن تي بحث ٿيو جنهن ۾ حاضر اديبن ۽ ڀڳتن حصو ورتو. هن جلسي جي صدارت شري گوبند مالهيءَ ڪئي.

سنڌين جي هلچل جو مکيه بنياد اِهو آهي ته هندستان جو ورهاڱو سياسي ورهاڱو آهي. اُهو ٻولي ڪلچر ۽ ماڻهُن جو ورهاڱو نه آهي. اِهو دلين جو ورهاڱو به نه آهي ۽ اَسان جي ساهت جا سرمور ساڳيا آهن. شاهه، سچل ۽ سامي ۽ ٻيا ڪيترا صوفي فقير اَسان سڀني سنڌين جو هِن پار يا هُن پار هڪ گڏيل ورثو آهي. هن جذبي جي ترجماني سنڌ جيِ برک شاعر هن گرجنا سان ڪئي،

”سنڌ کي ڪونه ڇڏائي سگهي ڪو سنڌين کان- سنڌ هتي هُتي“.

۽ شيخ اَياز ڀارت پاڪ جنگ وقت ڪويتا لکي :

’هي سنگرام، سامهون آهي نارائڻ شيام،

هن تي بندوق ڪيئن ڪڻان،

هُن کي گولي ڪيئن هڻان ۽ ڪيئن هڻان‘.

شخصي طور ۽ ٻين پليٽفارمن تي آسان سنڌ اَندر ٿيندڙ سنڌين تي ظلم خلاف آواز اُٿاريو پيئي آهي. پر سال ١٩٩٣ ۾ جيئن مهاجرن جي دهشت- گرديءَ جو سنڌي بي هٿيار عوام شڪار ٿيو آسان سڀا پاران دهليءَ ۾ هن ظلم خلاف ۽ سنڌ جي سنڌين کي اِخلاقي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ پاڪستان هاءِ ڪميشن سامهون مظاهرا ڪيا. مظاهري ۾ اَٽڪل ٻه سو سنڌي شامل ٿيا. صرف ڇهن ڄڻن جي سفارت کي پاڪستان جي هاءِ ڪمشنر وٽ اَعتراض نامو پيش ڪرڻ لاءِ پوليس اِجازت ڏني. اُن سفارت جي اَڳواني شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪئي. هن مظاهري کي آرگنائيز ڪرڻ ۾ دهليءَ جي ساٿين موهن واسواڻي، سترام سامتاڻي، هري ميراڻي، گورڌنداس پريمي، جيون گُرسهاڻي، ڦشپا ڀاوناڻي ۽ ٻين ساٿين ڪافي جفاڪشي ڪئي. سرڪار سان پڻ لک-پڙهه هلندي رهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي سنڌي ڪلاڪارن ۽

ساهتڪارن جي وفد سان ڀارت سرڪار جي تعليمي وزير ۽ خبرچار کاتي جي وزير سان ڳڏيو.

سال ١٩٩٣ ۾ ئي مرڪزي گهرو وزير شري چوهاڻ سان ڳڏجي نوٽن تي سنڌي اکرن ۾ لکڻ، ڇپائي چند قومي سطح تي موکل جو ڏينهن ڪرڻ ۽ پرچاوادي ڏينهن تي سنڌي جهانڪي پيش ڪرڻ جون طلبون رکيون ويئون.

هن سال (١٩٩٣) اسان جا متر موهن ڪلپنا، اِندر پوچواڻي ۽ ڪشن لعل ٻڇاج اڳم ديش ڏانهن روانا ٿيا تن لاءِ سڀا شرڌانجلي ميڙ ڪوٺايا.

اُٺويهون اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن ٻڙودا (گجرات) ۾ ٢٤، ٢٥، ۽ ٢٦ ڊسمبر ١٩٩٣ ۾ ٿيو. گُجرات سرڪار جي منتري شري موهن سنگهه راٺور مهورت ڪيو ۽ ايم. ايس. يونيورسٽي ٻڙودا جو وائيس چانسلر شري سُريش دلال مکيه مهمان هو. هن سميلن ۾ اکل چار سؤ ڊيليگيٽ شامل ٿيا. هيءُ سميلن ٻڙودا جيءَ سنڌو ساهت سڀا جي سات ۽ سهڪار سان ڪيو ويو. هن سميلن لاءِ لوڪ سڀا جي اِسپيڪر شوراج پاٽل، اٽل بهاري باجپاءِ (لوڪ سڀا ۾ مخالفت جي ليڊر) ايل. ڪي. اڏواڻي (صدر بي. جي. پي) گُلابداس بروڪر (گُجراتي ليکڪ) اي. ڪي هنگل (فلم ڪلاڪار ۽ سڀا جو همدرد) شري رام بخشاڻي (ڊبئيءَ جو اُديوڳپتي ۽ سنڌيت جو شيدائي) ۽ ڀوپٽي هيراننداڻيءَ شڀ ڪامنائون موڪليون هيون. هن موقعي تي پرڏيهه ۾ وسيل سنڌي اِسترين ۽ نوجوانن لاءِ الڳ الڳ بيٺڪن جو بندوبست ڪيل هو، جيئن ساڻن پيهي سندن خيالن جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪري سگهجي.

شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ صدارتيءَ تقرير ۾ چيو، ”پهلو جنهن ڏانهن سنڌين جو هينئر تکو ڌيان وڃڻ کپي سو آهي سنڌين جي راڄنيتي اڏڪارن جو سوال. وطن وڃائڻ کان پوءِ سنڌي ڪنهن هڪ هنڌ ٿانئيڪا ڪونه ٿيا ۽ ٽڙي پکڙي وڃڻ جي ڪري هو ڪنهن به

پرانت جي ڪنهن ٻه حصي مان ڀارت جي لوڪوادي آدارن ۾ پهچي نٿا سگهن جو سنڌين جي ڏکن سورن يا مسئلن ۽ معاملن بابت پارليامينٽ ۽ پراديشڪ اسيمبلين ۾ آواز اُٿاري سگهن. اُنڪري اِها اَڄ هڪ ڪڙي حقيقت آهي ته سنڌي ڪٿي به دانهين ٿي نٿا سگهن ۽ اَچوکي ٻوليوار، فرقيوار ۽ جاتيواد جي وايو منڊل ۾ سنڌين جي ڪوڪ ڪٿي به ٻڌڻ ۾ نه ٿي اَچي. جاتيءَ کي گنڀيرتا سان هن سوال تي سوچڻو آهي. ٻي ڳالهه جا هن موقعي تي چوڻ چاهيندس اُها آهي اَسان جي ڪلچرل سڃاڻپ بابت جيڪا ڪنهن به جاتيءَ جي سچي پونجي آهي. اَسان سنڌين کي ته دنيا جي اَعليٰ سنسڪرتي ورثي ۾ ملي آهي.''

هن سميلن لاءِ ڊاڪٽر ستيش روهڙا، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي موهن گيهاڻي، پشپا مالهي ۽ شري گوبند مالهيءَ، اَلڳ اَلڳ بيٺڪن جي صدارت ڪئي. شري چندرو پنجابي نوجوان بيٺڪ ۾ مُکيه مهمان طور شرڪت ڪئي. شري گنو سامتاڻي، ڪوشي لعلواڻي، هيملتا ٻجاج ۽ وشو ڀيلاڻي ٻئنڪن جي ڪارروائي هلائي. دستور موجب هن سميلن ۾ پڻ هر روز رات جو ڪلچرل پروگرام ٿيو. بمبئي، دهلي، اَحمدآباد، جئپور، آديپور، ڀوپال، ڊبئي، پونا ۽ آديپور جي ڪلاڪارن حصو ورتو.

★ ★ ★

١٠- ١١ سيپٽمبر ١٩٩٤ جئپور ۾ ڏهون اَکل ڀارت سنڌي ليکڪ سيمينار ٿيو ۽ سنڌيءَ جي ڏهن برک اَديبن جو سنمان ڪيو ويو. اِهو اُتسو/ سيمينار جئپور جي چيٽي چنڊ مهوتسو سمتي ۽ جئپور جي اَٽڪ ساٿين سندر اَڳناڻيءَ، لڇمڻ ڀنڀاڻيءَ، ڊي.ٽي. نرياڻيءَ، چندرڪُمار ورياڻيءَ، رام موورياڻي ۽ رام مهرچنداڻيءَ جي سهڪار سان ٿيو.

مهورت جي رسم راجستان يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر. اين. آر. سنگهه ڪئي جنهن پنهنجي تقرير ۾ چيو،

”منهنجا سنڌين سان پراڻا ناتا آهن. سنڌي ساهتڪارن کي شاباس ڏجي جن ساهت رچنا کي نہ ڇڏيو آهي. اوهان کي اهو ٻڌائيندي خوشي ٿو محسوس ڪريان تہ ايندڙ سال کان راجستان يونيورسٽيءَ سنڌي پاڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي“ خاص مهمان شري ڪشن موٽواڻي (ايم. ايل. اي. راجستان) چيو، ”ڏک اِن ڳالھ جو آهي جو سنڌي ماڌيم ۾ پڙهائي گهٽجي رهي آهي.“

ڄيپور مان نڪرندڙ مشهور هندي روزاني ’راجستان پترڪا‘ جي عالم سمپادڪ شري ڪپورچند ڪلش، پُر-اثر تقرير ۾ چيو ”صحيح معنيٰ ۾ آسان جي ديش کي سڀاڻپ سنڌ ڏني آهي. سنڌي اديب اِئين ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪن تہ سنڌي ٻولي ختم ٿي رهي آهي. اگر ڪا مانائي آهي تہ اُنجو اُپاءُ ڪجي. اِهو سوچي ڪم ڪريو تہ آسان جي ڀاشا ۾ ڪا ڪمي ڪانهي.“

هن موقعي تي سنڌي ٻولي جي بزرگ اديبن جو سنمان پڻ ڪيو ويو. جن اديبن جو سنمان ڪيو ويو اُهي هئا، هوندراج ’دکايل‘، هري دلگير، پربهو وفا، گوبند پنجابي، پوپٽي هيراننداڻي، ڄڳت آڏواڻي، چيتانند لعلواڻي، ليلارام رُچنداڻي، ڪشنچند جيٽلي، موتيرام راماڻي ۽ گنگارام سمرات. هنن معزز شخصيتن جو سنمان وائيس چانسلر ڊاڪٽر سنگھ ۽ شري ڪپورچند ڪلش هٿان ڪرايو ويو. ڪين سڀا طرفان-مان پتر- ٽرافي سنڌي ٽوپي، دُشالو ۽ يارهن سوَ رپيا روڪ ڏنا ويا. هن سيمينار ۾ اٽڪل سوا سوَ ليکڪن ۽ دانشورن حصو ورتو. اِئين پئي لڳو اِهو هڪ مني سميلن هو. هن سيمينار جا ٻہ وشيہ هئا. (۱) گذريل چاليہ سالن جي سنڌي هلچل (۲) سنڌين ۾ نئين جاڳرتا ۽ اُن ۾ سنڌي ساهتڪار ۽ ڪلاڪار جو رول. پهرين وشيہ جي بيٺڪ جي صدارت شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪئي ۽ پيپر پڙهيا، گوبند مالهي، ڪرشن راهي ۽ موهن گيهاڻي. ٻئين بيٺڪ جي صدارت شري سندر اگناڻيءَ ڪئي ۽ پيپر شري ڪرشن کتواڻيءَ ۽ لڇمڻ ڪومل پڙهيا. ٻنهي پيپرن ۾ تفصيلي ۽ گهرائيءَ سان بحث ٿيو

جنھن ۾ سيني چاتل سُڃاتل مفڪرن ۽ ليکڪن حصو ورتو.

هن سيمينار جي مکيہ حاصلات اِها هئي تہ هن وقت تائين سيا جي ڪاروائين ۾ صرف سنڌي (عربي) لپيءَ جا حمايتي بھرو وٺي سگھندا هئا پر هن سيمينار وقت سيا جي بانيڪارن پاڻ ۾ ئي پيھي اِهو فيصلو ڪيو تہ وقت لپيءَ جي سوال کي بي سود ٺهرائي ڇڏيو آهي. اِهو اُن حقيت مان ظاهر آهي تہ جيڪي ديوناگريءَ جا حمايتي ليکڪ آهن سي خود سنڌي (عربي) لپيءَ ۾ ئي لکي رهيا آهن. ديوناگري non-issue آهي ۽ مُئل گھوڙي کي ڇھبوڪ هڻڻ جي (To flog the dead horse) ضرورت نہ آهي. سنڌي ليکڪ برادريءَ جي ايڪتا سلامت رهي تنھنڪري هن سيمينار تي ديوناگري لپيءَ جي حمايتي ليکڪن کي پڻ سنمانت ڪيو ويو ۽ کين نيند ڏيئي گھرايو ويو. اِئين سنڌي لپي ۽ ديوناگري لپيءَ جو سنڌو سنڌي ليکڪ ۽ مفڪر برادريءَ ۾ ختم ڪيو ويو.

هنَ سيمينار وقت شام جو مشاعرو ۽ سيتڪ پروگرامَ پڻ رکيو ويو جتي مدن جماڻيءَ پاران سندس لکيل ناٽڪ ”جانورن جي بستي“ ۽ سنگيت پروگرام پيش ڪيو ويو هن پروگرام ۾ ڪوشي لعلواڻي خاص دبئيءَ مان اَچي سنگيت پروگرام پيش ڪيو ۽ ٻيا گائڪ ڪلاڪار هئا شيلا منگناڻي ۽ وشوجيت. سيتڪ پروگرام تي مُکيہ مھمان هو شري ڪومل ڪوٺاري (جنھن کي جوڌپور ۾ لوڪ سازن جو ميوزم ۽ لوڪ سنگيت جي بي مثال لائبرري آهي) هن چيو، ”مون وٽ سنڌي لوڪ گيتن ۽ سنگيت جو اَڪيچار خزانو آهي. جيڪو ويھن سالن کان گڏ ڪندو رهيو آهيان. سنڌي سنگيتڪارن کي ڪوٺ آهي تہ اَچي پنھنجي عاليٰ ورثي جي کوج ڪن ۽ سنڀال وٺن.“

هن موقعي تي راجستان جي گورنر شري بليرام ڀڳت پاران سيني سنڌي ليکڪن کي چانھن تي گھرايو ويو ۽ راجستان سنڌي اَڪاڊميءَ طرفان پڻ سيني آيل مھمانن جو ستڪار ڪيو ويو. هن سيمينار جا سڀ پيپر ڪونج اَخبار جي جنوري ١٩٩٥ جي پرچي

۾ ڇپيا ويا آهن.

اَڳي اِهو بيان اَچي چڪو آهي تہ سال ۱۹۸۰ ۾ دهليءَ ۾ سنڌو ڪلا سنگم پاران سنڌي ناٽڪ جا سؤ سال ملهايا ويا. پر تحقيق ڪرڻ مان اِها ڳالهہ ظاهر ٿي تہ پهريون ناٽڪ ۱۸۸۰ ۾ لکيو ويو هو پر سنڌي ناٽڪ پهريون دفعو منچ تي ۱۸۹۴، چوڏهن سالن جي وڇوٽي بعد آيو. سيا پاران ۵،۶،۷،۸ مارچ ۱۹۹۵ ناگپور ۾ سنڌي ناٽڪ رنگہ منچ جو شتابدي اُتسو ملهايو ويو هن موقعي تي سنڌي رنگہ منچ جي سرگرم ڪلاڪارن جن کي سنمانت ڪيو ويو اُهي هئا شري گوبند مالهي، ايس. پي. مينگهاڻي، مدن جُماڻي، رميش مهتا، موتي پرڪاش، شيلا ساجناڻي، سندر اگناڻي، واسديو ’نرمل‘، چندر ساوناڻي، سُندر ٻُلاڻي، گوپال پنجواڻي، لڇو گيهي، هري ميراڻي ۽ منجو آسواڻي. شري مهيش ايلڪونچوار، مشهور مرهٽي اِسٽيج ڪلاڪار ۽ مشهور فلم اَداڪار شري اي. ڪي. هنگل پڻ هن اُتسو ۾ شرڪت ڪئي. هن موقعي تي جيڪي ناٽڪ پيش ڪيا ويا اُهي هئا : ’ڪفن‘ ڪلاڪار منڊل- هدايتڪار گوبند مالهي.

مدن جماڻي، ’’آٿيلو‘‘ (ترجمو) هدايتڪار مدن جُماڻي.

سنڌو ڪلا سنگم، ’’دولهہ دريا خان‘‘ هدايتڪار گهنشام آسواڻي.

چيٽي چنڊ مهوتسو سمتي، جئپور، ’’اَگني سنسڪار‘‘. هدايتڪار - سُريش سنڌو.

جيوتي ڪلاستان- جئپور- ’’هيمو ڪالاڻي‘‘- هدايتڪار سُريش سنڌو.

سنڌي ڊراما ورڪشاپ، اَحمدآباد ’’پريم جي سيما‘‘- هدايتڪار پريم پرڪاش - سندر ڪلا سنگم- ناگپور- ’’عُمر مارئي‘‘- هدايتڪار سُندر ٻُلاڻي- ناگپور مان ٿي ’’سنڌڙي‘‘ هدايتڪار- هريش مائيداساڻي.

هن پروگرام جو بندوبست سنڌي ساهت سيا ناگپور پاران ڪيو ويو هو.

۱۹۹۶ آڪل ڀارت سيا پاران ۲۶ مارچ پاٽڪر هال بمبئيءَ ۾ چيٽي چنڊ جو ميلو ملهايو ويو. جتي سنڌي ناٽڪ، سنگيت ۽ لوڪ

نرت جا دلڪش اِسم پيش ڪيا ويا. هن موقعي تي ساليانا اِنعام ڏنا ويا. ڊاڪٽر اَرجن سڪايل کي ساهت جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ ويهہ هزار.

شري مدن جماڻيءَ کي سنڌي ناٽڪ ۽ رنگہ منچ جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ ويهہ هزار.

شري نارائڻداس ڪوڏڪ کي سنڌي شاستريئہ سنگيت ۾ يوگدان لاءِ پنج هزار.

سڀا پاران پنهنجي روايت موجب شري هري موٽواڻيءَ سنڌي جو ساهت اَڪاڊميءَ پاران اِنعام حاصل ڪرڻ تي سنمان ڪيو ويو. موقعي جو مکيہ مهمان شري رام اَمرلعل پنجواڻي (دهلي) هو ۽ شري کيرت ٻاٻاڻي هن اُتسو جي صدارت ڪئي. هن موقعي تي سنڌونگر جي دهلارين ۽ شهناين تي ڇيڄ وڌي ويئي ۽ سنگيت پيش ڪيو لوڪ سر جي ڪلاڪارن ڀڳوان چاولا، مونيشا، ڀڳوان ڀاوناڻي، دين ديال چاولا- ڀارو چاولا، شلپا جئہ سنگهہ ۽ ١٣ سالن جي ٻال ڪلاڪار وپن سيواڻيءَ سنگيت جي مؤج مچائي: هن موقعي تي پشپا مالهيءَ جو ناٽڪ، 'تون مون سان شادي ڪندين؟' پيش ڪيو ويو جنهن جا هدايتڪار هئا- پشپا مالهي ۽ مدن جماڻي.

هن موقعي تي پنڊت پرڪاش ڀارڏواج طرفان ايس. ايس. سي/ ايڇ. ايس. سي/ بي. اي/ ايم. اي/ ايم فل ۽ پي ايڇ. ڊي ۾ سنڌي وشيہ ۾ پهريون نمبر آيل شاگردن کي اَڌائي هزارن کان ساڍن ستن هزارن تائين نقد اِنعام ڏنا ويا ۽ سنمان ڪيو ويو.

١٩٩٧ اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پاران ٢١ جنوري ١٩٩٧ تي بمبئيءَ جي نئشنل ڪاليج ۾ هيمون ڪالاڻي شهادت ڏينهن ملهايو ويو. هيءَ ڪاريہ ڪرم سڀا جي نوجوان ونگہ پاران ڪيو ويو. سڀا جي نوجوان ونگہ جي سيڪريٽريءَ ڪُماري پشپا مالهيءَ اُتسو جي مختصر لفظن ۾ پريچيہ ڏني. هن موقعي تي گوبند مالهي، کيرت ٻاٻاڻي، پرنسيپال جي. بي. درياڻي، وڪيومل شراف ۽ هيمون ڪالاڻيءَ جي ماتا جيني ٻائي حاضر هئا. ماتا جيني ٻائي

جو ڦول مالهائن سان سواڳت ڪيو ويو.

نئشنل ڪاليج جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين پڻ خوب پاڻ ملهايو. پروفيسر نمرتا اَجواڻيءَ جي رهنمائيءَ ۾ هڪ سُٺو ۽ ڪامياب پروگرام پيش ڪيو ويو. سنگيت جو پروگرام پڻ نوجوان ڪلاڪارن شلپا جئسنگهه، لتا ۽ اَنيل ڀڳتياڻي، ڪانتا تنواڻي ۽ سُريش ستيهپال پيش ڪيو- وڪاس واسواڻيءَ نوجوان هلچل تي تقرير پيش ڪئي. شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ نوجوانن کي هندستان جي آزاديءَ جي هلچل ۽ سنڌيت جي هلچل جي اَهميت سمجهائي.

سڀا طرفان ڏهون آکل ڀارت ناٽڪ مها اُتسو ۹،۸،۷ مارچ ۱۹۹۷ اَحمدآباد ۾ ڪيو ويو. سنڌي ساهت منڊل (بمبئي) ۽ سنڌيت جي هلچل جي روح روان پروفيسر منگهارام. يو. ملڪاڻيءَ جي شتابدي/ هڪ صدي جي موقعي تي اِها ڪيس سڀا پاران شرڌانجلي هئي. اُتسو ۾ ڪُل ستن ناٽڪ منڊلين ڀاڱو ورتو. سندر ڪلا سنگم (ناگپور) طرفان ”فنا“ سنڌو ڪلاڪار منڊل (اَحمدآباد) طرفان ”اَرتي“، رنگ ڪرم ٿيئٽر (اَحمدآباد) طرفان ”ملي ويو“ ڀڳونتي ناواڻي اَڪادمي (بمبئي) پاران ’تون مون سان شادي ڪندين؟‘ وڪرم شهاڻيءَ طرفان ’دنيا ديواني‘، سنڌي رنگ منچ (بمبئي) طرفان ’جانورن جي بستي‘ ۽ جيوتي ڪلانشا (ڄئپور) طرفان ’آتنڪ‘ پيش ڪيا ويا. اُتسو جو مهورت ٽي. وي. سيريل ۽ مشهور فلمي سنڌي اَداڪار اَجيت وڇاڻيءَ ڪيو ۽ سنڌي هئڻ تي فخر ظاهر ڪيائين. سڀا جي صدر ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪيس سنڌي ٽوپي پاتي ۽ خاص موڻن جي ڏڙي جي نهرايل ٽرافي ڏيئي سنڌس سنمان ڪيو. سيني ناٽڪ منڊلين کي پروفيسر ملڪاڻيءَ جي ياد ۾ نهرايل خاص ٽرافيون ڏنيون ويون.

هن موقعي تي هڪ مختصر سيمينار پڻ ٿيو جنهن جي وشيه هئي، ’سنڌي ناٽڪ، ڪالهه، اَڄ ۽ سڀاڻي‘. بحث جي شروعات شري مدن جماڻيءَ ڪئي ۽ ڪيترن ئي حاضر ڪلاڪارن اُن بعد بحث ۾ ڀاڱو ورتو. شري چندر ساوناڻيءَ ۽ مدن جُماڻيءَ هن اُتسو جي

ڪاميابيءَ لاءِ خوب پاڻ پتوڙيو.

آکل ڀارت ساهت سڀا پاران ڇيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) ١٨ اپريل ٩٧ تي بمبئي جي نئشنل ڪاليج ۾ ملهايو ويو. سڀا جي هن اُتسو ۾ ساليانا قومي اِنعام پڻ ڏنا ويا:

- پروفيسر ڊي. ڪي. منشاراماڻي کي ساهت کيتر ۾ يوگدان لاءِ ويهه هزار رپيا. (شري مورجمل منگهاڻيءَ (ڊبئي طرفان)
- شريمتي ڪملا ڪيسواڻيءَ کي سنگيت جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ ويهه هزار رپيا. (شري نوتن تولاڻي - هانگ ڪانگ طرفان)
- شري سندر اَگناڻيءَ کي ڏهه هزار سنڌيت کيتر ۾ يوگدان لاءِ. (شري ڀڳوان ڇيناڻي ڊبئي طرفان)
- شريمتي ريٽا شهاڻي کي پنج هزار (هيمرلتا بجاج طرفان).

سهيوگ فائونڊيشن طرفان اَڍائي هزار روپيا ۽ ناري - گوپي عرداسمل ٽرسٽ پاران هڪ مٿين ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن کي اَلڳ ڏنا ويا. ڪُماري ڀڳونتي ناواڻي جي جنم ڏينهن تي شري رام ڇينملاڻيءَ پاران ظاهر ڪيل ڏهن هزارن رپين جا اِنعام پڻ شري چندرو آتما، شلپا جئسنگهه ۽ رميش راڄپال کي ڏنا ويا.

سنگيت جي پروگرام ۾ شري چندرو آتما، شلپا جئسنگهه، رميش راڄپال ۽ نانڪ چاولا حصو ورتو ۽ خوب موج مچائي. هن موقعي جو مکيه مهمان هو شري رام ڇينملاڻي، جنهن جو سڀا جي صدر ڪيرت باباڻيءَ سواگت ڪيو.

١٩٩٧ ۾ ورهاڱي جا پنجاهه سال ٿيا. هندستان جنهن وقت آزاديءَ جي پنجاهه سالن جو جشن ملهائي رهيو هو اُن وقت سنڌين کي آزاديءَ جي اڌ صدي ملهائڻ جي خوشيءَ سان گڏ دل جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ پنهنجي وطن وڃائڻ جو ڏک پڻ موجود هو. سنڌي جاتيءَ کي اِن سال هڪ واريءَ وري پنهنجي جاتيءَ جي حالت تي گنڀير نموني جهاتي پائڻ لاءِ مجبور ڪيو. ڪُجهه اَهڙا ئي اَحساس ڪٺي

ويهين اکل ڀارت سنڌي سميلن جي شروعات ۴-۵ آڪٽوبر (۱۹۹۷) جئپور- ڀارت جي گُلابي شهر ۾ ٿي. نهرو سهڪار ايئر ڪنديشنڊ هال ۾ راجستان جي مکيه وزير شري ڀئرون سنگهه شيخاوت هن سميلن جو مهورت ڪيو ۽ ڀنهنجي پارٽيءَ (BJP) جي سنڌيءَ جاتيءَ سان همدردي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان ۾ جاءِ ڏيارڻ جي رول جو ذڪر ڪيو - سڀا جي صدر جڏهن هجت اُتاري ته هندستان جي پارليامينٽ ۾ سنڌي جاتيءَ جو ڪو به عيوضي ڪونهي ته هن خاطري ڏياري ته، جيڪڏهن سڀا آهڙي ڳُهر اَنگن اَکرن سميت تيار ڪري ڀارت جي راشٽرپتيءَ وٽ هلندا ته مان اُن وفد جي اَڳواڻي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مُکيه منتريءَ جي اهڙي وشواس ڏيارڻ تي بروقت جسٽس اِندرسين ايسراڻيءَ آهڙو نعراو تيار ڪيو ۽ شري لڇمڻ ڪيسواڻيءَ ٽيڪو ڏنو ۽ اِهو نعراءُ يڪراءِ بحال ڪيو ويو. هن سميلن تي شري بانو ڪُمار شاستري (اَڳيون. ايم. پي) اِندرسين ايسراڻي (رٽائرڊ جج) ۽ شري سُريش ڪيسواڻي. (ايم.پي) سميلن جي ڊيليگيٽن کي مخاطب ٿيندي سنڌين جي ڪمزور راجنيتي حالتن جو ذڪر ڪيو.

هن موقعي تي گيتا ڀون جي هال تي ”گنو ساماڻي هال“ نالو ڏيئي هڪ شاندار نمائش ڪئي ويئي ’سنڌو درشن‘ جنهنجو مهورت ’اسين سنڌي‘ (انگريزي ماهوار جي سمپادڪ شري جيرام روپاڻيءَ ڪيو. صدارت ڊاڪٽر چندن سترواڻيءَ ڪئي ۽ مکيه مهمان هو شري ايشور آڏواڻي. نمائش ۾ سڀا جي چاليهن سالن جي هلچل جون جهلڪون هيون. منجهند جو اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ۽ مرڪزي ساهت اَڪادميءَ جي گڏيل سايعي هيٺ گوبند مالهيءَ لاءِ ليکڪ سان ملو (Meet the Author) ٻن ڪلاڪن جو پروگرام ٿيو، ۽ اُن کانپوءِ سميلن جي پهرين بيٺڪ شروع ٿي جنهنجو وشيه هو، ”سرڪاري ادارا، اُنهن جو جائزو، حاصلاتون ۽ ڪميون پيشيون“ هن جي صدارت شري ڪئي. ايل ملڪاڻي (ايم. پي) ڪئي. شام جو

آجيان ڪاميٽيءَ جي صدر جي بنگلي تي رات جي ماني ۽ مشاعرو ٿيو. ٻئي ڏينهن صبوح جو شهيد هيمو ڪالاڻيءَ جي پتلي (راجا پارڪ) ۾ شرڌانجليءَ جو پروگرام رکيو ويو جنهن کانپوءِ سميلن جي ٻئين بيٺڪ شروع ٿي جنهنجو وشيہ هو، 'سنڌين جي الڳ سڃاڻپ جو مسئلو'، بحث جي شروعات ڊبئيءَ مان آيل ساهتڪار شري موهن گيهاڻيءَ ڪئي. بحث ۾ اٽڪل ١٦ ساهتڪارن حصو ورتو. شام جو شاندار هال ۾ سيبيتڪ پروگرام ٿيو. هن موقعي تي گُلن جي هڪ وڏي مالها ٺاهي سيني حاضريين مٿان ڪٽي حاضرينن جو سواگت ڪيو ويو. آخر ۾ اَنيلا سندر جو 'سنڌ منهنجي اَمان' دل ڇڄائيندڙ بئلي پيش ڪيو ويو جنهن سيني کي منتر مگڌ ڪري ڇڏيو. هيءُ دلڪش پروگرام سميلن جي ختم ٿيڻ، Finale جو هڪ تمام سُٺو نمونو هو. اَهڙو شاندار سميلن شري سندر اَگناڻي ۽ سندس ساٿين جي سخت محنت جو نتيجو هو.

هيءُ سميلن اَکل ڀارت سڀا لاءِ هڪ نئون موڙ ڪٽي آيو. ڪيترن وقت کان سڀا جي سرگرم دوستن کي اِهو اَحساس ٿيو تہ بدلجندڙ وقت سان سڀا جي ڪاروبار جي طور طريقي ۽ سڀا جي جوڙجڪ ۾ پڻ دُرستين جي ضرورت آهي. اُنلاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. جنهن کي ٿن مهنن اَندر دُرستيون پيش ڪرڻ جي هدايت ڪيل هئي.

مکيہ ڳالهہ اِها ٿي تہ شري ڪيرت ٻاٻاڻي، جو سڀا جو صدر هو، تنهنجي خواهش کي مان ڏيئي کيس صدر جو پد ڇڏڻ ۽ سندر اَگناڻيءَ کي سڀا جو نئون صدر يڪراءِ چونڊڻ. شري سندر اَگناڻيءَ کي اَختياري ڏني ويئي تہ هو وڌ ۾ وڌ ٣٥ ڄڻن جي ڪاميٽي چونڊي. هن ٢٠ ڄڻن جي ڪاميٽي ميمبرن جا نالا ڪلچرل پروگرام هلندي ظاهر ڪيا ۽ باقي نالا صلاح مصلحت کان پوءِ ڪرڻ جي پڌرائي ڪئي.

سندر اَگناڻيءَ جي صدارت هيٺ پهريون ڪاميٽيءَ جو ميڙ ١٠ جنوري ١٩٩٨ تي بمبئيءَ ۾ ٿيو جنهن ۾ سڀا جي جوڙجڪ ۾

درستيون ڪيون ويون. سڀا جو جهنڊو مقرر ڪيو ويو. سڀا جي ريجسٽرڊ آفيس بمبئيءَ ۾ ۽ ڪاروباري آفيس جئپور ۾ اِسٽاپت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سڀا جي ڪاريه کي رٿائتو ۽ اَٿرائتو ڪرڻ لاءِ هيٺيان وڀاڳ ٺاهيا ويا.

(الف) ساهتڪ وڀاڳ (ب) سيڪ وڀاڳ (ٻ) تعليمي وڀاڳ (پ) اِستري وڀاڳ (ڀ) نوجوان وڀاڳ (ت) پرڏيهي وڀاڳ. اِهي وڀاڳ سڀا جي زير سايي پنهنجا پروگرام پنهنجي ليکي ڪندا ۽ آهڙن پروگرامن جي رٿا ٺاهي مرڪزي آفيس کي ڏيندا. سندن رٿون منظور ٿيڻ تي سڀا ڪين خرچ جو 25 سيڪڙو ڏيندي. سڀا جا عهديدار هيٺيان ٿيندا. هڪ پريزيڊنٽ ٻه وائيس پريزيڊنٽ، ڇهن وڀاڳن مان هرهڪ جو چئرمن ٿيندو (جنهن جو درجو پڻ وائيس پريزيڊنٽ جهڙو ٿيندو) هڪ جنرل سيڪريٽري، ٻه سيڪريٽري ۽ هڪ خزانچي. جنهن شهر ۾ پرڌان جي رهائش هوندي، جنرل سيڪريٽري، هڪ سيڪريٽري ۽ خزانچي اُن شهر جا هوندا.

اِهي ۽ ٻيون ڪي دُرستيون سُڪاني ڪاميٽي، جوڙجڪ جي موزون جاءِ تي ڪري بحال ڪندي. سڀا جي جدا جدا ڪاميٽين ۾ اَلڳ اَلڳ عهديدارن ۽ ميمبرن جون چونڊون پڻ ڪيون ويون. بمبئي جي آفيس جو حساب ڪتاب نئين صدر کي ڏنو ويو ۽ پئسو وغيره نئين جئپور آفيس ڏانهن ٽرانسفر ڪيو ويو.

★ ★ ★

۱۹۹۸ مارچ جي پهرين هفتي ۾ سڀا جو موجوده صدر سندر اَگناڻي ۽ اَڳيون صدر شري ڪيرت ٻاٻاڻي هندستان جي اَلڳ اَلڳ سنڌي بستين ۽ مرڪزن ڏانهن دوري لاءِ نڪتا. ۴،۳ مارچ پوني ۾ ’ويسٽرن ريجنل ٻاشا مرڪز‘ طرفان ’سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس‘ وشيه تي قومي سيمنار سڏايو ويو هو. سيمينار جون بيٺڪون ميرا ڪاليج فار گرلس ۾ رکيل هيون، جتي اٺ ڏهه پيپر پڙهيا ويا. تنهن کانپوءِ بمبئيءَ مان ۵ تاريخ حيدرآباد (دکن) ۽ سڪندرآباد جي ٻني

(Twin) شهر ڏانهن روانا ٿيا. اُتي سندر اَگناڻيءَ جي ڏيءَ رهندي آهي، جنهنجي بزرگ سهري شري لکميچند پنهنجي خرچ تي پترا ڇپائي اَڳواٽ پرچار ڪري ڇڏيو هو. اُتي ساڌو واسواڻي مشن وارن سان مڪاميلو ٿين جيڪي اُتي سنڌي سيکارڻ جا ڪلاس هلائيندا آهن. اُتي شري سنڌي ستسنگهه دربار اَئسوسيئيشن ۽ شري سنڌي گرو سنگت سڀا اَئسوسئيشن طرفان، سنڌو ڀون ۽ راما هال ۾ ٻہ اَهم بيٺڪون ٿيون. سڀا جي صدر شري سندر اگناڻيءَ، شريمتي سُيدرا آنند جي ڪتاب، جنهن تي ڪيس ڊاڪٽوريٽ مليل آهي، تنهنجو مهورت ڪيو. اُن ڪتاب ۾ هڪ سوال نامو هو جنهن ۾ اَهم ۽ اَڄ جي تصوير ظاهر ڪندڙ سوال پڇيل هئا ۽ اُن سوال نامي جي آڌار تي هن اُتي سروي ڪئي هئي جنهن جو نتيجو دل کي ٺيس پهچائيندڙ هو ۽ ترت اُپاءُ وٺڻ جو گهرو اَحساس پيدا ڪندڙ هو. سوال هئا :-

١) اَوهان کي هتان جي مڪاني ماڻهن ۽ وڏن ماڻهن مان ناراضگيءَ جو اَحساس محسوس ٿئي ٿو؟

(٧١ سيڪڙو ها ۽ ٢٩ سيڪڙو نہ)

٢) اَوهان کي هتان جي ماڻهن مان ڀيدي ورتاءُ جو اَحساس ٿي رهيو آهي؟ (٦٣ سيڪڙو ها ۽ ٣٧ سيڪڙو نہ)

٣) اَوهان علاقائي ڀيد ڀاو محسوس ڪريو ٿا؟ (٥٧ سيڪڙو ها ٤٣ نہ)

٤) اَسان وٽ ڪارائتا يا اَثرائتا اَڳوان آهن؟

(٩٧ سيڪڙو نہ ۽ ٣ سيڪڙو ها)

٥) اَوهان کي لڳي ٿو تہ اَسان جا اَڳوان علاقائي اَڳوانن سان ملي ڀڳت ڪري پاڻ کي ميان مٺو سڏائي شخصي مطلب پورا ڪري رهيا آهن؟ (٩٧ سيڪڙو ها، ٣ سيڪڙو نہ)

٦) سنڌي اَڳوانن وٽ سنڌي جاتيءَ جي آئيندي لاءِ ڪا يوجنا آهي؟

(٣ سيڪڙو ها، ٩٧ سيڪڙو نہ)

سنڌي ٻولي ڏانهن رُخ بابت سوالن جا جواب هن ريت مليا.

١) اَوهان سنڌي ٻاشا ۾ ڳالهائيندا آهيو؟

(٣ سيڪڙو ها ٩٧ سيڪڙو نہ)

٢) سنڌي دوست هڪ ٻئي ۾ سنڌي ڳالهائيندا آهن؟

(١٣ سيڪڙو ها، ٨٢ سيڪڙو نہ، باقي سيڪڙو ڳڏيل سڏيل)

٣) اَوهان کي سنڌي دوستن جو سنگہ آهي؟

(١٨ سيڪڙو ها، ٨٢ سيڪڙو نہ)

٤) پنهنجا ٻار سنڌي سڪولن ۾ موڪليندا آهيو؟

(٨٨ سيڪڙو نہ، ١٢ سيڪڙو ها)

٥) سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري اَپنائڻ گهرجي.

(٤٧ سيڪڙو ها ٥٣ سيڪڙو نہ)

٦) سنڌين جي سڃاڻپ کي ڌپ آهي

(٧٣ سيڪڙو ها ٢٧ سيڪڙو نہ)

٧) اَوهان کي سنڌي هئڻ ۾ فخر آهي.

(١٠٠ سيڪڙو ها ٠ سيڪڙو نہ)

اُن بعد سڀا صدر سنڌي ٻولي، سنڌي سنسڪرتي سان لڳاو پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ سنڌين جي پنهنجي اَلڳہ هستي ۽ سڃاڻپ قائم ڪرڻ لاءِ هڪ رٿا تي زور ڏنو.

اَحمدآباد جي پرسان ڳانڌينگر ۾ ’اَڪشرڌامہ‘ مندر ۾ سيني جديد ماڌيمن جي مدد سان سوامي نارائڻ جي زندگيءَ کي طلسمي نموني درشايو ويو آهي. اُن طرز تي ’سنڌيت ڌامہ‘ برپا ڪيو وڃي جنهن ۾ سنڌ جي هزارن سالن جي سڀيتا، سنڌين جي نائڪن (Heros) بهادرن، سورمن، شاعرن، ڳايڪن ۽ هندستان ۾ اَچڻ بعد سنڌي جاتيءَ جي لاثاني ترقيءَ ۽ جدوجهد جو درشن ڪرائجي. اهو ’سنڌي ڌامہ‘ پيدا ڪري اَسان پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ بي بها

ورثو ڇڏي وينداسين.“

کيرت باٻاڻي ورهاڱي بعد سنڌين جي دکدائڪ حالتن ۽ ساڳئي وقت بي نظير ترقي ۽ آتم وشواس جو بيان ڪيو ۽ سنڌي ليڊرن جي غلط نصيحتن تہ ”اوهان مڪاني ماڻهن سان جذب ٿي وڃو“ کي ٺڪرائي سنڌي ليکڪن ۽ ڪلاڪارن ۽ تعليم دانن ڪيئن سنڌين ۽ سنڌي جاتيءَ جي هستي قائم رکڻ ۾ پنهنجي جواني قربان ڪري ڇڏي اُنجو بيان ڪيو. هاڻي وري پنهنجي ئي ٻي رُخي ڪري جاتي وري سنڪٽ ۾ آهي جنهن مان جاتيءَ کي ڪڍڻ ۽ هن چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ جوڳا اُپاءَ وٺڻ لاءِ نوجوانن ۽ اِسترين کي اَڳتي اَچڻ جو سڏ ڏنو.

حيدرآباد (دکن) بعد هو ناگپور پهتا جتي سندن سرگرمين جو بندوبست سڀا جي جهوني جوڳيءَ شري ايسر ڪلياڻيءَ ڪيو هو. سنڌي ساهت سڀا پاران ميڙ سنڌي گرلس اِسڪول ۾ رکيل هو. وقت جو سڀاپتي مشهور آزاديءَ جو سئناني شري روچيرام ٿانواڻي هو ۽ هري دلگير مکيہ مهمان هو. ميڙ جو موضوع اَڳوات ئي مقرر ڪيل هو ’سنڌي جاتيءَ جي سڄاڻپ ۽ اُن جا اُپاءَ.‘ اِها ڳالهہ سڀني قبولي تہ سنڌي جاتيءَ لاءِ وري اِمتحان جي گهڙي اَچي ويئي آهي. سنڌي جاتيءَ جي سڄاڻپ جو سنڪٽ گهرو ٿيندو پيو وڃي. جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ٦ سوتري پروگرام تيار ڪيو ويو.

١) سنڌي ٻوليءَ کي گهرن ۾ وري وسائجي ۽ گهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو ٿيڻ کپي.

٢) پنهنجين ريتن، رسمن ۽ پرمپرائن کي سنڀالي رکون.

٣) سنڌي ڏڻ-وار ملهايون.

٤) سنڌي ڪتاب، اَخبارون ۽ ڪئسيٽون خريد ڪريون.

٥) مٽي مائٽي سنڌين ۾ ڪريون.

٦) سنڌي ناٽڪ- سنگيت جي پروگرامن کي همٿايون.

شري روچيرام ٿانواڻي ٽورنٽو انٽرراشٽري سميلن جو احوال پڻ ڏنو ۽ هري دلگير زباني ڪلچر تي زور ڏنو.

ناگپور بعد ڀوپال- بيراڳڙهه جو دؤرو ڪيو ويو. سالن کان سڀا جي ڪاروباري ميمبر شري صابو ريجهواڻي ۽ شري جهمون چڳاڻي سان گڏجي هو بئراڳڙهه سنت هردارام نگر پهتا. اُتي سنت هردارام جو درشن ڪرڻ بعد ساڌو واسواڻي اِسڪول ۽ ڪاليج اختياري وارن سان ملاقات ۾ اِهو ظاهر ٿيو تہ هتي پڻ سنڌي ٻوليءَ ۽ تعليم جي حالت پوئٽي پئجي ويئي هئي. شام جو ڀوپال جي سنڌو ڀون ۾ ميڙ ٿيو جتي سڀا جي صدر سندر آگناڻيءَ چيو، ”اسان اڄ سڄو ڏينهن سنڌين جي نگر ۾ گهميا آهيون. جڻ سنڌ جي ڪنهن حصي ۾ هئاسين پر اُتي پڻ سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائي جو ڪو بندوبست ڪونهي. اُن کان وڌيڪ دکدائڪ ڳالهہ ڪهڙي تي سگهي ٿي؟“

شري ڪيرت ٻاٻاڻي چيو تہ ”سنڌي جاتيءَ جي سپوتن جي اَٿڪ محنت ۽ زبردست هلچل بعد سرڪار تہ پنهنجي سنوڌان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سورهن سالن بعد تسليم ڪيو پر سنڌي خود اڄ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجن گهرن ۾ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. هن دانهن ڪئي تہ ڪاٻہ جاتي پنهنجي ماتر ڀاشا کي ”طلاق“ ڪانہ ڏيندي آهي.“

ڀوپال بعد اُجين ۾ سڀا جا ميڙ رکيا ويا. اُجين ۾ پبلڪ ميڙ سنڌي ساهتي پنچائت ۽ ڀين سنسٿائن جي سهڪار سان سنڌي ڌرمشالا ۾ گهرايو ويو هو. شري نانڪرام مولچنداڻي وقت جو سڀاپتي ۽ شري شوو ڪوٽواڻي (ايم. ايل. اي) مکيہ مهمان هو. شري ڪوٽواڻي اُتان جي حالتن جي ڄاڻ ڏني. سنڌين ۾ ايڪتا جي کمي ۽ سماج ڪاريہ لاءِ وقت جي کميءَ جو ذڪر ڪيو. سڀا جي صدر چيو تہ سڀا نئون رت آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ سڀا کي پڻ سرگرم نوجوانن جي شيوائن جي تمام گهڻي ضُرورت آهي. شري ڪيرت

ٻاٻاڻيءَ چيو تہ ”جيئن اَڳي سنڌي واپاري پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪُجھہ حصو ’ڌرمائو‘ ڪارڻ لاءِ رکندا هئا، هاڻي سنڌي جاتيءَ جي هستي بچائڻ لاءِ ڪمائيءَ جو ڪُجھہ حصو جاتيءَ جي سيٽنگ وکاس لاءِ رکن.“

ڀوپال بعد اِندور جو دؤرو ٿيو. اُتي شري ڪرشن ڪنواڻي اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اِندور چيپٽر پاران رکيو هو. ميڙ ۾ اِندور جا ڪافي معزز شخص موجود هئا. سڀا جي صدر شري سندر اَڳناڻيءَ چيو تہ، ”سڪم ۾ ٻوڌين لاءِ پارليامينٽ ۾ هڪ جڳھہ (Reserve) مقرر ٿيل آهي پر سنڌي جاتيءَ جو اَلھہ واهي! جيڪي سنڌي لوڪ سڀا يا راجيہ سڀا تي چونڊجي ٿا اچن اُنهن تي چڻ ڪنهن قسم جو منهن تي تالو لڳل آهي تہ هو سنڌيت بابت نہ ڳالهائيندا. سنڌين جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري سياسي طاقت کان محروميت آهي.“

شري کيرت ٻاٻاڻيءَ چيو تہ ”سنڌين کي شڪتيءَ (Will) پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. اَڃا شڪتي سان آسان کي سنڌي جاتي کي جيئرو رکڻو آهي. اِها اِڇا شڪتي پيدا ٿي تہ رستا پاڻهي کلي پوندا. پهرين پاڻ سان ڪمٽمينٽ پيدا ڪرڻي آهي، پاڻ ۾ وشواس پيدا ڪرڻو آهي. سڀ ڳالهيون پوءِ خود بخود ٿي وينديون.“

١٦ مارچ تي آخر ۾ سڀا جو صدر ۽ اَڳيون صدر اُلهاسنگر پهتا. شام جو روٽري ڀون ۾ سڀا جي سيڪريٽري شري هري پنڪھ شهر جي معزز شخصن، اَديبن، پترڪارن، تعليمدانن ۽ سماج شيوڪن جو ميڙ رکيو. ميڙ جي صدارت شري آرجن سڪايل ڪئي ۽ مکيہ مهمان هو نوتنداس خوبچنداڻي. خيالن جي دلچسپ ڏيوٹ ڏي ۽ آخر ۾ آرجن سڪايل راشٽر ڀاشا پرچار سمتيءَ جي طرز تي راتري پاٺشالائون ۽ سنڌي ڪلاس هلائڻ جي رٿ ڏني.

اِئين سڀا جي نئين صدر شري سُندر اَڳناڻي ۽ سڀا جي اَڳين صدر شري کيرت ٻاٻاڻي جي تال ميل سان ۽ اَلڳ اَلڳ

مرڪزن مان مليل جائزي (Feedback) جي آڌار تي سڀا نوان رُخ اَپنائڻ جا پروگرام طئہ ڪيا.

٣ جون ١٩٩٨ پاٽڪر هال ۾ سڀا پاران چيٽي چنڊ جو پروگرام ملهايو ويو. هن سال سڀا پاران ساليانا قومي اِنعام هيٺئين ريت ڏنا ويا.

- ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي- سنڌي لوڪ ساهت جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- شريمتي راڻي ڪرنا کي ڀارتيہ ڪلاسيڪل نرتيہ ۾ يوگدان لاءِ.
- شري واسديو سنڌو ڀارتيءَ کي سنڌيت جي شيوائن لاءِ.
- شريمتي سپنا جيسواڻيءَ کي سماج شيوا لاءِ.

شري ايشور آنچل جو ساهت اَڪادمي اِنعام ملڻ تي سنمان ڪيو ويو. سهيوگہ فائونڊيشن ۽ ناري گوپي. گرسهاڻي چئريٽيبل ٽرسٽ پاران پڻ مٿين شخصن کي اِنعام ڏنا ويا. موقعي تي شري .گهنشام واسواڻي، ڪاجل چنديراماڻي ۽ لتا ڀڳتاڻيءَ سنگيت جو پروگرام پيش ڪيو ۽ شريمتيءَ راڻي ڪرنا نرتيہ جو اِسر پيش ڪيو. مکيہ مهمان هو ڀارت سرڪار جو وزير شري رام جيٺملاڻي ۽ صدارت سڀا جي صدر سُندر اَگناڻيءَ ڪئي.

سڀا جي سهاري هيٺ ٦ جون ٩٨ پمپريءَ ۾ سڀا جي مهلا وڀاڳہ جي چيئر پرسن شريمتي هيملتا ٻجاج جي جاکوڙ سان رچايل سنڌي لاڏن جي هڪ سترنگي شام پمپريءَ جي آڏواڻي ڌرمشالا ۾ ملهائي ويئي. هيءُ پروگرام پيش ڪيو، سنڌونگر مان ديپڪ شرما ۽ ديا ڪورجي جي پارٽيءَ اَحمدآباد مان پون ماٽا جي پارٽي ۽ پمپريءَ مان نيلو شرما جي پارٽيءَ، هن موقعي تي سڀا جو صدر سندر اَگناڻي، شري ڪيرت ٻاٻاڻي، شري گوبند مالهي ۽ مکيہ مهمان طور شري بنسيلعل طوطلاڻي حاضر رهيا. هن پروگرام جو سنچالن پشپا مالهيءَ من موهيندڙ اَنوکي اَنداز سان ڪيو.

اِندور ۾ ٣١ نومبر ١٩٩٨ تي ٻارهون اَکل ڀارت سنڌي ناٽڪ

مھا اُتسوڻيو. اِھو اُتسو اَکل ڀارت سيا ۽ اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي اِنڊور چئپٽر جي گڏيل بئنر ھيٺ ٿيو. ھن اُتسو ۾ ڪُل ڇھن ناٽڪ گروپن حصو ورتو.

١- ناگپور جي سنسٿا ''سنڌڙي'' پيش ڪيو. ''سچ ڍڪ ڏير ڪئي ايندي'' ھدايتڪار ھريش آئلداساڻي.

٢- اَحمدآباد جي ''ڪلاڪار منڊل'' پيش ڪيو، ''سماج شيوڪ''، ھدايتڪار چندر ساوناڻي.

٣- جئپور جي سنسٿا ''سنڌيت'' پيش ڪيو، ''سچ ڇا آھي؟'' ھدايتڪار سُريش سنڌو.

٤- بمبئي- سنڌو ڪلا مندر پاران ''سچ ڇا آھي؟'' ھدايتڪار جولي تيجواڻي.

٥- ناگپور سنڌي ڪلا سنگم پاران، ''رام اَڃا بنواس ۾ آھي'' ھدايتڪار سندر ٻناڻي.

٦- دھلي سنڌي ڪلا سنگم پاران ''گرائونڊ فلور'' ھدايتڪار گھنشام آسواڻي.

ھن موقعي تي سندر اَگناڻيءَ جي ڪارٽونن جي ڪتاب 'ڀيو ڀاسو' ۽ لکمي کلاڻيءَ جي 'ڪاڪ طوطا' جو مھورت ڪيو ويو.

---

١٩٩٩ ٢٧، ٢٨ مارچ سيا جو سورھون سيمينار تي ناگپور ۾ ملھايو ويو. ميزبان ھئا ناگپور جي سنڌي ساھت سيا جا ساٿي. ھن اُتسو جو مھورت ناگپور جي اَخبار ''ھتواد'' جي سمپادڪ شري بنواري لعل پروھت ڪيو. پھرين بينڪ جي صدارت ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ ڪئي ۽ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ مقالو پڙھيو جنھنجو وشيہ ھو، ''سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو، ڀاشا وگيانيءَ جي نظر ۾'' ٻيو پيپر باندرا جي پرنسيپال ڊاڪٽر شيدرا آنند پڙھيو، اُن جو وشيہ ھو، ''اَڄ جا مسئلا ۽ ڪي سجھاءَ''. ھن مقالي ۾ جيسلمير جو دلڪش بيان ڪيل ھو ۽ ھر ڪنھن پئي چاھيو تہ ايندڙ سيمينار جيسلمير ۾ ٿئي!

شري اَرجن حاصد جي صدارت هيٺ بيٺڪ ۾ ڊاڪٽر ستيش روھڙا مقالو پڙهيو ”سنڌي اَدب ۾ رواجي پٽي جو سوال.“

چوٿين ۽ آخري بيٺڪ جي صدارت ناگپور جي ليکڪ ناري پدم ڪئي، جنهن ۾ شري پريم پرڪاش پنھنجن مقالو پڙهيو جنهن جو موضوع هو، ”١٩٨٠ کانپوءِ وارو سنڌي اَدب، سنڌي زندگيءَ جي ڪيترو ويجھو آهي.“

سڀني بيٺڪن ۾ جدا جدا شهرن مان آيل سوٌ ڊيليگٽن ۽ مڪاني ليکڪن گھڻي دلچسپي ورتي ۽ ڪن خاص ليکڪن بحث ۾ سرگرم ڀاڱو ورتو. ٻنهي ڏينهن تي شام جو وندر جو پروگرام رکيو ويو. پهرين شام مشاعرو هو. صدارت شري اَرجن حاسد ڪئي ۽ سنچالن ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ ڪيو. ٻئين شام تي ڪلچرل پروگرام رکيو ويو جنهن ۾ ناگپور جي آيلاشا اَرناڻي، سڌا ڀاڳچنداڻي ۽ جئپور جي دويا راءِ سنگھاڻي نرتيہ جا اسم پيش ڪيا. تنهن بعد سنگيت جي محفل تي جنهن ۾ ڪيترن غير سنڌي ڪلاڪارن سنڌي گيت ڳائي داد حاصل ڪيو ۽ بعد ۾ مڪاني سنڌي ڳائيندڙن دلڪش پروگرام پيش ڪيو. اِهو سيمينار شري ايسر ڪلياڻي، شري ليڇمڻداس ٻجاج ۽ سندن ساٿين جي اٽڪ محنت جو نتيجو هو.

سال ١٩٩٩ ۾ سڀا پاران ساليانا هيٺيان انعام ڏنا ويا.

- شري واسديو نرمل - ساهت جي کيتر ۾ يوگدان.
- شري وشوامتر واسواڻي-چترڪلا جي کيتر ۾ يوگدان.
- شري روچيرام خانواڻي - سنڌيت جي ڦهلاءُ جي کيتر ۾ يوگدان
- ڪُماري تلسي ڪي نوتاڻي- تعليم جي کيتر ۾ يوگدان.

★ ★ ★

تيرهون اَکل ڀارت ناٽڪ مها اُتسو سڀا پاران ڀوپال ۾ ٩-١٠-١١ آڪٽوبر ١٩٩٩ تي مڌيہ پرديش جي سنڌي سانسڪرتڪ منڊل سان گڏجي ڪيو ويو. هيءُ اُتسو سڀا جي سرگرم سدا حيات

ڦشپا مالهيءَ جي ياد ڪي سمرپت ڪيو ويو. هيءُ پروگرام ڀوپال جي رويندر ڀون ۾ ٿيو جنهنجو مهورت بمبئي جي مشهور ڪئسٽ ڪمپني ٽپس جي مالڪ شري رميش تونئراڻيءَ ڪيو.

هن ناٽڪ اُتسوَ ۾ ۹ آڪٽوبر تي ناٽڪ پيش ڪيا ويا :

- 'سنڌيت' جئپور پاران ناٽڪ 'رشتا آهن، رشتن جو ڇا...' هدايتڪار- سُريش سنڌو.
- 'سنڌو ڪلا سنگم'- دهليءَ پاران، 'سسن جو سميلن.' هدايتڪار شريمتي منجو آسواڻي.

۱۰ آڪٽوبر تي چار ناٽڪ ٿيا.

- 'سنڌو' سنسٿا ڀوپال- 'ساهه تي ڪهڙو ڀروسو'- هدايتڪار- اَشوڪ بولاڻي.
- مڌيه پرديش سانسڪرتڪ منڊل- ڀوپال. 'نيتا شيوڪرام' هدايتڪار- راڪيش ڪُمار پنجواڻي.
- سنڌي رنگ منچ، بمبئي- 'چيلي چنڊ' هدايتڪار- نيرو آسراڻي.
- 'سنڌڙي يوٿ ونگ' ناگپور- 'سوَ سال پوءِ' هدايتڪار. هريش مائيداساڻي.

۱۱- آڪٽوبر تي ٽي ناٽڪ پيش ڪيا ويا :

- ناٽيه ڪنور- آديپور 'پيريءَ جو توشو' هدايتڪار- هري ميراڻي.
- سنڌو ڪلا سنگم ناگپور، ''گهوٽ گم، زال پريشان'' هدايتڪار- آشوڪ جيسواڻي.
- سنڌي ڊراما ورڪشاپ اَحمدآباد 'زلزلو' هدايتڪار ديپڪ چاند.

★ ★ ★

سال 2000 ۾ 30 اَپريل تي جئپور جي رويندر منچ تي ''سهڻا سنڌي'' نالي سان اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ءِ ساهت سڀا جو ساليانو جلسو ملهايو ويو جنهن ۾ سڀا پاران جدا جدا کيترن ۾ ظاهر ڪيل اِنعام

ڏنا ويا. مکيہ مھمان راجستان جو گورنر شري انشو مان سنگھہ ھو.

- ڊاڪٽر پريم پرڪاش- ساھت کيتر ۾ يوگدان.
- شري مھيش چندر- سنگيت جي کيتر ۾ يوگدان.
- گھنشام آسواڻي- ناٽڪ کيتر ۾ يوگدان .
- پوپٽي ھيراننداڻي- سنڌي ٻوليءَ جي شيوا ۾.
- شري صاحب ٻجاڻي- سنڌيت جي کيتر ۾ شيوا ۽ يوگدان.
- شريمتي درگا ڻاوراڻي-اِستري کيتر ۾ يوگدان

ھن موقعي تي انيلا سُندر جي نرتيہ جو پروگرام ۽ مھيش چندر جي سنگيت جو پروگرام پيش ڪيو ويو.

---

سال ٢٠٠١ مارچ ٢٨، ٢٩ تي اکل ڀارت سيا جو ١٧ سيمينار مرڪزي راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي مدد سان اجمير جي پرسان 'پُشڪر' سندر تيرٿ اِستان تي ڪيو ويو. ھيءُ سيمينار سدا حيات شري گوبند مالھيءَ جي يادگيريءَ ۾ ڪيو ويو ھو. ھن سيمينار جو مھورت ديانند سرسوتي مھا وديالیہ جي ڪُلپتيءَ ڪيو ۽ خاص مھمان راجستان اڪادميءَ جو اڳيون صدر ھو جنھن چيو تہ ''ليکک کي اُن طبقي جو آواز بڻجڻو پوندو جو اَڄ بي آواز آھي.'' پھرين بيٺڪ جي صدارت ڪئي ڊاڪٽر ستيش روھڙا ۽ مقالو پڙھيو ڊاڪٽر ڪنعيالعل ڪيلواڻيءَ، 'آزاديءَ بعد سنڌي ساھت ۾ مُکيہ ڌارائون'. ٻيون مقالو پروفيسر جگديش لڇاڻيءَ جو لکيل شري ھيري ٺکر پيش ڪيو، 'ورھاڱي بعد ڀارت ۽ سنڌ جي سنڌي ساھت ۾ ھڪجھڙايون ۽ علحدگيون.'' ٻيءَ ڏينھن تي شري لکمي کلاڻيءَ جي صدارت ھيٺ شري ٻلديو مٽلاڻيءَ مقالو پڙھيو- ''سنڌي ساھت ۾ ڏُرگھٽنا جا عناسر'' شري ٺاکر چاولا جي صدارت ھيٺ لڇمڻ ڪومل مقالو پڙھيو، ''ورھاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي جاتيءَ مٿان، صوفي مت بدران الگہ الگہ متن جي اثر سبب سنڌيت جي وجود کي

خطرو ۽ سنڌي اَديب جو اُن ۾ رولُ هن موقعي تي نئين ٿهي جي ليڪن لاءِ آلڳ بحث جو بندوبست ڪيو ويو جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اُڀرندڙ ليکڪن جي آنسنن اِرادن ۽ خوابن جو ذڪر ٿيو. هن موقعي تي سنڌ جا سنڌي مَنور لغاري، الطاف ميمڻ ۽ زاهد مقدوم پڻ دهليءَ جي پترڪار شري گهنشام هوتو ملاڻيءَ سان گڏ اَچي شامل ٿيا.

★ ★ ★

سال ۲۰۰۲، ۲۷ اَپريل تي ڀوپال جي سن سٽيءَ ۾ سيا جو اِنعامي جلسو ٿيو. هن موقعي تي مکيه مهمان هو مڌيه پرديش جو مکيه منتري شري دگوجيه سنگهه. هيءُ جلسو مڌيه پرديش سنڌي ساهت اڪادميءَ جي سهيوگ سان ڪيو ويو هو. هن جلسي ۾ دگوجيه سنگهه هٿان سيا جا ساليانا قومي اِنعام ڏياريا ويا.

- ڊاڪٽر ستيش روهڙا- ساهت جي کيتر ۾ يوگدان.
- شري گهنشام واسواڻي- سنڌي سنگيت جي کيتر ۾ يوگدان.
- شري رميش مهتا- ناٽڪ جي کيتر ۾ يوگدان.
- ڪيرت ٻاٻاڻي- سنڌي ٻوليءَ لاءِ يوگدان.
- شيام رام رڪياڻي- پترڪاريءَ ۾ يوگدان.
- چندر ساوناڻي. سنڌيت ۾ يوگدان
- ديو ناٿاڻي- تعليم ۾ يوگدان.
- ڊولڻ راهي- نارائڻ شيام آوارڊ.
- هيما ڳُرسهاڻي - ٻال ڪلاڪار آوارڊ.
- ڪانتا کٽوريا- اِستري کيتر ۾ يوگدان

هن موقعي تي شري گهنشام واسواڻيءَ جي سنگيت ۽ مينا ڳُرسهاڻيءَ جي نرتيه ۽ ڊولڻ راهيءَ جي پروگرام پڻ رنگ لڳايو. هن

پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ شري صابو ريجهواڻي ۽ پوپال جي ساٿين گهڻو پاڻ پتوڙيو ۽ پروگرام کي يادگار بڻايو.

ارڙهون آکل ڀارت سنڌي ليکڪ سيمينار ٢٧-٢٨ جولاءِ ٢٠٠٢ تي مڌيہ پرديش جي خوبصورت هل اِسٽيشن پنچ مڙهيءَ ۾ ٿيو. هن سيمينار جي خصوصيت اِها هئي تہ هن سيمينار ۾ نئين ٽهيءَ جي ليکڪن پڻ شرڪت ڪئي. سيمينار جو مهورت ڊاڪٽر موتي پرڪاش ڪيو ۽ ٽن عالمن، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، پروفيسر هيرو شيوڪاڻي ۽ شري ارجن حاسد جدا جدا وشين تي پيپر پڙهيا ۽ اُنهن تي کليل بحث ٿيو. هر سال جيان مشاعرو پڻ ٿيو جنهن جي صدارت شري ارجن حاسد ڪئي. هيءُ سيمينار مڌيہ پرديش جي سنڌي اڪاڊميءَ جي مدد سان ٿيو ۽ سيڪريٽري صابو ريجهواڻيءَ جي سهيوگہ جو نتيجو هو.

هن موقعي تي ليکڪن جي ڪنوينشن ۾ شري سندر اگناڻيءَ کي ايندڙ ٽن سالن لاءِ يڪراءِ سيا جو پرڌان چونڊيو ويو.

---

٢٠٠٣ سنڌي گيتڪارن ۽ سنگيتڪارن کي همٿائڻ لاءِ سنڌي سنگيت جي عاليشان پرمپرا کي قائم رکڻ لاءِ سيا پاران پهريون دفعو ١٨، ١٩ جنوري ٢٠٠٣ تي ناگپور ۾، اُتان جي مڪاني سنستا سنڌي ساهت سيا سان گڏجي پهريون سنگيت اُتسو ملهايو ويو. اُتسو جو ڪنوينر شري گهنشام واسواڻي هو. هن ٻن ڏينهن جي سنگيت اُتسو ۾ جن ڪلاڪارن بهرو ورتو اُهي هئا ڪاجل چنديراماڻي، دليپ لعلواڻي، پرتاپ تنواڻي، گريش ساڌواڻي، نتن راج، کيمچند ساولاڻي، ڇايا وانکيڙي ۽ گهنشام واسواڻي. هن اُتسو کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ شري ايسر ڪلياڻي ۽ شري گيان چاولا جو سهيوگہ ساراهہ لائق هو.

سيا جو ساليانو اِنعامي جلسو ١٦ فيبروري ٢٠٠٣ ۾ ڪلڪتي ۾ رکيو ويو. اهو جلسو سيا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبر

شريمتي دُرگا ڏاوراڻي ۽ ڪلڪتي جي سنسڪا سنڌو فائونڊيشن جي مدد سان ڪيو ويو. اِنعام سنڌين جي روحاني رهبر دادا جشن واسواڻي جي هٿان ڏياريا ويا.

-ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي- ساهت کيتر ۾ يوگدان لاءِ
- ڪاجل چنديراماڻي- سنڌي سنگيت جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ
- ڊاڪٽر پرسو گدواڻي- سنڌي ٻوليءَ جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ
- سريچند ماکيجا- اَداڪاري جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ
- رام بخشاڻي- سنڌين جي هلچل يوگدان لاءِ
- شريڪانت 'صدف'- اُسرندڙ شاعر-
- هيمنت ڪُمار تولاڻي- سنڌي تعليم ۾ يوگدان لاءِ
- پريم تولاڻي- اَخبار نويسيءَ جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ
- ڊاڪٽر اِندرا آهوجا- برڪ اِستري
- ڪُماري سونو چوڌري -نرتيہ جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ

هن موقعي تي وندر جو پروگرام پڻ رکيو ويو جنهن ۾ ڪاجل چنديراماڻي، سونو چوڌري ۽ سريچند ماکيجا ڀرو ورتو. هن موقعي تي شري ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ سڀا جي صدر شري سُندر اَگناڻيءَ جو پڻ سواگت ڪيو ويو.

سڀا طرفان ١، ٢ مارچ ٢٠٠٣ تي اَحمدآباد جي ٽئگور هال ۾ چوڏهون آکل ڀارت سنڌي ناٽڪ اُتسو رکيو ويو. سنڌو ڪلاڪار منڊل جي سهڪار سان هيءُ ٻن ڏينهن جو ناٽڪ اُتسو تمام ڪامياب ويو. ڪُل ڇهن ناٽڪ گروپن ڀرو ورتو. (١) رنگ سمهوھ (ڀوپال) (٢) سنڌيت (جئپور) (٣) سنڌو ڪلا منڊر (بمبئي) (٤) ناٽيہ ڪنور (آديپور) (٥) سنڌو ڪلا سنگم (دهلي) ۽ (٦) سنڌڙي (ناگپور). سنڌي اَصلوڪن ناٽڪن کي همٿائڻ لاءِ اُنهن جي هدايتڪارن کي ٥٠٠ روپيہ خاص انعام ڏنو ويو. هن موقعي تي گجرات سنڌي

اڪاڊميءَ پاران ايس. پي. مينگهاڻي ۽ سريچند ماکيجا جو سنمان ڪيو ويو. پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ شري چندر ساوناڻيءَ اَڻٿڪ محنت ڪئي هئي.

سيا طرفان ١١-١٢ آڪٽوبر ٢٠٠٣ تي راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد جي مالي مدد سان ۽ مڌيہ پرديش سنڌي ساهت اَڪاڊميءَ جي سهيوگہ سان ڪاجوراهو ۾ ١٩ آڪل ڀارت سنڌي ليکڪ سيمينار ڪيو ويو. هن سيمينار ۾ اٽڪل ٦٠ ليکڪن حصو ورتو. ٻہ پيپر پڙهيا ويا ۽ چار بحث جا وشيہ رکيا ويا. بحث شروع ڪرڻ وارن کي پڻ اَڳواٽ تياري ڪرڻ لاءِ چيو ويو. هن موقعي تي مشاعرو پڻ ڪيو ويو ۽ هن سيمينار جو سنچالن ڪيو ڊاڪٽر پريم پرڪاش.

سنڌي لوڪ نرتيہ کي لوڪ پريہ بڻائڻ ۽ پرمپرا کي قائم رکڻ جي خيال سان جئپور ۾ ٨، ٩ نومبر جئپور جي گُليل شاهي منچ تي لوڪ نرتيہ اُتسو جو بندوبست ڪيو ويو. هن موقعي تي سنڌين جي مشهور ڊانسر آنيلا سندر هڪ هفتو مڪاني ’چوڪرن/ چوڪرين لاءِ ورڪشاپ هلايو ۽ ڪيترا ئي نرتيہ جا اِسم اُنهن کان تيار ڪرائي بخوبيءَ پيش ڪيا. پروگرام تمام ڪامياب ويو.

★ ★ ★

٢٠٠٤ ۴، ۵، ٦ جنوري تي پندرهون اکل ڀارت سنڌي ناٽڪ اُتسو ناگپور ۾ ٿيو.

سيا پاران آنعامي جلسو ٢٢ اپريل ٢٠٠۴ تي سهيوگہ فائونڊيشن جي مدد سان بمبئيءَ سينٽ آئنڊروز آڊيٽوريم ۾ ڪيو ويو. موقعي جو مکيہ مهمان فلم جڳت جو مشهور هدايتڪار شري گووند نهلاڻي هو. هيٺين شخصيتن کي اِنعامن سان نوازيو ويو.

- شري مُرليڌر جيٽلي (دهلي) ساهتيہ جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ؛
- ڏُشينت ڪُمار آهوجا- سنگيت جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- گوپال پنجواڻي- ناٽڪ ۾ يوگدان لاءِ.

اَعظم شري. آءِ. ڪي. گُجرال هو. موقعي جو معزز مهمان هو هانگ ڪانگ کان آيل شري نوتن تولاڻي ۽ سڀا جو چيف پيٽرن شري ڪيرت ٻاٻاڻي. هينين معزز شخصيتن کي آءِ. ڪي. گُجرال جي هٿان اِنعامن سان نوازيو ويو.

- پروفيسر هيرو شيوڪاڻي (بمبئي) ساهت کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- شري اُتم- تلريجا- (دهلي)- ناٽڪ کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- مسز جيا وڏاڻي (دهلي) سنگيت جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- شري- رام چينملاڻي (دهلي) سنڌي ٻولي لاءِ.
- شري پريتم ورياڻي (آديپور) سنڌي تعليم لاءِ.
- شري هيرو هنگوراڻي، (بمبئي)- چترڪلا جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
(شري جئرام روپاڻي، (بمبئي) - سنڌيت جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- شريمتي سُڌا ڀاڳچنداڻي (ناگپور)- نرتيہ کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- شري منگهارام سپاهيملاڻي (بمبئي)- اَخبار نوسيءَ ۾ يوگدان لاءِ.

هن سال کان سنڌ مان ڪنهن برک اَديب کي ’سنڌي آديب اَوارڊ‘ ڏيئي سنمان ڪرڻ ۽ آوارڊ ڏيڻ جي شروعات ڪئي ويئي ۽ اِها شروعات ڪئي ويئي سنڌ جي ڏاهي بزرگ مسٽر محمد اِبراهيم جويو سان، جيڪو پنهنجي ٩١ سالن جي عُمر جي باوجود سنڌ (پاڪستان) کان خاص دهليءَ آيل هو. کيس ٢٥٠٠٠ هزار روپيہ اِنعام ڏنو ويو.

سڀا پاران هندستان جي گُلابي شهر جئپور ۾ راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي سهڪار سان ليکڪ سيمينار ٣٠ سيپٽمبر ١-٢ آڪٽوبر ٢٠٠٥ تي ڀارت-پاڪ سنڌي ليکڪ سيمينار ڪوٺايو ويو. هن سيمينار ۾ سنڌ جي مشهور ليکڪن شاعرن ۽ دانشورن ۽ هندستان جي ٦٠ کان مٿي ليکڪن شاعرن ڀهرو ورتو. ورهاڱي بعد ڀهريون دفعو هندستان ۾ ٻنهي طرفن جي سنڌي آديبن جا گنيرتا

سان بحث ٿيا ۽ خيالن جي ڏيوڻ ڏيڻ ٿي. ڏي- وڻ گهڻو ڪري اَدب جي، اَلڳ اَلڳ شاخن جي جائزي ڪي ڪٽي ٿي پر بحث مان ٻنهي ملڪن جي سنڌي اَدب جي رُحجانن ۽ ڏارائن جو اَندازو مليو ۽ شخصي سطح تي دوستيءَ ۽ ڀائيچاري جا ناتا پُختا ٿيا. هن موقعي تي هڪ رات جئپور جي 'چوڪي ڏاني' ۾ جتي راجستاني ڪلچر ڪي Show Case ڪيو ويندو آهي، ماني ڪئي ويئي ۽ مانيءَ کان اَڳ اَنوکي ماحول ۾ هڪ يادگار هند ۽ سنڌ جي شاعرن جو گڏيل مشاعرو ٿيو. جئپور جي نالو سنستا هڪ شام ڪلچرل پروگرام پڻ رکيو جنهن ۾ سنڌ جي فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ هڪ اَمٽ ڇاپ ڇڏي.

★ ★ ★

٢٠٠٦ سيا جو اِنعامي جلسو ١٢ ميءِ تي اَحمدآباد جي ٺاڪر ڀائي ڊيسائي هال ۾ ٿيو. مکيہ مهمان گُجرات راجيہ جو گورنر شري نول ڪشور هو. هيءُ جلسو اَحمدآباد جي سنڌو ڪلاڪار منڊل جي مدد سان ڪيو ويو. هيٺين شخصيتن کي گورنر هٿان انعام ڏيئي نوازيو ويو.

- شري موهن گيهاڻي (ڀوپال) - سنڌي اَدب ۾ يوگدان لاءِ.
- شري سندر ٻُلاڻي - سنڌي ناٽڪ ۾ يوگدان لاءِ.
- شري پون ڪمار - سنڌي سنگيت ۾ يوگدان لاءِ.
- سنڌي سنگت (دبئي) - سنڌي ٻوليءَ ۾ يوگدان لاءِ
- سترامداس سائل (احمدآباد) - سنڌي تعليم ۾ يوگدان لاءِ.
- شري رام لعلچنداڻي (بمبئي) - چتر ڪلا کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- شري ٺاڪر چاولا (بمبئي) - سنڌيت جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- ڪُماري رچنا سُندر (بمبئي) - ڪلا جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ.
- شري نارائڻ ڀارتي (سنڌونگر). اَخبار نويسيءَ ۾ يوگدان لاءِ.
- مسٽر اَمر جليل (سنڌ) - 'سنڌي اَديب اَوارڊ' -

هن سال کان شري اي. جي. اُتم جي يادگيري ۾ شريمتي سُندري اُتمچنداڻي، آشا چاند ۽ گيتا کياڻي طرفان سنڌين جي هلچل ۾ زندگي ڀر يوگدان جو قدر ڪندي، پنجاهه هزار جي اِنعام جي پڌرائي ڪئي ويئي. ڪاميٽي پهريون اِنعام شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي ڏنو. هن موقعي تي اَنيلا سُندر، رچنا سُندر ۽ پون ڪُمار طرفان ونڊر جو پروگرام پڻ پيش ڪيو ويو.

جوڌپور ۾ اَکل ڀارت ليکڪ سيمينار رکيو ويو. هيءُ سيمينار ڪنهن به سرڪاري مدد کان سواءِ ڪيو ويو. هن ۾ سنڌ مان ١٠ ليکڪن کي خاص نينڊ ڏيئي گهرايو ويو هو. ڪين هند سرڪار پاران ويزا ملڻ جي باوجود به پاڪستان سرڪار ڪين (No Objection Certificate) نه ڏنو. (هڪ چٺي کي پڇاڙيءَ واري ڏينهن تي ڏنائون جو پڻ نه اَچي سگهيو) پنهنجي خرچ تي اَٽڪل ٣٥ ليکڪن - شاعرن ڀرو ورتو. سيمينار جو مهورت اُردوءَ جي مشهور شاعر ۽ مفڪر شين ڪاف نظام ڪيو. سيمينار ۾ شري واسديو موهي، شري هيري ٺڪُر ۽ شريمتي ڪملا گوڪلاڻيءَ پيپر پڙهيا، جن تي بحث ٿيو. موقعي تي مشاعرو پڻ ڪيو ويو جنهنجي صدارت واسديو موهيءَ ڪئي ۽ سنگيت پروگرام پڻ پيش ڪيو ويو. هيءُ پروگرام جوڌپور جي مڪاني سنستا جي سهڪار سان ڪيو ويو.

---

سنڌي ناٽڪ اُتسوُ ١٣، ١٤، ١٥ جنوري ٢٠٠٧ ڀوپال ۾ ٿيو. اِهو اُتسو اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي مڌيه پرديش جي ميمبرن جي خاص ٺهيل ڪاميٽيءَ طرفان ڪيو ويو هو. ڪاميٽيءَ ۾ اُتسو جا آرگنائيزرس هئا شري گيان لعلچنداڻي، شري صابو ريجهواڻي، سڀا جو اُپ صدر ۽ شري آشوڪ منواڻي، ڪاميٽي ميمبر.

اُتسو ڀوپال جي رويندر هال ۾ ٿيو. موقعي تي سنڌي اداڪار سريچند ماکيجا جو سنمان ڪيو ويو. ڪُل اَٺن ناٽڪ گروپن حصو ورتو.

- رنگ سموھ (ڀوپال) - 'ڀيءُ پيادو-ڀُٽ شهزادو'
هدايتڪار شري اَشوڪ بولاڻي.
- 'سنڌڙي' (ناگپور) 'آسين سواڱت ڪندا آهيون'
هدايتڪار هريش مائيداساڻي.
- 'جوتي ڪلا سنسٿا' (جئپور)- 'ستا اُتي جاڳ'
هدايتڪار سُريش سنڌو.
- 'سنڌي ڊراما ورڪشاپ' (اَحمدآباد)- 'مسافر خانو'
هدايتڪار پريم پرڪاش.
- 'سنڌو ڪلا سنگم' (دهلي)- 'گرائونڊ فلور'
هدايتڪار گهنشام آسواڻي.
- 'ناٽيہ ڪنور' (آديپور) - 'جهوءِ جي ڪناري'
- 'سنڌو رنگ منچ' (ڪلني)- 'هڪ سون جو رپيو'
هدايتڪار- هيمنت سُڪاڻي.
- 'سنڌو ڪلا مندر'- (بمبئي) 'آنوکي عدالت'
هدايتڪار ايس. پي. مينگهاڻي.

## اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو 'پنجاهو سالگرھ'

**(١٩٥٧ کان ٢-٣ مارچ ٢٠٠٧)**

عام طرح زندگيءَ جا پنجاھ سال ڪا خاص وڏي ڳالھ ڪانہ آهي پر هڪ اُکڙيل، پٽڪيل ۽ ڇڙوڇڙ ٿيل جاتيءَ کي هڪ منچ تي آڻڻ، اُن جي جزبن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ اُن جاتيءَ جي سڀيتا کي جياري رکڻ، سو بہ پنهنجي جنني جنم -ڀوميءَ کان پري، جلاوطنيءَ جي حالت ۾ هڪ وڏي جدوجهد جو مثال آهي.
اُهو ١٩٥٧ جو سال ۽ هاڻ ٢٠٠٧ – پورا پنجاھ سال! جدو جهد جي اَڌ صدي! سنڌي جاتي جا، اَنيڪ صدين کان ڏولائن مان لنگهندي بہ زنده رهندي آئي آهي، سا اَڳي کان بہ گهڻو گهڻو اَڳري ٿي وڌندي ويئي آهي. اِنهن پنجاھ-سٺ سالن ۾ ساهت سڀا هندستان جي ڪيترن شهرن ۾ ڪيترائي سميلن، ليکڪ سيمينار، ڪلا ۽ سنگيت پروگرام، مشاعره، ناٽڪ مهو اُتسوَ، سنڌي لوڪ نرتيہ، ڀڳتيون ۽ ٻيا

جذبا جاڳائيندڙ اِسم پيش ڪري سنڌين ۾ ايتري ساڃاهه پيدا ڪئي جو ڪيترين ئي ننڍين وڏين سنسٿائون پيدا ٿي ويون ۽ سنڌين جو آواز بلند رهيو. سنڌي ٻولي تہ وڏان ۾ تسليم ٿي پر ساڳئي وقت ڇهہ کن سنڌي اڪاڊميون بہ سرڪار پاران برپا ٿيون آهن.

بنا ڪنهن خاص سرڪاري مدد جي، پنهنجو پاڻ تي ياڙيندڙ هن ساهت سڀا، سنڌيت لاءِ اڌ صدي جي جدوجهد ڪندي پنجاهون سالگرهہ ملهائڻ جو حق حاصل ڪيو آهي.

١٩٥٧ ۾ دهليءَ کان شروعات ٿي اِنڪري مارچ ٢ ۽ ٣- ٢٠٠٧ وري اُتيئي دهليءَ ۾ پروگرام رکيو ويو جتي نہ صرف ڀارت جي ڪيترن شهرن مان بلڪ دبئي، هانگہ- ڪانگہ ۽ ٻين هنڌان بہ ساهت سڀا سان جڙيل ساٿي اچي سهڙيا. ڪيترا بنيادي پايو وجهندڙ ميمبر تہ پنهنجيون يادگيريون ڇڏي اڳم ديش ڏانهن هليا ويا هئا. باقي حيات ٽن ميمبرن مان ٻہ، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ گورڌن ڀارتي ناچاڪائي ڪري اچي ڪونہ سگهيا. صرف ديو ناٿاڻي پنهنجي جواني سڀاليندي ناگپور مان اچي پهتو. ڪن حاضر ساٿين تي پنجاهہ سالن جي عرصي جو رنگہ چڙهيل هو تہ ڪيترائي ڪاري مٿي وارا نوجوان بہ جڙي ويل هئا.

١٩٩٧ کان ساهت سڀا جي واڳہ سڀاليندڙ صدر سندر اگناڻي، جنرل سيڪريٽري لڇمڻ ڀمڀاڻي، ساٿين ڊي.ٽي. نرياڻي، چندر ساوناڻي ۽ ٻين سان پنجاهين سالگرهہ لاءِ تہ هڪيا تڪيا حاضر هئا پر دهليءَ مان نائب صدر شنيو جئسنگهاڻي پنهنجن ساٿين موهن همٿاڻي، جاندار اِستري وشو ٻيلاڻي ۽ ٻين سان آجيان لاءِ آتو هو. آيل مهمانن لاءِ ڀرين گريٽر ڪئلاش جي درگا- باريءَ ۾ ٺانئيڪو ٽڪڻ لاءِ سيني سهوليتن وارا ڪمرا ۽ پوءِ دل- خوش ناشتي جو بندوبست ٿيل هو. هيءُ ساهت سڀا جو پنجاهون سالگرهہ جشن هئو جنهن موقعي تي ساليانی سنڌي قومي اِنعامن جو بہ اِسم جوڙيو ويو هو. نہ سيميناري مقالا، نہ ڀوڙهيون ڳالهيون ۽ نہ ئي سخت پابنديءَ وارو پروگرام!

هو صاحب ساهت سڀا جو پيارو آهي. مذاق ڪندي چيائين، ”آسانجي خانداني شجره ۾ ڪيترين پيڙهين تائين ڪوئي بہ ساهتيڪار- ڪلاڪار ڪونہ پيدا ٿيو آهي، اِنڪري سڄو ساھ ڪلاڪارن ۾ ڦاٿل آهي.“

ان موقعي تي آکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سان ڳنڍيل پنجاهہ سالن کان پوري طرح جڙيل شخصن : ايسر ڪلياڻي (ناگپور)، موهن گيهاڻي (ڀوپال)، ٽيڪچند مست (سنڌونگر) هري ميراڻي (آديپور)، لڇمڻداس ڪيسواڻي (ڀوپال)، جهمون ڇٻاڻي (ڀوپال)، هيملتا ٻجاج (لوناولا)، چندر ساوناڻي (اَحمدآباد)، موهن واسواڻي (دهلي)، ڪشن ورياڻي (بمبئي)، هري پنڪج (سنڌونگر) ۽ ٻين جي قدرشناسي ڪندي رام چينملاڻيءَ هٿان شالن سان سنمان ڪيو ويو ۽ ڪين يادگار ٽرافيون پڻ ڏنيون ويون. ساڳئي ئي وقت دهلي جي آجيان ڪاميٽيءَ جي سرگرم ميمبرن موهن همٿاڻي، وشو ٻيلاڻي ۽ لڇمڻ پاردساڻي کي پکر پائي ۽ ٽرافي ڏيئي سنمانت ڪيو ويو.

پروگرام جي آخر ۾ سنڌ مان آيل صادق فقير پنهنجي بلند ۽ لرزائيندڙ آواز ۾ بہ ڪلام پيش ڪري پنهنجو جوهر ڏيکاريو: هڪ هوليءَ تي ۽ ٻيو پنر جنم ۾ سنڌي ٿيڻ جي وچن تي! ننڌيءَ جي، ’لعل تي ٿي وڃان....‘ نرتيہ- گيت تي تاڙين جي ڏوم سان پروگرام پورو ٿيو.

بسز ۽ ڪارس مهمانن ۽ ٻين کي ڪٽي ڪئلاش بالاڻيءَ جي گهر طرف روانيون ٿيون جتي ڊنر هئي. بالاڻين جو ٺماڙ گهر تہ بيحد دلڪش هئو. پر سنڌن سڄي پريوار جي ڀاتين جي ڇا ڳالهہ ڪجي؟ مهمانن کي ڀڳوان سمجهي سيني پنهنجو تن- من- مشڪندڙ چهرا آجيان ۾ وڇائي ڇڏيا. اَصل ڪٿائي نہ ٿي پيا. موٽڻ وقت ڪنهن کي بہ اِئين خيال ڪونہ آيو تہ پڇون، ’يار، وقت گهڻو ٿيو آهي؟‘ پر ٽئي ڏينهن جو ڀريون ڀهر شروع ٿي چڪو هو.

ٽيون ڏينهن.

دهلي اڪادميءَ طرفان ڏنل لنچ تي موتيلعل جوتواڻيءَ ۽

مرليڌر جيٽلي ساهت سڀا جي شروعاتي دور تي وڏيڪ روشني وجهندي تقاظا ڪئي تہ سال ١٩٥٧ کان ٢٠٠٧ تائين سڀا جي ٥٠ سالن جي تواريخ لکي وڃي. (جيڪا توهانجي هٿ ۾ آهي)

شام جو پروگرام رکيل هئو ڪماني آڊيٽوريم ۾ جتي ملڪ جي اڳئين نائب وزير آعظم ايل. ڪي. آڏواڻي ۽ اڳيئين قانون منتري رام جيٺملاڻيءَ جي مکيہ مھمان هئڻ ڪري سلامتيءَ جا خاص ساڌن ساڌيا ويا هئا. هميشه وانگر سنڌي قومي تراني سان شروعات ٿي. نَنڌيءَ جي نرتيہ، جيا وڌاڻيءَ جي شاستري سنگيت ۽ آنيلا سندر جي گروپ بئلي کانپوءِ شروع ٿيو سواگتن ۽ سنمانن جو دؤر.

ساهت سڀا جي ڪاريہ ڪرتائن سڀا جي پنجاهين سالگرہ ۾ ’سهڻا سنڌي‘ ساليانی قومي اِنعامن جو خوبصورت اِسم جوڙي ڇڏيو هو جنهن ۾ اِنعام حاصل ڪندڙ هستين کي ايل. ڪي. آڏواڻيءَ ۽ رام جيٺملاڻيءَ جي هٿان شالن، يادگار ٽرافين ۽ اِنعامي چيڪن سان سنمانت ڪيو ويو :

- شري پريو وفا (بمبئي) - ساهت جي کيتر ۾ يوگدان
  اُتم لائيف ٽائيم اَچيومينٽ آوارڊ (شريمتي سُندري اُتمچنداڻي، آشا چاند ۽ گيتا کياڻي پاران (اي.جي. اُتم جي ياد ۾) - روپيہ ٥٠ هزار.)
- شري چينو لعلواڻي (احمدآباد)- سنڌي ساهت کيتر ۾ يوگدان- (شري مورج منگهناڻي پاران ٢٥ هزار رپيہ. )
- سُريش سنڌو (جئپور)- ڊراما جي کيتر ۾ يوگدان؛
  (شري دليب لکي، ٽرسٽ پاران ٢٥ هزار رپيہ.)
- شري رميش راڄپال (بمبئي)- سنگيت جي کيتر ۾ يوگدان،
  (شري نوتن تولاڻي (هانگ ڪانگ) پاران ٢٥ هزار روپيہ.)
- ايس. سي. ايس. بابا نيپراج سينيئر سيڪنڊري اِسڪول (دهلي). سنڌي ٻولي آوارڊ، (شري دليپ لکي ٽرسٽ پاران ٢٥ هزار روپيہ.)
- شري سترام ماماڻي (دهلي) سنڌيت جي کيتر ۾ يوگدان- (شري ڀڳوان چيناڻي (ڊبئي) پاران ١١ هزار روپيہ.)

- ڪُماري نڌي چنداڻي (ڀوپال)- نرتيہ جي کيتر ۾ يوگدان-
(شري گووند ڀاڳچنداڻي (ناگپور) پاران ١١ هزار روپيہ.)
- شري پريم لکياڻي (نڙيادا، گجرات- اِخبار نوسيءَ جي کيتر ۾ يوگدان (شري رام جوهراڻي، سهيوگہ فائونڊيشن ڀاران ١١ هزار روپيہ)
- جناب شمشير ال حيدري (سنڌ) ”سنڌي اديب اِنعام“،
(شري نانڪ سبناڻي پاران ٢٥ هزار روپيہ.)

هن سال کان سنڌ فنڪار اوارڊ شروع ڪيو ويو.

- جناب صادق فقير (سنڌ)- سنڌي راڳہ جي کيتر ۾ يوگدان
(سنڌي اَئسوسئيشن آف هانگہ ڪانگہ ۽ چائنا پاران ٢٥ هزار روپيہ.)
- شري واسديو سنڌو ڀارتي (جئپور)- چترڪلا جي کيتر ۾،
(ٻاٻاڻيءَ فئملي پاران سويتا ٻاٻاڻيءَ جي ياد ۾ ١١ هزار روپيہ.)
- پروفيسر ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي (اجمير) سنڌي ڪاليج تعليم اوارڊ، سُشيلا موٽواڻيءَ جي ياد ۾ شري نانڪرام موٽواڻيءَ پاران ١١ هزار روپيہ)

شري ايل. ڪي آڏواڻي پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ”ڪابہ سنستا پنجاهہ سالن تائين هلي اُن مان سندس اصولن جي پُختائي ۽ سماج سان وابستگي ظاهر آهي. پنجاهہ سالن ۾ ڪيترا ماڻهو بدلجي ويا هوندا پر ڪاروان اَڳا ڀيو هلي. مونکي اُميد آهي تہ وقت پئي سيا سؤ سالن جو جشن پڻ ملهائيندي. اِها بي ڳالهہ آهي تہ هن منچ تي شخص ۽ شڪليون بدليل هونديون. پر آدرش ۽ شيوا جو آنگہ ساڳيو رهندو،“

وڌيڪ هن موقعي تي ليهہ- لداخ کي سنڌو نديءَ سان ڳنڍيندي چيو تہ، ”لپيءَ جي سوال کي پاسيرو رکي، سنڌين کي پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ لازمي ڪرڻ گهرجي جيئن جاتي ۽ سيتا قائم رهي.“

رام جيٺملاڻيءَ موقعو پائي مذاقي نوع ۾ منچ تي ويٺل ڪملا آڏواڻيءَ ڏانهن اِشارو ڪندي چيو، ’ڪملا منهنجي ڀيڻ آهي، اِن ناتي

لعل‌ڪشن ٿيو منهنجو پيٽوپو. سنڌي پنهنجا حق ٿا گهرن. منهنجو پيٽوپو سنڌي آڏواڻي آئينده جو پرائيم منسٽر ٿئي ته اُن ڪان وڌيڪ بيا ڪهڙا حق سنڌين کي گهرجن؟ ها باقي جواهرلعل نهرو ٿي اِن رائي جو هئو ته ڪنهن ٻوليءَ جي لپي مٿائڻ سان ٻولي ختم ٿي ويندي. سنڌي قوم نه پر جاتي آهي جا پنهنجي ٻوليءَ ڪانسواءِ خطري ۾ آهي. آڏواڻيءَ کي سنڌس ڪي ساٿي مروٽي سروٽي ڪيئن به پيش ڪن پر هند ۾ هن ڪان وڌيڪ سيڪيولر ڪو آهي ئي ڪونه!' ٿورن ئي لفظن مان ظاهر هئو ته لعل ۽ رام لڇيءَ جي سوال تي مقضاد آهن. اِن مٿئلي کي وڌيڪ نه ڇيڙيندي جينملاڻيءَ چيو، 'ها، باقي سنڌين کي ڇئن ''ڇچن' ڪان پري رهڻ گهرجي.

چڙهت، چٽاپيٽي - چاپلوسي ۽ چغلخوري.''

ٻئي ڏينهن جو سيٽڪ پروگرام سنڌ مان صادق فقير جي نعمن سان پورو ٿيو ۽ مهمانن ۽ مڪاني سنڌي ساهتيڪارن کي بسز ۽ ڪارس ۾ رام جينملاڻيءَ جي باغيچي واري گهر ۾ ڊنر لاءِ آندو ويو. ڊنر پنهنجو اَلوڪڪ رنگ لڳائي لڳائي آخر اُن حد تائين اَچي پهتي جو سيئي باغيچي جي ننڍڙي منچ جي اَڳيان ميڙاڪو ڪري صادق‌فقير جي نعمن ۽ شمشير آل- حيدري جي شاعري ۾ ڪوهجندا ويا ۽ رات پنهنجو نئون ۽ رنگين روپ اَپنائڻ لڳي.

ٽئين ڏينهن صبح جي چانهه، ناستي ڪانپوءِ هرڪو نه چاهيندي به موڪلائڻ جي محل سان نيائڻ لڳو. دهليءَ جي دوستن سڄي ڪاريه ڪرم جي بندوبست ۽ مهمان نوازي سان خوب متاثر ڪيو. شنيو جئسنگهاڻي ۽ بيا هرهڪ آيل مهمان کي اِسٽيشنن تي اُماڻڻ ته ڪونه ٿي وڃي سگهيا ان ڪري هوليءَ جي گيهرن جو هڪ هڪ پئڪيٽ، هڪ هڪ کي موڪلائڻ وقت ڏيندا ٿي ويا جيئن رستي تي کائيندا به وڃن ۽ ڳائيندا به وڃن.

# سن ۱۹۹۷ کان سن ۲۰۰۷
# سيا جو هڪ ڪامياب ڏاهو

سيا جي پتامهہ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سن ۱۹۹۷ع ۾ سيا جي پرڌان جون واڳون جئپور جي نوجوان اديب ۽ ڪلاڪار سندر اگناڻيءَ کي ڏنيون. اگناڻيءَ ترت ئي نئين ڪاروباري ڪاميابي جوڙي ڪم کي جنبي ويو.

سندر سيا سان گذريل ٽيهن سالن سان وابسط هو ۽ ڪيس سيا جي جوڙجڪ، مقصد ۽ ڪم جي بخوبي ڄاڻ هئي، ان ڪري هن کي سيا جي ڪم کي هلائڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي ڪانہ آئي. هن بمبئيءَ ۾ سيا جي نئين ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميڙ گهرائي، جوڙجڪ ۾ درستي ڪري، سيا جي ڪم کي مختلف ڀاڱن ۾ جهڙوڪ ساهت ڪلا، تعليم، نوجوانن جي ونگ، مهلائن جي ونگ ۾ اکل ڀارت سطح تي وراهي، سرگرم دوستن کي چيئرمن جو پد ۽ جوابداري سونپي، ڪم کي رفتار ڏني.

سيا جو مکيہ ڪم هو الڳہ الڳہ کيترن جي لائق شخصتين جو سنمان ڪري، کين اِنعامن جي نقد رقم ڏئڻ. وڌن انعامن جي رقم دان داتائن کان وڌارائي روپيہ ۲۵۰۰۰ ڪئي ويئي. نئين پرڌان پنهنجي شخصي ڪوشش سان شري دليپ ڪمار وي. لکيءَ کان پنجويهہ-پنجاهہ هزارن جا ٻہ نوان انعام برپا ڪرايا ۽ اُن بعد سنڌ جي اديبن ۽ فنڪارن جي قدرشناشيءَ لاءِ ڪلڪتي جي شري نانڪ ايم سبتاڻيءَ ۽ نوتن تولاڻيءَ (هانگہ ڪانگہ چائنا سنڌي اَئسوسئيشن) پاران پنجويهہ-پنجويهہ هزارن جا ٻہ ٻيا نوان اِنعام برپا ڪرايا. اُن سان گڏو گڏ دبئيءَ جي شريمتي آشا چاند پنهنجي پتا سرڳواسي اي. جي. اُتم جي ياد ۾ سنڌي ساهت ۾ لائيف ٽائيم اچيومينٽ

لاءِ رپيه پنجاهه هزارن جو ”اي. جي اُتم اوارڊ“ برپا ڪيو آهي. جيڪو سيا جي معرفت ڏنو ويندو آهي.
سيا طرفان اڳيءَ ئي هلندڙ ليکڪ سيمينار، ناٽڪ مها اُتسو ۽ ساهت سميلن جي پروگرامن ۾ واڌارو ڪري اکل ڀارت سنڌي سنگيت مها اُتسو، اکل ڀارت سنڌي لوڪ نرتيه اُتسو، ڀارت-پاڪ سنڌي سيمينار ليکڪ ، اِنعامي جلسو ”سهڻا سنڌي“ جهڙا نوان پروگرام جوڙيا ويا. سنڌي تهذيب کي زنده رکڻ لاءِ ”موهن جو دڙو“ جي سيپتا کان وٺي اڄ تائين جي سنڌين جي تهذيب ڏيکاريندڙ هڪ تواريخي بئلي ”سنڌو-ڌارا“ موهن گيهاڻيءَ کان خاص لکارائي، مشهور ڊانسر اَنيلا سندر ۽ اُن جي گروپ پاران ڏيهه پرڏيهه ۾ ڏيکارڻ جو بندوبست ڪيو ويو. اِن پروجيڪٽ تي سيا روپيه ڏيڍ لک خرچ ڪيا. ڊبئيءَ جي سنڌي سنگت سيا جي سهڪار سان ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو لکيل سيا جو قومي ترانو ”آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي“ پرسڌ ڳايڪ گهنشيام واسواڻي ۽ سندس ساٿين کان ڳارائي اُن جي هڪ سي.ڊي. ٺهرائي، جيڪا سنڌي قوم ۾ مفت ۾ ورهائي ويئي. نه صرف ايترو، پر اَنيلا سندر جا لوڪ نرتيه ۽ سنڌي سنگيت جا ويڊيو ڪئسيٽ ٺهرائي هند-سنڌ ۾ ورهايا ويا. اِن طرح سنڌيت جي پرچار پرسار جو نئون طريقو اَپنايو ويو جيڪو اڄڪلهه جي دؤر ۾ ڪارگر آهي.
سيا طرفان ليکڪ سيمينارن جي نئين شروعات ڪئي ويئي. قدرتي ماحول سان ڀرپور شانت جڳهين جي چونڊ ڪري ليکڪ سيمينار پشڪر، پچمڙهي، ڪاجوراهه ۽ مانڊو ۾ ڪوٺايا ويا جنهن ۾ نه صرف اَدبي بئٺڪون ٿيون، پر رات جو راڳ رنگ جي محفل ۽ مشاعرا به ٿيا. راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي زيرسايع سيا طرفان جئپور ۾ ٽن ڏينهن جو ڀارت پاڪ سنڌي ليکڪ سيمينار ۽ مشاعرو ڪيو ويو جنهن

۾ هندستان ۽ سنڌ جي بهترين اَديبن حصو ورتو. اُن بعد سيا طرفان جوڌپور جي شاندار سنڌو محل ۾ اِنڊو-پاڪ سيمينار ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي ١١ اديبن کي سيا جي عرض تي ويزا ملي هئي پر ڪن اَڻٽر سببن ڪري هو سيمينار ۾ وقت سر پهچي نہ سگهيا. سيا جي اَدبي چيئرمن ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي صلاح سان سيمينارن جي اَدبي بيٺڪن ۾ معياري پيپر پڙهيا ويا ۽ سچي ڪارروائي سهڻي ۽ سنجيدگيءَ واري ماحول ۾ هلائي ويئي.

سنڌي ناٽڪن کي زور وٺائڻ ۽ نوجوان اَداڪارن کي عوام اَڳيان آڻڻ لاءِ سيا طرفان هر سال هندستان جي جدا جدا شهرن ۾ اَکل ڀارت سنڌي ناٽڪ مها اُتسو ڪرايا ويندا آهن. هن ڏهاڪي ۾ اِنڊور، ڀوپال (ٻہ دفعا)، ناگپور (ٻہ دفعا) ۽ احمدآباد ۾ مشهور ناٽڪ منڊلين پنهنجا پنهنجا ناٽڪ پيش ڪيا. هنن ناٽڪ- مها اُتسون ذريعي مقبول ڪلاڪارن سان گڏو گڏ نون ڪلاڪارن کي بہ پنهنجي شهرن کان ٻاهر نڪري، پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکارڻ جو وجهہ مليو ۽ اِن سان گڏو گڏ هندي رنگ منچ جي سرگرم سنڌي اَداڪارن ۽ ڪلاڪارن کي سنڌي رنگ منچ سان بہ جڙڻ جو موقعو مليو مثال طور ڀوپال جو اَشوڪ بولاڻي، جئپور جو سريش سنڌو، ناگپور جو ڪشور لالواڻي ۽ جوڌپور جو هريش ديوناڻي.

مرڪزي ساهت اَڪادميءَ جي سهيوگ سان سال ٢٠٠٦ع سيا طرفان جئپور ۾ مشهور ناٽڪ نويس ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي هدايتڪاريءَ ۾ ناٽڪ لکڻ ۽ پيش ڪرڻ جي ڪلا تي ٽن ڏينهن جي هڪ ڪئمپ لڳائي ويئي. جنهن ۾ احمدآباد ڀوپال، دهلي، جئپور ۽ ناگپور جي ڪلاڪارن حصو ورتو ۽ مڪاني روبندر منچ تي پنهنجا تيار ڪيل ٻہ ناٽڪ بہ پيش ڪيا.

سنڌر جي آياڪاريءَ ۾ سيا طرفان هڪ ٻيو نئون

ڪرانتيڪاري قدم کنيو ويو. سنڌي سنگيت جي کيتر ۾ پراڻن ۽ اُڀرندڙ ڪلاڪارن کي اَکل ڀارت سطح تي منچ ڏيڻ لاءِ اَکل ڀارت سنڌي سنگيت مها اُتسو جي شروعات ڪئي ويئي آهي. پهريون مها اُتسو ناگپور ۾ سنڌي ساهت سڀا جي سهڪار ۽ رميش- سمن تلسياڻي ٽرسٽ جي سهيوگ سان سن ٢٠٠٢ع تي ڪيو ويو. جنهن ۾ خاص ڳالهه اِها تي جو غير سنڌي گايڪن به سنڌيءَ ۾ گيت پيش ڪري درشڪن کي جهومائي ڇڏيو. اُن بعد سڀا وک وڌائي هندستان جي ڏورانهين اولهه واري مهانگر ڪلڪتي ڏانهن، جتي سنڌين کي سنڌيت طرف مائل ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر درگا ٽاوراڻي ۽ سنڌو فائونڊيشن جي سهڪار سان ٻيون اَکل ڀارت سنڌي سنگيت مها اُتسوَ ڪيو، جتي گهنشيام واسواڻيءَ ۽ ڪاجل چنديراماڻيءَ جهڙن ناميارن ڳائيندڙن سان گڏ گريش ساڌواڻي، پايل ٻنيجا ۽ منجو شري آسوداڻيءَ جهڙن نوَن ڪلاڪارن پنهنجن مڌر سُرن سان ڪلڪتي جي درشڪن کي پهريون ڀيرو سنڌي سنگيت جو لطف وٺايو. ٽيون مها اُتسوَ اَحمدآباد ۾ سنڌو ڪلاڪار منڊل ۽ شري چندر ساوناڻيءَ ۽ سندس ساٿين جي سهيوگ سان ٿيو.

اِهو پهريون موقعو هو جو منچ تي هڪ ئي وقت مهيش چندر، گهنسيام واسواڻي، ڪاجل چنديراماڻي، ڪوشي لالواڻي (دبئي)، پون ڪمار، دشينت ڪمار آهوجا، اُما لالا، پدما گدواڻي، روپ گيهاڻي ۽ گريش ساڌواڻيءَ جهڙا پراڻا ۽ نوان اُسرندڙ ڪلاڪار اَچي گڏ ٿيا هئا. (ايندڙ چوٿون مها اُتسوَ ناگپور ۾ ڪرڻ رٿيو ويو آهي.)

سنڌيت جي ڪافلي کي اَڳتي وڌائڻ ۽ عام سنڌي ٻائرن ٻينرن ۾ لوڪپريه بڻائڻ لاءِ هڪ نئين تجويز ڪئي ويئي. جڳ پرسڌ سنڌي نرتيه ڪلاڪار اَنيلا سندر جي سهيوگ سان پهريون ڀيرو جئپور جي جواهر ڪلا ڪيندر جي ڪليل منچ تي

اَڪل ڀارت سنڌي لوڪ نرتيہ سماروهہ ڪيو ويو جن سماروهہ جي خاصيت اِها هئي جو سڄا سارا ست ڏينهن اَنيلا سندر سڪولي ٻارن کي سنڌي نرتيہ سيکاريا ۽ پوءِ پنهنجن ڪلاڪارن سان گڏ ست ڪلاڪارن جو ٽولو ناهي حشام ماڻهن جي سامهون مختلف نرتيہ جا اِسم پيش ڪيا ۽ درشڪن کي هڪ اَنوکي جادوءَ ۾ قابو ڪري ڇڏيو. اَهڙو ئي ٻيو سنڌي لوڪ نرتيہ ورڪشاپ ۽ سماروهہ ناگپور ۾ پڻ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو.

اَڳي سڀا جا ساليانا اِنعام هڪ سادي جلسي ۾ ڏنا ويندا هئا. ڪلاڪار سندر اَگناڻيءَ اِن انعامي جلسي جو نئون نالو ”سهڻا سنڌي“ رکي هر سال جدا جدا شهرن ۾ ڀيڪيدار پروگرام ڪرڻ شروع ڪيا، جتي ڪنهن نہ ڪنهن مشهور قومي هستيءَ جي مبارڪ هٿن سان اِنعام ڏياري، لائق شخصيتين جو سنمان ڪيو ويندو آهي. جئپور ۾ گورنر اَنشومان سنگهہ، ڀوپال ۾ مڌيہ پرديش جي مکيہ منتري دگوجيہ سنگهہ، ڪلڪتي ۾ دادا جشن واسواڻي، بمبئيءَ ۾ فلم ڊائريڪٽر گووند نهلاڻي، دهليءَ ۾ اڳوڻي پرڌان منتري اِندرڪمار گجرال، اَحمدآباد ۾ گورنر نول ڪشور شرما ۽ دهليءَ ۾ اڳوڻو نائب پرڌان منتري شري لال ڪرشن آڏواڻيءَ ۽ اڳوڻو قانون منتري شري رام جيٺملاڻي مکيہ مهمان طور جلسن ۾ آيا ۽ سڀا طرفان ساهت، ڪلا، ناٽڪ، تعليم، نرتيہ، سنگيت، اخبار نويسي سنڌيت ۽ چترڪاريءَ جي کيترن ۾ چونڊيل لائق شخصيتين جو سنمان ڪيو.

هند ۽ سنڌ جي اَديبن ۽ فنڪارن جي ناتن کي وڌيڪ مظبوط ڪرڻ لاءِ سڀا جي پرڌان سندر اَگناڻيءَ هڪ نئين روايت قائم ڪئي ۽ گذريل ڏهن سالن کان سنڌ جي برک اَديبن محمد اِبراهيم جويو، اَمر جليل ۽ شمشير ال حيدري ۽

ڳائيندڙ صادق فقير کي خاص سنڌ مان گهرائي، کين روپيه پنجويهه هزار ۽ هوائي جهاز جو ڀاڙو ڏيئي اُنهن جي عزت آفزائي ڪئي آهي. ”سهڻا سنڌي“ پروگرام جي موقعي تي گليزڊ پيپر تي هڪ رنگين بروچر پڻ شاع ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ نئشنل اوارڊ کٽندڙ جا فوٽو ۽ تفصيل ڏنل هوندا آهن. اِنعام حاصل ڪندڙن کي پڪر پهرائي، سڀا جو هڪ سهڻو يادگار (مومينٽو) ۽ اِنعامي رقم جو چيڪ ڏيئي سندن قدرشناسي ڪئي ويندي آهي.

هن سال يعني ۲۰۰۷ع ۾ سڀا پنهنجي گولڊن جبلي ملهائي. اُن موقعي تي ”دهلي هاٽ“ جي ڪليل رنگه منچ تي هڪ ييڪيدار ۽ شاندار پروگرام ڪيو ويو، جنهن جو مکيه مهمان اَڳوڻو قانون منتري ۽ راجيه سڀا جو ميمبر شري رام جيٺملاڻي هئو. هن پروگرام ۾ سڀا جي اُنهن هڏڏوکي ڪم ڪندڙن ۽ عهديدارن جي آجيان ۽ سنمان ڪيو ويو، جن سدائين پنهنجو رت ست ڏيئي سڀا جي بهبوديءَ لاءِ پتوڙيو آهي. سڀا جي برپا ڪندڙن مان حيات هڪ بزرگ تعليمدان ناگپور جي شري ديو ناٿاڻيءَ جو اِن موقعي تي خاص سنمان ڪيو ويو. مٿين پروگرامن کانسواءِ سڀا ٻين اَدبي سرگرمين ۾ به اَڳڀري رهي آهي. سن ۲۰۰۰ع ۾ شري گرو سنگت سڀا اَئسوسئيشن حيدرآباد جي نينڊ تي سڀا ۽ مرڪزي ساهتيه اَڪاڊميءَ طرفان حيدرآباد ۾ ٻن ڏينهن جو اَدبي سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ۲۱ صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت اَڳيان للڪارون وشيه تي ودوان ليکڪن پنهنجا-پنهنجا ويچار پيش ڪيا. مرڪزي ساهتيه اَڪاڊميءَ طرفان ”پنهنجو وجود“ ڪاريڪرم اَجمير ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ نوجوان شاعرا رشمي راماڻيءَ پنهنجي لکڻيءَ جي سرجن بابت ڳالهايو. اَهڙو ئي هڪ ٻيو پروگرام اَڪاڊميءَ طرفان جئپور ۾ رکيو ويو جنهن ۾

ناول نويس ۽ ڪهاڻيڪار ڪلا پرڪاش پنهنجيون رچنائون پڙهيون ۽ درشڪن جي رد عمل جو جواب ڏنو. پنهنجي پروگرامن ۾ سيا ڀاڱي ڀائيوار رهي. احمدآباد جي ويئن سنڌي چلڊرين آڪاڊميءَ جي ٻارن جو هڪ پروگرام بہ سيا طرفان جئپور ۾ رکيو ويو جنهن ۾ هريش ڪڪواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ ”متڪي جيڏو پيٽ“ نالي سان ٻارن جا گيت ۽ نرتيہ پيش ڪيا ويا.

سيا هڪ غير سرڪاري اِدارو آهي، جيڪو گذريل پنجاهہ سالن کان سنڌيت جي واڌاري لاءِ مسلسل سرگرم آهي. هيءَ ادارو سنڌي دانويرن جي مالي مدد سان هلي رهيو آهي. سيا کي ڏنل دان لاءِ اِنڪم ٽئڪس ڪاتي مان ڇوٽ بہ مليل آهي. سيا جڏهن بہ پنهنجا جلسا ڪندي آهي يا اوارڊ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪندي آهي تہ دان داتائن کي آدر سان سينڊ ڏيئي گهرائيندي آهي. ناگپور جي سنڌي ڊراما فيسٽيول ۾ دبئيءَ جو سيٺ مورجمل منگهناڻي مکيہ مهمان طور شامل ٿيو. دهليءَ جي اِنعامي جلسن ۾ هانگ ڪانگ مان شري نوتن تولاڻي، دبئيءَ مان شري ڀڳوان جينواڻي ڪلڪتي مان شري ڏانڪ ايم سمبتاڻي، بمبئيءَ مان شري چندر منگهناڻي ۽ رام جواهراڻي خاص مهمان طور شريڪ ٿيا، جن جو سنمان ڪيو ويو. اوارڊ ڪاميٽيءَ ۾ بہ هانگ ڪانگ جو نوتن تولاڻي ۽ بمبئيءَ جو دليپ وي لکي شامل ٿي چڪو آهي. سيا طرفان هڪ ننڍي نماڻي سنڌيت جي شيواڌاري شري چندر منگهناڻيءَ کي سيا-سهيوگہ سنڌي سپوت اوارڊ ۽ روپيہ ايڪونجاهہ هزارن جي ٿيلهي پيٽ ڪري سندس شيوائن جي قدرشناسي ڪندي سندس سنمان ڪيو ويو.

ڪنهن بہ سنستا لاءِ پنجاهہ سال پنهنجي جاتيءَ جي اديبن، ڪلاڪارن، تعليمدانن ۽ دانشوارن لاءِ يڪساهي ڪم

ڪندو رهڻ هڪ وڏي ڳالهه آهي. پر اسان کي فخر آهي ته جدا جدا شهرن ۾ رهندڙ نشڪام ساٿين اِهو ممڪن ڪري ڏيکاريو آهي. سيا سان سدائين گڏ آهن دادا ڪيرت ٻاٻاڻي، رام جواهراڻي، چندر منگهناڻي، ايسر ڪلياڻي، ديو ناٿاڻي، چندر ساوناڻي، جيٺو لالواڻي، پريم پرڪاش، ڪملا گوڪلاڻي، وشو ٻيلاڻي، شنيو جئسنگهاڻي، موهن همٿاڻي، موهن گيهاڻي، ڊي. ٽي. نرياڻي، لڇمڻ ٻمياڻي ۽ ٻيا انيڪ دلبر دوست.

هن وقت سيا جون ڏهن مکيه شهرن ۾ آفيسون آهن. دهليءَ آفيس جو چيئرمن شري شنيو جئسنگهاڻي ۽ سندس ساٿي وشو ٻيلاڻي ۽ موهن همٿاڻي، ڀوپال آفيس جو چيئرمن شري صابو ريجهواڻي ۽ سندس ساٿي اَشوڪ منواڻي ۽ گيان لالواڻي ۽ بمبئيءَ آفيس جو سيڪريٽري واسديو نرمل آهن. سيا کي جئپور آفيس ۾ پنهنجو ڪمپيوٽر ۽ اِسٽاف آهي. هر سال سِيا جا کاتا چارٽرڊ اَڪائونٽنٽ کان آڊٽ ڪرائي. جنرل باڊيءَ کان پاس ڪرايا ويندا آهن.

## ضميمو - ٧

# اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا

## (جوڙجڪ)

(درست ڪيل)

(جنوري ١٩٩٨)

### نالو :

(١) سنستا جو نالو ''اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا'' ٿيندو.

### مقصد :

(٢) سڀا جا مقصد هيٺيان ٿيندا.

الف- ڀارت جي سيڪيولر لوڪشاهيءَ هيٺ سنڌين جي اَڳهه هستي ۽ جدا-ڳانءِ سڃاڻپ کي قائم رکڻ، بچائڻ ۽ جاتيءَ جي سلامتي، آسودگي ۽ ترقيءَ لاءِ اُپاءُ وٺڻ.

ب- ڀارت جي وڌان مطابق سنڌين کي ٿورائي واري جاتيءَ جا حق وٺي ڏيڻ لاءِ جدو جهد ڪرڻ.

ٻ- ڀارت جي وڌان جي فقرن ٣٤٧ ۽ ٣٥١ مطابق سنڌي ٻولي ۽ ساهت ذريعي قومي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڀارت جي ٻين ٻولين سنئون ڀاڱو وٺڻ.

ڀ- سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ سنڌي تعليم جي واڌاري ۽ للت ڪلائن کي همٿائڻ لاءِ جوڳا قدم کڻڻ ۽ ڪوشش وٺڻ.

ٻ- هند سرڪار کان سنڌي ٻولي لاءِ هڪ ئي سنڌي لپيءَ جو اُصول قبول ڪرائڻ.

ت- سنڌي ساهتڪارن، ڪلاڪارن، تعليمدانن ۽ دانشورن کي همٿائڻ ۽ سنڌن جوڳي عزت اَفزائي لاءِ ضروري پروگرام عمل ۾ آڻڻ.

ث- ڀارت جي ٻين ٻولين جي ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن سان مترتا وڌائڻ، اُنهن سان ڏي وٺ ڪرڻ ۽ قومي ايڪتا جي ڀاونا کي

وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

(۳) جهنڊو :

سيا کي پنهنجو جهنڊو ٿيندو جو هن ريت ٿيندو:

هلڪي نيري رنگ جي، مستطيل پاسن واري ڪپڙي جي وچ ۾ ٿيندو گول اندر، سنڌي مٽڪو ۽ ساڄي پاسي مٿيرو، موهن جي دڙي واري نرتڪيءَ جو چٽر. جو هر ڪاريہ وقت جھولايو ويندو.

(۴) جاتي ترانو :

سيا جو جاتي ترانو موتي پرڪاش جو لکيل هيٺيون گيت ٿيندو، جيڪو سيا جي هر پروگرام جي شروعات ۾ ڳايو ويندو:

”آنديءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي،

متيءَ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي“ (سڄو ترانو)

(۵) جاتي ڏينهن -

سيا جو جاتي ڏينهن چيٽي چنڊ جو ڏينهن ٿيندو، جيڪو ”سنڌيت ڏينهن“ ڪري ساري ڀارت ۾ سيا طرفان ملهايو ويندو.

(٦) مرڪزي آفيس :

سيا جي رجسٽرڊ آفيس بمبئيءَ ۾ رهندي، پر جنهن شهر ۾ سيا جي چونڊيل پرڌان جي رهائش هوندي، اُتي سيا جي ڪاروباري آفيس رهندي.

(۷) ميمبري :

سيا جي ميمبري ٻن قسمن جي ٿيندي،

(الف) شامل سنسٿائون

(ب) سدا ميمبر

سنڌي ليکڪ، ڪلاڪار، تعليمدان ۽ پترڪار، ڪن بہ ٻن ڪاروباري ڪاميٽي ميمبرن جي سفارش سان سيا جا ميمبر ٿي سگهندا.

(۸) في :

(الف) ميمبرن کان سوَ روپيہ ساليانيِ في يا پنج سوَ روپيہ لائيف ميمبرشپ في ورتي ويندي.

(ب) ڊيليگيٽ في پنجويهہ روپيہ ورتي ويندي.

(پ) شامل ٿيل سنستا کي آڏائي سوَ روپيہ شموليت في هڪ ئي ڀيري ۾ ڏيڻي پوندي.

شامل سنستائون :

(۹) سيا سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي مرڪزي سنستا تي رهندي ۽ سنڌي ٻولي، ساهت ۽ ڪلا سان واسطو رکندڙ ٻين سنستائن کي پاڻ سان شامل ڪندي، بشرطيڪ اُنهن جا مقصد سيا جي مقصدن جهڙا هوندا. شامل سنستا ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۲۵ ميمبر هوندا.

شموليت جا نيم هيٺيان رهندا :

(الف) هر هڪ شموليت لاءِ خواهشمند سنستا کي لکيت ۾ سيا سان شامل ٿيڻ لاءِ درخواست ڪرڻي پوندي، تنهن سان گڏ پنهنجي جوڙجڪ جي ڪاپي، ميمبرن ۽ عهديدارن جي لسٽ بہ موڪلڻي پوندي.

(ب) شامل ٿيل سنستا، هر سال پنهنجي ميمبرن جي گهٽ وڌ ٿيڻ جو اطلاع موڪليندي ۾ نون عهديدارن جي لسٽ پڻ موڪليندي.

وياڳ :

(۱۰) ڪاريہ کي سهٽي ۽ رٿائتي نموني هلائڻ لاءِ ڪم جي ورڇ ڪري، هيٺيان وياڳ مقرر ڪيا ويا آهن.

(الف) ساهتڪ وياڳہ

(ب) سانسڪرتڪ وياڳ

(پ) تعليم وياڳ

(پ) اِستري وڀاڳ
(ڀ) نوجوان وڀاڳ
(ت) پرڏيهي وڀاڳ

اِهي وڀاڳ سڀا جي زير-سايع پنهنجا پروگرام پنهنجي ليکي ڪندا. سندن رٿا منظور ٿيڻ تي سڀا سڄي خرچ جو پنجويهه سيڪڙو خرچ پاڻ تي هموار ڪندي.

ڪاروباري ڪاميٽي :

۱۱. سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي جملي ميمبرن جو تعداد ۳۵ ٿيندو، جنهن مان سميلين وقت، عيوضي ڊيليگيٽ ۱۳ ميمبر چونڊيندا. باقي ۴ ميمبر سڀا جو صدر نامزد ڪندو، جن جي نالن جي پڌرائي صدر مٿينءَ چونڊ جي تاريخ کانپوءِ دير ۾ دير ٽن مهنن جي اندر ڪندو.

(الف) ڪاروباري ڪامٽيءَ تي صرف اُهي شخص چونڊيا ويندا، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن شامل سنستا يا سڀا جا سڌا ميمبر هوندا ۽ واسطيدار سنستا طرفان يا سڀا جي ميمبر جي حيثيت ۾ ڊيليگيٽ ميمبر طور سميلن ۾ شامل ٿيا هوندا. صرف ڪن غير رواجي حالتن ۾ غير حاضر شخص کي ڪاروباري ڪاميٽيءَ تي چونڊي سگهبو، بشرطيڪ هنجي رضامندي (لکيت ۾) سميلن وقت موجود هوندي ۽ هو ڪنهن نہ ڪنهن نموني ڊيليگيٽ چونڊيو ويو هوندو.

(ب) ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي چونڊ رواجي طرح هٿ کڻڻ سان ڪئي ويندي، پر حاضر عيوضي ڊيليگيٽن جي چوٿين پتيءَ جي لکيت ۾ گُهر ڪرڻ تي لڪل ووٽ رستي چونڊ ڪئي ويندي.

(پ)- ڪاروباري ڪاميٽي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي دفعا ضرور

گڏ ٿيندي.

(پ)- ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ڪورم ڏهہ ٿيندو.

(ت) - ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميٽ جو اِطلاح ميٽ جي تاريخ کان ١۵ ڏينهن اَڳہ سيني ميمبرن کي ٽپال رستي موڪليو ويندو، جنهن ۾ ميٽ جو وقت، جڳهہ ۽ ايجنڊا شامل ڪيا ويندا. ڪورم نہ هئڻ ڪري محمل ٽيل ميٽ ڏنل وقت جي هڪ ڪلاڪ کانپوءِ باقائدي ساڳيءَ جڳهہ تي ٿي سگهندو جنهن لاءِ اِطلاع ۽ ڪورم جي ضرورت نہ ٿيندي. ڪنهن بہ ميمبر کي اِطلاع ۽ ڪورم نہ پهچڻ جي حالت ۾ ڪاميٽيءَ جو ميٽ رد نہ سمجهيو ويندو.

(ٽ)- ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميمبر بنا واجبي سبب چاٽائڻ جي جيڪڏهن ڪاميٽيءَ جي ٻن لاڳيتن ميٽن ۾ حاضر نہ رهيو تہ هو ڪاميٽيءَ تان خارج سمجهيو ويندو. واجبي سبب جو فيصلو خود ڪاروباري ڪاميٽي ڪندي.

(ث)- ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي صدارت سڀا جو پرڌان ڪندو. پرڌان جي غير حاضريءَ ۾ ڪوبہ اُپ پرڌان ميٽنگہ جي ڪارروائي هلائيندو ۽ ٻنهين جي غير-حاضريءَ ۾ حاضر ميمبرن مان، چونڊيل ميمبر وقت جو سڀاپٽي بڻجي ڪارروائي هلائيندو. ميٽ جي صدارت ڪندڙ کي ڪنهن بہ سوال تي ووٽن جي برابريءَ جي حالت ۾ پنهنجي ووٽ کان سواءِ فيصلو ڪندڙ (ڪاسٽنگہ) ووٽ جو حق رهندو.

(ٿ) - ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ڏهن ميمبرن جي لکيت ۾ گهر ڪرڻ تي جنرل سيڪريٽري هڪ مهني اَندر ڪاميٽيءَ جو خاص ميٽ سڏائيندو جنهن جو اِطلاع ۽ ڪورم وغيره رواجي ميٽ وانگر ٿيندو پر اُن ميٽ ۾ صرف گهر ڪيل اِسمن جو نيڪال ڪيو ويندو. اگر جنرل سيڪريٽري مقرر وقت اَندر اِهو ميٽ سڏائڻ ۾ گٿو تہ سڀا جي صدر کي اَختياري رهندي تہ هو اِهو ميٽ سڏائي ۽ ضروري ڪارروائي ڪري.

## ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ڪم ۽ اختياريون

(١٢) ٻن سميلن جي وچ واري عرصي ۾ ڪاروباري ڪاميٽيءَ کي ٺي جملي اعليٰ اختياريون رهنديون ۽ هيٺيان ڪم سرانجام آڻيندي:

الف: ڪاروباري ڪاميٽي سميلن جا ٺهراءَ ۽ سڀا جا فيصلا عمل ۾ آڻيندي.

ب: ڪاميٽي سڀا جي اُديشن جي پوئواريءَ لاءِ ضروري ڪاروبار جي سرانجامي ۽ خرچ پڪو ڪندي.

ڀ. ڪاروباري ڪاميٽي ڪنهن بہ خاص ڪم لاءِ سب ڪاميٽي مقرر ڪري سگهي ٿي جنهن کي پنهنجو سيڪريٽري يا ڪنوينر ٿيندو، جيڪو بہ ڪاروباري ڪاميٽي مقرر ڪندي. ننڍي ڪاميٽي پنهنجي ڪم جي رپورٽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ کي ڏيندي رهندي.

(پ) ڪاروباري ڪاميٽي ساليانی اجلاس جي موقعي تي آيل ٺهراءَ ويچار هيٺ آڻيندي ۽ انهن جا مسوُدا تيار ڪري، عيوضي ڊيليگيٽن جي ميڙ اَڳيان پيش ڪندي.

(ت) ساهت سميلن جي الڳ الڳ بيٺڪن جا چيئرمن سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽي رواجي طور ساهت سميلن جي تاريخ کان هڪ مهنو اڳ ۾ مقرر ڪندي، البت اُن باري ۾ سڀا جي وياڳن ۽ شامل سنستائن کان اڳواٽ صلاح ڳهرائي ويندي.

(ٿ) هيٺين عهديدارن جي هڪ اسٽئنڊنگ ڪاميٽي هوندي جيڪا سڀا جي پروگرامن ۽ ڪمن لاءِ فصيلا ڪري ترت ڪم جو نيڪال ڪندي.

١. پرڌان

٢. اُپ پرڌان

٣. ڇهن ئي وياڳن جا چئرمن

٤. جنرل سيڪريٽري

۵. ٻئي سيڪريٽري

٦. خزانچي

۷. چيف پيٽرنس

(ٿ) ڪاروباري ڪاميٽي ڪنهن به وياڳ بابت شڪايت اچڻ تي واسطيدار وياڳ جي حساب ڪتاب يا ٻئي ڪاروبار جي چڪاس لاءِ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي ضروري ڪارگذاريءَ کانپوءِ ڪاروباري ڪاميٽيءَ کي رپورٽ پيش ڪندا، جنهن جي بنياد تي ڪاروباري ڪاميٽي ضروري هدايتون ڏيئي يا قدم کڻي سگهي ٿي.

(ٽ) ساڳيءَ طرح به ڪاروباري ڪاميٽيءَ کي سڀا جي اُديش جي پورائيءَ لاءِ ضروري قدم کڻڻ يا ڪوبه پروگرام رٿڻ جي اختياري رهندي.

(۱۲) سڀا جا عهديدار:

سڀا جا هيٺيان عهديدار ٿيندا:

(۱) پريزيڊنٽ (هڪ)

(۲) وائيس پريزيڊنٽ (هڪ)

(بمبئيءَ کان ٻاهر جو پريزيڊنٽ هئڻ جي حالت ۾ وائيس پريزيڊنٽ بمبئيءَ جو ٿيندو)

(۳) ڇهن وياڳن مان هرهڪ جو چيئرمن (ڇهه)

(هنن جو درجو وائيس پريزيڊنٽ جهڙو ٿيندو)

(۴) جنرل سيڪريٽري (هڪ)

(جنهن شهر ۾ پرڌان جي رهائش هوندي اُتان جو جنرل سيڪرٽريٽري ٿيندو)

(۵) خزانچي (هڪ)

(جنهن شهر ۾ پرڏان جي رهائش هوندي اُتان

جو خزانچي ٿيندو)

(٦) سيڪريٽري (ٻه)

(هڪ سيڪريٽري پرڏان جي رهائش واري شهر جو ۽

هڪ سيڪريٽري بمبئيءَ جو ٿيندو)

**(١٤) عهديدارن جا ڪم ۽ ذميواريون :**

الف- سڀا جي پرڏان کي سڀا جي سموري ڪاروبار مٿان چڪاس ۽ نظرداريءَ جو حق رهندو.

ب- سڀا جي جنرل سيڪريٽريءَ تي سڀا جي مرڪزي ڪاروباري آفيس جي ديکڀال ۽ سڀني ڪم جي نيڪال جي ذميواري رهندي.

ٻ- جنرل سيڪريٽريءَ، تي سڀا جي ساليانيءَ حساب ڪتاب کي آڊٽ ڪرائڻ ۽ ساليانيءَ ڪم جي رپورٽ تيار ڪرڻ جي ذميواري رهندي.

ڀ- جنرل سيڪريٽري، پرڏان جي صلاح سان سڀا جي شاخن کي ضروري اِطلاع ۽ هدايتون موڪليندو ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميڙ سڏائيندو.

پ - جنرل سيڪريٽري عام لکپڙه توڙي سرڪاري ادارن سان خط-و-ڪتابن جو نيڪال ڪندو.

ت - جنرل سيڪريٽري ڪاروباري ڪاميٽيءَ اڳيان گذريل عرصي جي ڪم جي رپورٽ لکيت ۾ پيش ڪندو.

ٽ - سڀا جو سيڪريٽري سڀا جي ڪاروبار ۽ ڪاريه ۾ جنرل سيڪريٽريءَ سان ٻانهن ٻيلي ٿي رهندو.

ٿ- سڀا جو خزانچي سڀا جو ساليانو حساب ڪتاب رکندو ۽ سموري خرچ پکي جو اِنتظام ڪندو.

(١٥) ساليانو اِجلاس ۽ ساهت سميلن :

هر ٻئين سال رواجي طور ڊسمبر تائين سيا ساليانو سميلن سڏائيندي. ڪن اَڻٽر حالتن ۾ اِن بابت فيصلي جو حق ڪاروباري ڪاميٽيءَ کي رهندو.

الف- هرهڪ شامل سنستا پنهنجي پنجويهن ميمبرن پنيان هڪڙو عيوضي ڊيليگيٽ سميلن ۾ موڪليندي، جنهن کي سميلن جي هر ڪاريه ۾ برابريءَ جو ڀاڱه وٺڻ جو حق رهندو. سڏا ٿيل ميمبرن کي به ساڳيو حق رهندو.

ب -موجوده ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر پڻ عيوضي ڊيليگيٽ سمجهيا ويندا ۽ پرڏان کي حق رهندو ته ڪن به حاضر شخص کي عيوضي ڊيليگيٽ نامزد ڪري، جن جو تعدا ڏهن کان وڌيڪ نه ٿيندو.

ٻ- سميلن ۾ سڀ فيصلا عيوضي ڊيليگيٽن جي گهڻائي واري راءِ سان ڪيا ويندا.

پ- هرهڪ شامل سنستا پنهنجي ڊيلگيٽن جي مڪمل ياداشت، نالو، ڏنڌو، عمر، ڪمائي وغيره، گڏ ڪيل ڊيليگيٽ فيءَ سان گڏ مرڪزي آفيس کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهنو اَڳه ۾ موڪليندي. هن فقري جي ڀڃڪريءَ جي حالت ۾ اِنهيءَ شامل سنستا جي ڊيليگيٽن کي سميلن ۾ ڪنهن به قسم جو ڀاڱه وٺڻ جو حق نه رهندو.

ڀ- سميلن جا عيوضي ڊيليگيٽ اُهي ميمبر ٿي سگهندا، جيڪي جوڙجڪ ۾ مقرر ڪيل تاريخ اَندر شاخ جا ميمبر ٿيا هوندا.

ت- شامل سنستا جو ڪوبه ميمبر يا ٻيو ڪوبه سنڌي، جنهن جو سيا جي اُديشن ۾ پورن وشواس هوندو، سو مقرر ڊيليگيٽ فيءَ ۽ ٻيون ضروري رقمون ڏيئي درشڪ ڊيليگيٽ طور ساهت سميلن ۾ شامل ٿي سگهندو. اهڙي درشڪ يا اَيسوسيئيٽيڊ ڊيليگيٽ کي سيا جي ڪاروباري ڳالهين کان سواءِ سيني پروگرامن ۾ شامل ٿيڻ

جو اڳڪار رهندو.

ٺ- سميلن جي صدارت آل پارٽ سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو موجوده صدر ڪندو.

**(١٦) آجيان ڪاميٽي :**

آجيان ڪاميٽي واسطيدار شهر جي شامل سنستا طرفان ڪڙي ڪئي ويندي جنهن تي مڪاني سنستا سان واسطو رکندڙ شخص ڪانسواءِ ٻين هم خيال شخصن کي شامل ڪري سگهجي ٿو.

الف: سميلن جي سموري بندوبست جي ذميواري آجيان ڪاميٽيءَ تي رهندي.

ب- آجيان ڪاميٽي ڪم جي ورهاست لاءِ ۽ پيسي گڏ ڪرڻ لاءِ جدا جدا ڪاميٽيون ٺاهيندي ۽ سميلن جي خرچ پکي جو حساب ڪتاب رکندي.

ٻ- آجيان ڪاميٽي سميلن بعد ٻن مهنن اندر سميلن جو حساب ڪتاب آڊٽ ڪرائي مرڪزي آفيس کي موڪليندي.

پ- سميلن جي خرچ مان بچت جو اڌ حصو مرڪزي آفيس کي ملندو ۽ اڌ حصو مڪاني سنستا کي ملندو. سڀا سميلن جي خرچ ۾ کوٽ لاءِ جوابدار نه رهندي.

**(١٧) ٺهراءِ :**

ساليانى اجلاس جي ويچار لاءِ ڪو به عيوضي ڊيليگيٽ يا ميمبر يا شامل سنستا، ڪو به ٺهراءُ موڪلي سگهي ٿي، پر اهڙو ٺهراءُ سميلن جي تاريخ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهنو اڳ مرڪزي آفيس ۾ پهچڻ گهرجي. ساليانى اجلاس آڏيان اُهي ئي ٺهراءُ پيش ڪيا ويندا جيڪي ڪاروباري ڪاميٽيءَ قبول ڪيا هوندا. البت جيڪڏهن ڪو به ٺهراءُ ڪاروباري ڪاميٽيءَ کي قبول نه پيو ته پنهنجو فيصلو ڪرڻ کان اڳ واسطيدار شخص کي سمجهائيءَ جو حق ڏيندي.

(١٨) انتظام:

آگر ڪو به ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميمبر يا عهديدار، شامل سنستا جو ڪو عهديدار، سڀا جي مقصدن، نيمن يا فيصلن خلاف ويندو يا ٻيءَ طرح سڀا جي ڪاريه يا ناموس کي سڌي يا اڻ سڌي نموني ڌڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪندو ته سڀا جي صدر کي اختيار رهندو ته اِن حالت ۾ هو اِنتظامي قدم کڻي:

الف- مٿين حالت ۾ واسطيدار ميمبر يا عهديدار يا شامل سنستا جي عهديدارن تي حڪم جاري ڪري صدر هن کي اهڙي هلت کان باز اچڻ جي هدايت ڪندو ۽ اهڙي هلت لاءِ سمجهاڻي گهرندو.

ب- آگر واسطيدار شخص اهڙي هدايت جي پندرهن ڏينهن اندر خاطر خواه تعميل نه ڪئي يا گهربل سمجهاڻي نه ڏني يا صدر جي ويچار ۾ اِها سمجهاڻي صحيح يا واجبي نه لڳي ته هن کي اختيار رهندو ته اهڙي شخص خلاف قدم کڻي عارضي طور اهڙي عهديدار کي موقوف (سسپينڊ) ڪري ڇڏي.

(ب) اهڙي قدم جي بحاليءَ لاءِ اهو سوال ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ايندڙ ميڙ ۾ رکيو ويندو. ڪاروباري ڪاميٽي آخرين طور فيصلو ڪرڻ کان اڳ واسطيدار شخص کي پنهنجو طرف رکڻ جو آڌڪار ڏيندي.

(پ) ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو فيصلو آخرين ٿيندو، جنهنجي پوئواري واسطيدار شامل سنستا ڪندي.

(١٩) مربي:

سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽي ڪنهن به سڄڻ کي مربي (پيٽرن) ڪري قبول ڪري سگهي ٿي، بشرطيڪ اِهو صاحب سڀا جي ڪاريه لاءِ هڪ هزار يا هزار کان وڌيڪ رپيا دان ڏئي. ڪاروباري ڪاميٽي اهڙن مربين جي باري ۾ نيم ٺاهيندي. مربين مان حاصل ڪيل رقم محفوظ رکي ويندي، باقي اُن مان ٿيل اُپراسو سڀا جي ڪاريه ۾ لڳايو

ويندو. سڀا جا اُهوئي پرڏان، سڀا جا مَين مربي (چيف پيٽرن) ٿيندا. سميلن وقت مربين کي ووٽ ڏيڻ جو حق ڪونه هوندو.

(٢٠) عيوضي اجلاس :

سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ کي اَختياري رهندي تہ ڪن ضروري ۽ نازڪ حالتن هيٺ عيوضي اِجلاس (ڪنوينشن) ڪوٺائي سگهي. اِجلاس ۾ شامل سنستا جا عيوضي ٢٥ بنيادي ميمبرن پنيان هڪ جي حساب سان ياڳہ وٺندا، ٢٥ کان گهٽ ميمبرن واري شامل سنستا کي پڻ هڪ عيوضي موڪلڻ جو حق رهندو. اَهڙي اِجلاس ۾ ڪيل فيصلا سڀا جا فيصلا ليکيا ويندا، جن تي ڪاروباري ڪاميٽي عمل ڪندي ۽ ايندڙ ساليانو سميلن کان اَهڙن فيصلن بابت منظوري ورتي ويندي.

(٢١) جوڙجڪ ۾ درستيون :

سڀا جي جوڙجڪ ۾ درستيون ۽ تبديليون فقط ساليانو سميلن وقت ٿي سگهنديون :

(الف) جوڙجڪ ۾ درستيءَ لاءِ رٿ سڀا جي ڪاروباري آفيس کي سميلن جي تاريخ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهنو اَڳ پهچڻ گهرجي.
(ب) هرهڪ درستيءَ تي رٿ آڻيندڙ ۽ اُن کي ٽيڪو ڏيندڙ عيوضي ڊيليگيٽ جي صحيح هئڻ گهرجي.
(پ) اَگر رٿ آڻيندڙ ۽ ٽيڪو ڏيندڙ عيوضي ڊيليگيٽ سميلن وقت حاضر نہ هوندا تہ اِها درستي پيش نہ ٿي سگهندي.
(ڀ) جوڙجڪ ۾ ڪابہ درستي يا تبديل سميلن ۾ حاضر عيوضي ڊيليگيٽن جي ٢ ڀاڱي ٣ حصي جي گهڻائيءَ سان بحال ٿي سگهندي.

# سنڌين طرفان پڌرنامو

سنڌي جاتيءَ ديش جي آزاديءَ لاءِ عظيم قرباني ڏني جو کين پنهنجو وطن سنڌ ڇڏڻو پيو. ڇاڪاڻ ته کنهن به رٿائتي نموني سنڌين کي کنهن خاص ٽڪري ۾ کين وسايو ويو، تنهن ڪري سنڌي ساري ديش ۾ ٽڙي پکڙي ويا ۽ سياسي طور ڪمزور بڻجي پيا. اگر هو کنهن هڪ هنڌ وسيل هجن ها ته آدمشماريءَ جي حساب سان گهٽ ۾ گهٽ ڇهه عيوضي ڀارت جي پارليامينٽ ۾ ۽ ٽيهه ميمبر راڄيه اسيمبليءَ تي چونڊجي سگهن ها.

آزاديءَ بعد جي چاليهن سالن جي آزمودي مان ظاهر آهي ته سنڌين کي ڀارت جي راڄنيتيءَ ۾ ڪوبه آواز ڪونهي. تنهنڪري هنن سان پورو اِنصاف ڪونه ٿيو آهي. سياسي، تعليمي ۽ سماجڪ کيترن ۾ هر ننڍي وڏي ڳالهه لاءِ سنڌيءَ کي ٻاڏائڻو پيو آهي. اِن دکدائڪ حقيقت جو ڪلاسڪ مثال اِهو آهي جو سنڌي ڀاشا کي ڀارت جي وڌان ۾ تسليميءَ لاءِ لنبا سورهن سال ترسڻو پيو.

ڀارت دنيا جي وڏي ۾ وڏي لوڪشاهي آهي، جتي آن-ڏهن لکن کان ويندي ويهن لکن جي جاتين کي پنهنجو زمين جو ٽڪرو، پنهنجي سرڪار، پنهنجي پراديشڪ اَسيمبلي ۽ ڀارت جي پارليامينٽ ۾ پنهنجا عيوضي چونڊي موڪلڻ جا مڙيئي حق مليل آهن، اُتي هڪ اڳاٽي، سيبه ۽ روشن دماغ سنڌي جاتيءَ جي پنجاهه لک نگرواسين کي ڀارت جي پارليامينٽ توڙي پراديشڪ اَسيمبلين ۾ هڪڙو به عيوضي چونڊڻ جو حق نه هجي، جيڪو سندن دکن، تڪليفن، مسئلن ۽ واجبي حقن بابت آواز اُٿاري سگهي، سا ڳالهه ڀارت جي لوڪشاهيءَ لاءِ

نهايت ڏکدائي حقيقت آهي. سنڌي جاتيءَ کي ڀارت جي راڄنيتي ۾ حصيداريءَ کان محروم رکڻ اِنصاف، حق ۽ برابريءَ جي خلاف آهي، جا ڳالهه خود ڀارت جي وڏن جي اوچ آدرش جي ورڌ آهي.

تنهنڪري آسين سنڌي جاتيءَ جا فرد زوردار تقاضا ٿا ڪريو تہ هيءَ ڀيدي دستور بند ٿيڻ گهرجي. سنڌي جاتيءَ جي ڀارت اندر خاص حيثيت (بنا راڄيہ) جو خيال رکي، اُنکي خاص ٿورائيءَ واري جاتي شماري، سنڌن لاءِ ڀارت جي پارليامينٽ توڙي راڄيہ آسيمبلين ۾ واجبي انداز ۾ جڳهيون محفوظ رکيون وڃن.

آسين ڀارت جي راشٽرپتي، پرڌان منتري ۽ سيني سياسي پارٽين جي سرڪردن کي آپيل ٿا ڪريون تہ اِنصاف ۽ حق تي ٻڌل سنڌي جاتيءَ جي هن طلب جي پٺڀرائي ڪن ۽ ڀارت جي وڏن ۾ جوڳي درستي آڻڻ لاءِ پورا يتن وٺن.

## آکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا
## سال ١٩٨٨ سنڌين جي راڄنيتي حقن جو سال

- سنڌين کي خاص ٿورائيءَ واري جاتي تسليم ڪريو
- سنڌين کي برابريءَ جي بنياد تي راڄنيتي حق ڏيو
- سنڌي ٻولي،ساهت،ڪلچر ۽ تعليم جي وڪاس لاءِ سهوليتون ڏيو.
- لائق سنڌين کي وڏن سرڪاري عهدن تي مقرر ڪريو
- سنڌي پڌيمانن جو اُپاڏين سان جوڳو قدر ڪريو

(نوٽ : هيءُ پڌرنامو ٢٠ مارچ ٨٨ تي چيٽي چنڊ جي موقعي تي بڙودا جي ڏهہ هزار سنڌين ۽ ٣٠ مارچ ١٩٨٨ تي آکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي منچ تي هزارين سنڌين هٿ مٿي ڪٽي يڪراءِ پاس ڪيو. ڀارت جي سيني سنستائن کي پڻ هيڙي قسم جو نهراءُ پاس ڪري سرڪار کي موڪلڻ لاءِ آپيل ڪئي.)

# سيا طرفان آکل ڀارت سطح تي ساهت سميلن

| سال | شهر جو نالو | صدارت ڪندڙ جو نالو | پرڌان جو نالو | جنرل سيڪريٽري جو نالو | ڊيليگيٽن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|---|
| ١٩٥٧ | دهلي | ڊاڪٽر راڌاڪرشنن | لالسنگهه اَجواڻي | ڪيئو سئناڻي | ٢٠٠ |
| ١٩٥٨ | بمبئي | همايون ڪبير | جيرامداس ڊي | جهمٽمل ڀاوناڻي | ٦٠٠ |
| ١٩٥٩ | ناگپور | ڀڳواندين | نارائڻداس ملڪاڻي | اي.جي.اُتم | ٨٠٠ |
| ١٩٦٠ | آديپور | ڪاڪا ڪاليڪر | منگهارام ملڪاڻي | اي.جي.اُتم | ١٨٠٠ |
| ١٩٦١ | ڀوپال | شنڪر ديال شرما | لالسنگهه آجواڻي | اي.جي.اُتم | ١٠٠٠ |
| ١٩٦٣ | ڄئپور | موهنلعل سکاڙيا | رام پنجواڻي | گوبند مالهي | ٩٠٠ |
| ١٩٦۴ | لکنئو | سچيتا ڪرپالاڻي | ٻوچراج ناگراڻي | گوبند مالهي | ٢٠٠٠ |
| ١٩٦٦ | بئنگلور | وي.وي.گري | ٻوچراج ناگراڻي | گوبند مالهي | ٢٢٠٠ |
| ١٩٧١ | آلور | رگهوناٿ ريڊي | ٻوچراج ناگراڻي | اي.جي.اُتم | ٨٠٠ |
| ١٩٧٣ | بمبئي | راماراءُ آدڪ | ڪيرت ٻاٻاڻي | موتي پرڪاش | ٢٠٠٠ |
| ١٩٧۴ | دهلي | اِندرڪمار گجرال | ڪيرت ٻاٻاڻي | پوپٽي هيراننداڻي | ٢٠٠٠ |
| ١٩٧٥ | ڀوپال | -- | ڪيرت ٻاٻاڻي | پوپٽي هيراننداڻي | ٦٠٠ |
| ١٩٧٦ | آديپور | هري دلگير | ڪيرت ٻاٻاڻي | موهن ڪلپنا | ٨٠٠ |
| ١٩٧٨ | سنڌونگر | حشو آڏواڻي | ڪيرت ٻاٻاڻي | موهن ڪلپنا | ٣٠٠٠ |
| ١٩٨٠ | پاليتانا | آچاريه ڀڳوانديو | ڪيرت ٻاٻاڻي | ليکچند مست | ٨٠٠ |
| ١٩٨٣ | بڙودا | چندرڪانت پٽيل | گوبند مالهي | ليکچند مست | ٦٠٠ |
| ١٩٨٧ | گانڌيڌام | اُشا پيرج مهتا | گوبند مالهي | گورڌن چوڌري | ١٠٠٠ |
| ١٩٩١ | اِنڊور | دوارڪو سندراڻي | ڪيرت ٻاٻاڻي | گورڌن چوڌري | ١٠٠٠ |
| ١٩٩٣ | بڙودا | موهن سنگهه راٺوا | ڪيرت ٻاٻاڻي | گورڌن چوڌري | ٣٠٠ |
| ١٩٩٧ | ڄئپور | ڀئرءُ سنگهه سيکاوت | ڪيرت ٻاٻاڻي | گنو سامتاڻي ۽ هري پنڪج | ٨٠٠ |

# اَکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ساهت سڀا طرفان

| اَکل ڀارت سطح جا ليکڪ سيمينار | | اَکل ڀارت سطح جا ناٽڪ ميلا اُتسوَ | |
|---|---|---|---|
| (۱) اَحمدآباد (گجرات) | ۱۹۷۴ | (۱) ڪلڪتو (ويسٽ بنگال) | ۱۹۷۲ |
| (۲) اِنڊور (مڌيہ پرديش) | ۱۹۷۵ | (۲) بمبئي (مهاراشٽر) | ۱۹۷۴ |
| (۳) آبو (راجستان) | ۱۹۷۶ | (۳) ڀڙودا (گجرات) | ۱۹۷۶ |
| (۴) دهلي (راڄڌاني) | ۱۹۷۸ | (۴) ناگپور (مهاراشٽر) | ۱۹۷۷ |
| (۵) لوناوالا (مهاراشٽر) | ۱۹۷۹ | (۵) دهلي (راڄڌاني) | ۱۹۷۸ |
| (۶) دهلي (راڄڌاني) | ۱۹۸۰ | (۶) دهلي راڄڌاني | ۱۹۸۵ |
| (۷) نئنيتال (اُتر پرديش) | ۱۹۸۱ | (۷) بمبئي (مهاراشٽر) | ۱۹۸۶ |
| (۸) لوناوالا (مهاراسٽر) | ۱۹۸۲ | (۸) ڄئپور (راجستان) | ۱۹۸۸ |
| (۹) آبو (راجستان) | ۱۹۸۳ | (۹) بمبئي (مهاراشٽر) | ۱۹۹۰ |
| (۱۰) لکنؤ (اُتر پرديش) | ۱۹۸۴ | (۱۰) اَحمدآباد (گجرات) | ۱۹۹۷ |
| (۱۱) ڄئپور (راجستان) | ۱۹۸۵ | (۱۱) اِنڊور (مڌيہ پرديش) | ۱۹۹۸ |
| (۱۲) پونو (مهاراشٽر) | ۱۹۸۶ | (۱۲) ڀوپال (مڌيہ پرديش) | ۱۹۹۹ |
| (۱۳) اَحمدآباد (گجرات) | ۱۹۸۸ | (۱۳) اَحمدآباد (گجرات) | ۲۰۰۳ |
| (۱۴) ناگپور (مهاراشٽر) | ۱۹۹۱ | (۱۴) ناگپور (مهاراشٽر) | ۲۰۰۴ |
| (۱۵) ڄئپور (راجستان) | ۱۹۹۴ | (۱۵) ڀوپال (مڌيہ پرديش) | ۲۰۰۷ |
| (۱۶) ناگپور | ۱۹۹۸ | | |
| (۱۷) پشڪر (راجستان) | ۲۰۰۰ | | |
| (سرڳواسي گوبند مالهيءَ جي ياد ۾) | | | |
| (۱۸) پچهڙي (مڌيہ پرديش) | ۲۰۰۲ | | |
| (۱۹) کاجوراهو (مڌيہ پرديش) | ۲۰۰۳ | | |
| (۲۰) مانڊو (مڌيہ پرديش) | ۲۰۰۴ | | |
| (۲۱) ڄئپور (راجستان) | ۲۰۰۵ | | |
| (انڊو-پاڪ ليکڪ سيمينار) | | | |
| (۲۲) جوڌپور (راجستان) | ۲۰۰۶ | | |




# ساليانو اِنعامي جلسو

| سال | شهر | مکيہ مهمان |
|---|---|---|
| ٢٠٠٠ | جئپور | راجستان جو گورنر آنشُومان سنگھہ. |
| ٢٠٠٢ | ڀوپال | مڌيہ پرديش جو مکيہ منتري دگوجيہ سنگھہ. |
| ٢٠٠٣ | ڪلڪتا. | دادا جشن واسواڻي. |
| ٢٠٠۴ | بمبئي | فلمي هستي گووند نهالاڻي (ڊائريڪٽر). |
| ٢٠٠٥ | دهلي | ڀارت جو اڳوڻو پرڌان منتري شري اِندر ڪمار گجرال. |
| ٢٠٠٦ | اَحمدآباد | گجرات جو گورنر شري نول ڪشور شرما. |
| ٢٠٠٧ | دهلي | لوڪ سڀا ۾ مخالفت ڌر جو اڳوان ۽ ڀارت جو اڳوڻو ڊپٽي پرائيم منسٽر لال ڪرشڻ آڏواڻي. |

# AWARDS GIVEN BY SABHA (Upto 2007)

## LITERATURE AWARD

**(Prize Sponsored By : MURIJMAL MANGHNANI)**

| Year | Name of Writer | Amount |
|---|---|---|
| 1982 | Popati Hiranandani (Bombay) | 5,000/- |
| 1983 | Mohan Kalpna (Sindhunagar) | 5,000/- |
| 1984 | Inder Bhojwani (Bantva) | 5,000/- |
| 1985 | Sundri Uttamchandani (Bombay) | 10,000/- |
| 1986 | Kirat Babani (Bombay) | 10,000/- |
| 1987 | Moti Prakash (Dubai) | 10,000/- |
| 1988 | Goverdhan Bharti (Ajmer) | 10,000/- |
| 1989 | Ishwar Chander (Ajmer) | 10,000/- |
| 1990 | Ishwar Anchal (Sindhunagar) | 10,000/- |
| 1991 | A.J. Uttam (Bombay) | 10,000/- |
| 1992 | Tara Mirchandani (Pune) | 10,000/- |
| 1993 | Hari Himthani (Ajmer) | 10,000/- |
| 1994 | Kala Prakash (Dubai) | 20,000/- |
| 1995 | Vishnu Bhatia (Bombay) | 20,000/- |
| 1996 | Arjan Sikayal (Sindhunagar) | 20,000/- |
| 1997 | D.K. Mansharamani (Bombay) | 20,000/- |
| 1998 | Dr. Narayan Bharti (Sindhunagar) | 25,000/- |
| 1999 | Vasudev Nirmal (Bombay) | 25,000/- |
| 2000 | Dr. Prem Prakash (Ahmedabad) | 25,000/- |
| 2001 | Gobind Punjabee (Mumbai) | 25,000/- |
| 2002 | Dr. Satish Rohra (Adipur) | 25,000/- |
| 2003 | Dr. Motilal Jotwani (Delhi) | 25,000/- |
| 2004 | Dr. Murlidhar Jetley (Delhi) | 25,000/- |
| 2005 | Prof. Hiro Shewkani (Sindhunagar) | 25,000/- |
| 2006 | Mohan Gehani (Bhopal) | 25,000/- |
| 2007 | Dr. Jetho Lalwani (Ahmedabad) | 25,000/- |

# AWARDS GIVEN BY SABHA (Upto 2007)

## DRAMA AWARD

**(Prize Sponsored By : DILIP V. LAKHI OF LAKHI TRUST**

| Year | Name of Person | Field | Amount |
|---|---|---|---|
| 2000 | Ghanshyam Aswani (Delhi) | Acting | 25,000/- |
| 2001 | Ms. Shiela Sajnani (Mumbai) | Acting | 25,000/- |
| 2002 | Ramesh Mehta (Mumbai) | Acting | 25,000/- |
| 2003 | Srichand Makhija (Mumbai) | Acting | 25,000/- |
| 2004 | Gopal Panjwani (Delhi) | Acting | 25,000/- |
| 2005 | Atam Talreja (Delhi) | Acting | 25,000/- |
| 2006 | Sunder Bhutani (Nagpur) | Drama | 25,000/- |
| 2007 | Suresh Sindhu (Jaipur) | Drama | 25,000/- |

## SINDHI LANGUAGE AWARD

**(Prize Sponsored By : DILIPKUMAR V. LAKHI OF LAKHI TRUST**

| Year | Name of Person | Field | Amount |
|---|---|---|---|
| 2000 | Popati Hiranandani (Mumbai) | Sindhi Language | 25,000/- |
| 2001 | A.J. Uttam (Mumbai) | -do- | 25,000/- |
| 2002 | Kirat Babani (Mumbai) | -do- | 25,000/- |
| 2003 | Dr. Parso Gidwani (Pune) | -do- | 25,000/- |
| 2004 | Indian Instt. of Sindhology | -do- | 25,000/- |
| 2005 | Ram Jethmalani | -do- | 25,000/- |
| 2006 | Sindhi Sangat (Dubai) (Asha Chand) | -do- | 25,000/- |
| 2007 | SES Baba Nebhraj Sr. Sec. School, Delhi | -do- | 25,000/- |

# AWARDS GIVEN BY SABHA (Upto 2007)

## CULTURE / MUSIC AWARD

**(Prize Sponsored By : NOTAN TOLANI, HONG KONG**

| Year | Name of Artist | Field | Amount |
|---|---|---|---|
| 1992 | S.P. Menghani (Mumbai) | Drama | 10,000/- |
| 1993 | Bhagwan Chawla (Mumbai) | Music | 10,000/- |
| 1994 | Anila Sunder (Mumbai) | Dance | 20,000/- |
| 1995 | Dewan Bhojwani (Mumbai) | Painting | 20,000/- |
| 1996 | Madan Jumani (Mumbai) | Drama | 20,000/- |
| 1997 | Kamla Keswani (Jaipur) | Music | 20,000/- |
| 1998 | Rani Karna (Culcutta) | Dance | 25,000/- |
| 1999 | Vishwa Mitra Vaswani (Ujjain) | Painting | 25,000/- |
| 2000 | Mahesh Chandra (Mumbai) | Music | 25,000/- |
| 2001 | Satram Rohra (Mumbai) | Music | 25,000/- |
| 2002 | Ghanshyam Vaswani (Mumbai) | Music | 25,000/- |
| 2003 | Ms. Kaajal Chandiramani (Mumbai) | Music | 25,000/- |
| 2004 | Dushyant Kumar Ahujar (Adipur) | Music | 25,000/- |
| 2005 | Ms. Jaya Vidhani (Delhi) | Music | 25,000/- |
| 2005 | Pawan Kumar (Ahmedabad) | Music | 25,000/- |
| 2007 | Ramesh Rajpal (Sindhunagar) | Music | 25,000/- |

## JOURNALIST AWARD

**(Prize Sponsored By : RAM JAWAHARANI FOUNDATION**

| Year | Name of Publishor | Publication | Amount |
|---|---|---|---|
| 2001 | Dayal Motwani (Ahmedabad) | Jhulelal | 11,000/- |
| 2002 | Shayam Ramrakhiani (Ahm.) | Zindagi | 11,000/- |
| 2003 | Prem Tolani (Sindhunagar) | Sandesh Bharat | 11,000/- |
| 2004 | Kishin Varyani (Mumbai) | Hindu | 11,000/- |
| 2005 | Mangharam Sipahimalani (Mumbai) | Hindwasi | 11,000/- |
| 2006 | Narayan Bharti (Sindhunagar) | Sindhi Times | 11,000/- |
| 2007 | Prem Lakhiani (Nandiad) | Sindhi Bhasha | 11,000/- |

## SINDHIYAT AWARD

**(Prize Sponsored By : BHAGWAN JETHWANI**

| Year | Name of Writer | Field | Amount |
|---|---|---|---|
| 1997 | Sunder Agnani (Jaipur) | Art & Culture | 10,000/- |
| 1998 | Vasudev Sindhu Bharti (Jaipur) | Publicity | 10,000/- |
| 1999 | Rochiram Trathdas (Sindhunagar) | Sindhi Exhibition | 10,000/- |
| 2000 | Sahib Bijani (Adipur) | Publication | 10,000/- |
| 2001 | Chellaram Khiani (Gandhidham) | Language & Lipi | 10,000/- |
| 2002 | Chander Sawnani (Ahmedabad) | Sindhiyat | 11,000/- |
| 2003 | Ram Buxani (Dubai) | Sindhiyat | 11,000/- |
| 2004 | Rochiram Thawani (Nagpur) | Sindhiyat | 11,000/- |
| 2005 | Jairam Rupani (Mumbai) | Sindhiyat | 11,000/- |
| 2006 | Thakur Chawla (Mumbai) | Sindhiyat | 11,000/- |
| 2007 | Satram Mamtani (Delhi) | Sindhiyat | 11,000/- |

# AWARDS GIVEN BY SABHA (Upto 2007)

## DANCE AWARD

**(Prize Sponsored By : ISSAR KALYANI**

| Year | Name of Writer | Field | Amount |
|---|---|---|---|
| 2001 | Divya Raisinghani (Jaipur) | Dance | 11,000/- |
| 2002 | Hina Gursahani (Jaipur) | Dance | 11,000/- |
| 2003 | Ms. Sonu Choudhary (Mumbai) | Dance | 11,000/- |
| 2004 | Ms. Supriya Multani (Jaipur) | Dance | 11,000/- |
| 2005 | Ms. Sudha Bhagchandani (Nagpur) | Dance | 11,000/- |
| 2006 | Ms. Rachna Sunder (Mumbai) | Dance | 11,000/- |
| *(Now this award is sponsored by Govind L.Bhagchandani,Nagpur)* | | | |
| 2007 | Ms. Nidhi Chandani (Bhopal) | Dance | 11,000/- |

# AWARDS GIVEN BY SABHA (Upto 2007)

## SWEETA BABANI AWARD

